
اُجايل خواب
(ڪالم/ مضمون)
انجنئير عبدالحفيظ ڀٽي

# اجايل خواب

(ڪالم/مضمون)

## انجنئير عبدالحفيظ پٽي

**ڊجيٽل ايڊيشن:**

2020ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

سڀ حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ.

**ڪتاب: اجايل خواب**

**ليکڪ: انجنيئر عبدالحفيظ ڀٽي**

**مضمون: ڪالم/ مضمون**

**ڊجيٽل ايڊيشن: 2020ع**

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر**

**books.sindhsalamat.com**

هي ڪتاب ڊجيٽل ايڊيشن جي صورت ۾ محمد سليمان وساڻ، سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام ڪراچيءَ پاران پڌرو ڪيو

# ارپنا

**ڪائنات جي تخليقڪار خداءَ بزرگ و برتر ۽ ان جي در ناياب، مڪنون محبوب حضرت محمد صلعم، حضرت علي ڪرم الله وجه ۽ پنهنجي روحاني استاد ۽ مرشد حضرت واصف علي واصف سان گڏ خدا جي طرف کان ڏنل نعمتن پنهنجي فيملي ميمبرن جن ۾ منهنجو والد صاحب غلام قادر ڀٽي، جيجل امڙ اميران خاتون، پنهنجي پياري ڀاءُ عبدالجبار ڀٽي ۽ ڀيڻ صبا بتول ڀٽي کي ارپيان ٿو. جنهن ادبي فضا کي برقرار رکڻ ۾ دل سان ساٿ ۽ دعائون ڪيون.**

## فهرست


- ❖ سنڌ سلامت پاران
- ❖ مهاڳ
- ❖ ٻه اکر
- ❖ ليکڪ پاران
- ❖ گڏيل قومن جي اداري جي ڪارڪردگي
- ❖ توپي ڊرامو
- ❖ تُنهنجي ياد جي گُهلندر هيِر
- ❖ سنڌ جي بهادر ڪردار شهناز شيخ
- ❖ اِيڪويهين صَدي ۾ ڇَهه هزار سال پُراڻي سِنڌ
- ❖ تاريخ جي عُقب مان تَر ٿيل تاريخ ساز ڪِردار
- ❖ هڪ انسان جو قتل ڪرڻ پوري انسانيت جو قتلام آهي
- ❖ نا انصافين جو باب ڪڏهن بند ٿيندو؟
- ❖ مارئي ۽ ماروي
- ❖ ادب ۾ بي ادب اديب
- ❖ تعليمي تَخيل جي تَنّد تنَواريندڙ ڪِردار خَالد حُسيَّن چَنا
- ❖ گلشن لغاري جي ڪتاب وچڙي ويل زندگي تي تنقيدي نظر
- ❖ عبدالواحد سومرو جون ڪهاڻيون
- ❖ پسيو جنين پاڻ سين
- ❖ سڪندر هاڙهو جي ڪتاب مينهن ڪٽيون تي تبصرو
- ❖ احمد سولنگي جو نظم تنقيد جي تارازي ۾
- ❖ ادبي آلاپ آلاپيندڙ اظهر امر
- ❖ ٻاٽ مان لاٽ ٻاريندڙ شاعره خالده سحر
- ❖ ڪهاڻين جو ڪاريگر هوش محمد پتي
- ❖ سنڌ جي سرهاڻ صنم چانديو
- ❖ ماٺهو مَسّت قَلندرسيما عباسي
- ❖ مٽي ماٽي لايان فرزانا شاهين

- ❖ رنگين روحن جو رهبر ڪلاڪار آصف نظاماڻي
- ❖ روح جي رڻ تي رم جهم گلبدن جاويد مرزا
- ❖ ڪَلجُڳ جي ڦوي شاعره ماهين هيسباڻي
- ❖ علي صفدر جو ناول ماڻهو هڪ جهنگل آ تي هڪ نظر
- ❖ خوبصورت احساسن جي شاعره نِشاءَ ڪنول
- ❖ شبانا نواز عِلم ۽ اِحساس جو اڻ کُٽ سَمنڊ
- ❖ ڊاڪٽر انتساب حسين علم ۽ ماڻهپي جي درسگاهه

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب **”اڃايل خواب“** اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب **انجنيئر عبدالحفيظ پٽيءَ** جي ڪالمن ۽ مضمونن جو مجموعو آهي.

نوجوان ليکڪ انجنيئر عبدالحفيظ پٽي پنهنجي قلم سان هن سماج جي عڪس کي چٽڻ لاءِ ڪالم ۽ مضمون لکيا آهن. سندس هن مجموعي ۾ موجود سيئي ڪالم ۽ مضمون هن درد وندي ديس جي دانهن سان ٽمٽار آهن. سندس هر هڪ صدا، صدين جي صدا آهي. سندس هر هڪ سٽ ۽ لفظ اونداهي لاٽ ۾ واٽ مثل آهن. حفيظ ادب ۾ پير پائڻ سان تمام مختصر عرصي ۾ ادب جي اڙاهگن پيچرن کي سمجهڻ ۾ ڪامياب ويو آهي ۽ انهي سمجه وسيلي سندس مطالعي ۾ جيتوڻيڪ واڌارو ٿيو آهي ۽ هن پنهنجي اُن واڌاري کي لفظن جو ويس پارائي ڪري توهان اسان آڏو پيش ڪيو آهي. هن نوجوان ليکڪ پنهنجي مطالعي هيٺ ايندڙ ڪتابن تي جيڪي ويچار توهان اسان سان ونڊيا آهن. اُهي به پڙهڻ لائق آهن.

عبدالحفيظ پٽيءَ جو هي ڪتاب ڪنهن بہ اداري پاران ڇپيل ناهي، تنهنڪري هن پيار، پاٻوهہ سڪ ۽ اڪير مان سنڌ سلامت ڏانهن موڪليو آهي تہ جيئن آن لائين اپلوڊ ڪري سيني سنڌين تائين پهچايون. پيارا حفيظ، سنڌ سلامت سٿ ۽ فورم اوهان سان گڏ هنن لکڻين کي بہ دلي موٽ ڏيندو.

اوهان سيني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڃاهہ وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

## مهاڳ

# شعور جو ڏِيئو اِئين ئي سدائين ٻرندو رهي

ڪجهه قصا، ڪجهه گهڙيون ۽ ڪجهه يادون اهڙي نوعيت جو ٿينديون آهن. جو اُنهن ڪي وري وري سارڻ سان ۽ سنيالڻ سان من مهڪي پوندو آهي. انسان ٻهڪڻ لڳندو آهي. سندس مزاج ۽ ورتاءُ ۾ هڪ مثبت پهلو نمايا ٿيڻ لڳندو آهي. جنهن پهلو جي نمايا ٿيڻ سان اُن جي سُڳنڌ ساري ماحول کي معطر ڪري ڇڏيندي آهي ۽ سُڳند ڀري سُرهاڻ واري ماحول ۾ انساني ذهن مٿان تخيل جا دروزا کلڻ لڳندا آهن ۽ انساني تصور، نظريا ۽ فلسفا صفحن تي منتقل ٿيندا آهن. اُهي صفحا وقت جي رفتار سان سفر ڪري تاريخ جو حصو ٿي ويندا آهن ۽ تاريخ اهڙن موتين هاڻ ماڻهن کي پنهنجي جهولي ۾ جاءِ ڏيڻ سان گڏ ڪين هميشه لاءِ ياد رکندي آهي. اِهڙي ئي نموني شعور جا ڏيئا ٻرڻ شروع ٿيندا آهن ۽ خيال هڪ ذهن کان نه جاڻ ته الائي ڪيترن ذهنن تائين منتقل ٿيندا آهن.

بلڪل اَهڙي ئي هڪڙي ڪوشش اسان جي پياري، نوجوان ساٿي ۽ ليکڪ انجنئير عبدالحفيظ ڀٽي به ڪئي آهي. جنهن پنهنجي قلم سان هن سماج جي عڪس کي چٽڻ لاءِ ڪالم ۽ مضمون لکيا آهن. عمومن چيو ويندو آهي ته ڪالم جي زندگي هڪ ڏينهن آهي. اخبار جي شايع ٿيڻ سان ڪالم به نمايا ٿيندو آهي ۽ جڏهن شام جي وقت اخبار جي افاديت پوري ٿيندي آهي ته ڪالم به پراڻو ٿي ويندو آهي. حالانڪ ائين ڪونه آهي. ڪالم پنهنجي نوعيت ۾ معلومات جو خزانو هوندا آهن. ڪالم لکڻ وقت ڪالم نگار کي ڳوڙهو اڀياس ڪرڻو پوندو آهي. سندس ڪالم ۾ جنهن به پهلو تي ڪالم نگار کي ڳالهائڻو هوندو آهي انهي پهلو جي هر رُخي اڀياس ڪري پوءِ ئي ڪالم نگار کو متن جوڙيندو آهي ۽ ڪالم جي پڇاڙي ۾ وري انهي سُڄي ڳالهه کي سموئي ڪري نتيجو اخذ ڪرڻ يا وري مطلب کي واضع ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. تڏهن ئي وڃي ڪري ڪو اثرائتو ۽ معلومات سان سرشار ڪالم تيار ٿيندو آهي. سندس هن مجموعي ۾ موجود سيئي ڪالم ۽ مضمون هن درد وندي ديس جي دانهن سان ٽمٽار آهن. سندس هر هڪ صدا، صدين جي صدا آهي. سندس هر هڪ سٽ ۽ لفظ اونداهي لاٽ ۾ وات مثل آهن. حفيظ بنيادي طور جيٽوٽيڪ انجنيئر آهي. پر تڏهن به سندس لڳاءُ ادب سان ائين آهي جئين مڇي جو پاڻي سان لڳاءُ هوندو آهي. حفيظ ادب ۾ پير پائڻ سان تمام مختصر عرصي ۾ ادب جي اڙاهگن پيچرن کي سمجهڻ ۾ ڪامياب ويو آهي ۽ انهي

سمجهه وسيلي سندس مطالعي ۾ جيتوڻيڪ واڌارو ٿيو آهي ۽ هن پنهنجي اُن واڌاري کي لفظن جو ويس پارائي ڪري توهان اسان آڏو پيش ڪيو آهي. هن نوجوان ليکڪ پنهنجي مطالعي هيٺ ايندڙ ڪتابن تي جيڪي ويچار توهان اسان سان ونڊيا آهن. اُهي به پڙهڻ لائق آهن.

ڪتابن تي لکيل سندس سيئي مضمون/ تبصرا مذڪوره ڪتابن جي اهميت ۽ افاديت کي واضع ڪن ٿا. اِها ساڳي روايت نوجوان نسل ۾ مطالعي جي شوقين هر هڪ فرد کي به اپنائڻ گهرجي ته جيڪي به ڪتاب ماڻهو جي مطالعي ۾ اچن ٿا. انهن تي اعتدالي نموني پنهنجو رايو ضرور پيش ڪجي ته جئين ڪتاب جي ليکڪ کي وقت سر اهو معلوم ٿي سگهي ته سندس محنت ڪيتري قدر ڪامياب وئي آهي ۽ جيڪڏهن ڪا ڪمي يا ڪوتاهي ڪتاب ۾ رهجي به وڃي ٿي ته اُن جو به آئينده ليکڪ ۽ پبلشر طرفان خيال ٿي سگهي ۽ سگهو ئي اُنهي غلطي يا ڪوتاهي کي درست ڪري سگهجي. هن ڪتاب جي مڙني خصوصيتن منجهان هڪ خصوصيت هي پڻ آهي ته هن ڪتاب جي منڍ واري ڪالم جو عنوان" گڏيل قومن جي اداري جي ڪارڪردگي" آهي.

اِن ڳالهه مان اِها شئي واضع ٿئي ٿي ته هن ڪتاب جي ليکڪ جو مشاهدو عالمي سطع جو آهي ۽ هُو پنهنجي آس پاس جي ماحول سميت عالمي منظر نامي تي به گڏوگڏ ويچاريندو هلي ٿو ۽ ضرورت آهر انهن عنوانن تي لکندو به رهي ٿو. هڪ ليکڪ جو مطالعو ۽ مشاهدو ايترو وسيع هجڻ به گهرجي ڇو ته سندس اصلي ڪم آهي ئي اِهو ته هُو پنهنجي پڙهندڙن کي مڙني موضوعن تي غور ۽ فڪر ڪرڻ واري واٽ ونرائي.

ليکڪ کان وٺي مطالعي ڪندڙ تائين هر هڪ فرد جيتري وسيع نظر ۽ وسيع مطالعو ڪندڙ هوندو سندس آس پاس بهتري جي برپا ٿيڻ جا موقعا به اوتري ئي قدر وڌڻ شروع ٿيندا. ڇو ته انساني نظريا، فلسفا ۽ عقيدا هڪ ذهن کان ٻي ذهن تائين ۽ هڪ صفحن کان ٻين صفحن تائين جو سفر گڏوگڏ ڪندا هلن ٿا ۽ اُنهي سفر کي سڦلتا تڏهن ئي ملي ٿي جڏهن اِهي نظريا، فلسفا يا عقيدا مجموعي طور اجتماعي حالت ۾ عمل ۾ اچن ٿا. ادب ۾ لکڻ لاءِ جهڙوڪ ڪجهه صنف مقرر ٿيل آهن. جن مان هڪ کي نظم ۽ ٻي کي نثر چيو ويندو آهي. نظم ۾ شاعري جا سيئي نمونا اچي وڃن ٿا ۽ وري نثر ۾ مضمون نويسي، ڪالم نگاري، تبصرا، آتم ڪٿائون، تحقيق ۽ تنقيد جا قسم شمار ٿين ٿا.

هن مجموعي ۾ ڪجهه ڪالم شخصيتن تي به لکيل آهن. ڪنهن به شخصيت کي پڙهندڙن آڏو پيش ڪرڻ ۽ انهن جي علمي، ادبي توڙي سماجي ڪمن کي نروار ڪرڻ به سنو عمل آهي. هن مجموعي ۾ جن به شخصيتن تي تعارفي ڪالم لکيل آهن سي

حقيقت ۾ به مان لهڻا آهن. ڇو ته ڪنهن به قلمڪار کي متاثر ڪرڻ سماجي توڙي سياسي ۽ علمي ادبي شخصيتن لاءِ هڪ سنو سَوَڻ آهي. ادب جي دنيا ۾ ايتري ته وسعت آهي جو توهان تعميري تنقيد سان گڏ علمي ۽ منطقي ڳالهين کي دليلن سان نه صرف پيش ڪري سگهو ٿا پر انهن جي بنياد تي توهان سامهون واري شخص جي ڪيل ڪم جي معيار، اهميت ۽ افاديت کي به چيڪ ڪري سگهو ٿا.
انهي طريقي سان اسان جي نوجوان دوست ۽ ليکڪ انجنئير عبدالحفيظ پيٽي پنهنجي لکڻ واري واٽ سان محترم عطا راڄڙ، محترمه شهناز شيخ، ناليواري ليکڪ محترمه پروين موسىٰ ميمڻ، محترمه ڊاڪٽر ماروي پليجو، محترم خالد حسين چنه ۽ نوجوان ليکڪ اظهر امر متعلق سُٺا ۽ جامع ويچار ونديا آهن. جن کي پڙهڻ کان پوءِ اِها ڳالهه شعور ۾ ويهي ٿي ته جن به ماڻهن سماج جي بهتري ۽ بهترين سماج اڏڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي. تاريخ نويس توڙي تاريخ جوڙيندڙ هر هڪ گهڙي، انهن تاريخ ساز شخصيتن جو تذڪرو ڪٿان نه ڪٿان، ڪنهن نه ڪنهن ليکڪ جي قلم جي نوڪ مان ڪرائي ٿي. ڇو ته تاريخ ڪڏهن به احساس فراموش ڪونه ٿيندي آهي. انهي سان گڏوگڏ انجنئير عبدالحفيظ پيٽي ڪجھ ڪتابن تي تنقيدي نهار سان گڏوگڏ انهن جي اهميت تي به جامع انداز ۾ گفتگو ڪيو آهي.
سندس ڪيل تبصرن ۾ جيڪو پهريون تبصرو آهي سو آهي محترمه گلشن لغاري جي شاعري جي مجموعي "وڇڙي ويل زندگي". هن ڪتاب تي ليکڪ، تنقيدي مضمون لکيو آهي ۽ ڪمال جي ڳالهه اِها آهي جو تنقيد نگار ڪتاب جي سرورق کان وٺي ڪري سندس نالي تي به اعتراض ورايو آهي ۽ انهي اعتراض کي خالي ڏيکارڻ جي بجاءِ لکي ٿو: " ڪتاب جي سرورق کان وٺي ڪري نالي ۾ وڏو فرق آهي. وڇڙي ويل زندگي نالي جو مفهوم پاڻ ڪيون ته زندگي الوداع ڪري وئي. مطلب ته موت جي عمل ۾ داخل ٿي وئي. پر هتي شاعره حال حيات ۽ زندگي سان گڏ رهي ٿي". اِهڙي ئي نموني محترم احمد سولنگي جي نظمن کي به تنقيد جي تارازي ۾ رکي ڪري اسان جي دوست توريو آهي. انجنئير عبدالحفيظ پيٽي وٽ تنقيد جون سيئي تقاضائون آهن ۽ اُهو اسلوب به آهي.
جنهن اسلوب سان ڪنهن به ڪتاب تي تنقيد ڪيو ويندو آهي. تنقيد جو اصلي معيار به اِهو آهي ته ڪنهن به ڪتاب جي سرورق کان وٺي ڪري سندس آخري صفحي تي مفصل نموني گفتگو ڪيو وڃي ۽ اُن ڪتاب ۾ جيڪي ڪچايون، ڦڪايون ۽ مڻايون هجن انهن کي واضع ڪجي ته جئين ڪتاب هر حوالي سان پڙهندڙن آڏو چٽو هجي. تڏهن ئي اُن کي تعميري تنقيد چئبو. شاعري جي چاشني سان گڏ جيڪڏهن کهاڻين

جو مزاج بہ منو هجي تہ يقينن ماڻهو اُنهن ڪهاڻين کي بہ دل جي اکين سان پڙهي ٿو ۽ انهن تي هڪ جامع راءِ بہ جوڙي وٺي ٿو. هڪ اِهڙي راءِ جيڪا پڪي ۽ پختي راءِ هجي ٿي. جيڪا راءِ ڪهاڻي جو روح هجي ٿي ۽ ڪهاڻيڪار لاءِ اُتساهہ جي ڳُل مثل، جنهن ڳُل کي هٿ ۾ قابو ڪرڻ سان ٻين ڳلن لاءِ اُڪير وڌڻ شروع ٿئي. ٽانگ نہ لڌي ٽُارئين، مُپ نہ ماٽيئڙڻ (شاهہ). اسان جي نوجوان دوست انجنئير عبدالحفيظ پيٽي ڪهاڻيڪار سڪندڙ هاڙهو ۽ عبدالواحد سومرو جي ڪهاڻين جي مجموعن تي بہ سُٺي نهار وڌي آهي. سندس مضمون " پسيو جنين پاڻ سين" بہ انتهائي ليائيندڙ مضمون آهي. هي مضمون هڪ اِهڙي جاڪوڙي ڪردار جي تخيل بابت لکيل آهي جنهن شخصيت کي آئون ذاتي طور بہ ڪُجھ عرصي کان سُڃاڻان ٿو ۽ سندس علمي توڙي ادبي جاڪوڙ مان ڪنهن قدر مطمئن بہ آهيان.

انجنئير عبدالحفيظ پيٽي جنهن بہ تخليقڪار تي لکيو آهي انهن تخليقڪارن جو پنهنجي مضمون ۾ مختصرن تعارف ڪرائي پوءِ ئي اڳتي وڌيو آهي تہ جيئن پڙهندڙ تخيل سان گڏوگڏ تخليقڪار متعلق بہ معلومات رکي سگهن تہ آيا اُن شخصيت ادب جي دنيا ۾ ڪيتري قدر نور نچوئيو آهي. سنڌي ادب ۾ پراڻن ليکڪن ۽ نوجوان توڙي نون لکندڙن جي وچم هڪ وڏو خال گهٽي عرصي کان موجود آهي. جنهن جو ذڪر پڪا، پوڙها ۽ نئي ٿهي جا ليکڪ بہ مختلف ادبي گڏجاڻين ۽ ويهڪن ۾ ڪندا رهندا آهن. پر اُن جي باوجود اِهو خال ڀرجي نہ سگهيو آهي. جيڪا ڏک ڏيندڙ ڳالهہ آهي.

روز ازل کان جيئن جو تيئن ئي اِها وڇوٽي موجود آهي. نوجوان پنهنجي منهن سان لکن بہ ٿا، پڙهن بہ ٿا ۽ مختلف صنفن تي طب آزمائي بہ ڪن ٿا ۽ اِنهي نموني وري پڪا، پوڙها ۽ ڪڙپيل اديب توڙي ليکڪ، پاڻ کي دانشور سڏرائيندڙ سڀ مها ليکڪ بہ پنهنجي هم عمر ۽ هم اثر ليکڪن جي ڪتابن جا مهاڳ، ديباچا ۽ مقدما لکڻ ۾ مصروف عمل آهن. مطلب تہ اِهو جهان مڙئي ائين هلي پيو. ادب جو گاڏو ٺوري دعا ۽ ٺوري دوا سان پيو سفر مڪمل ڪري. جيڪڏهن نوجوان ليکڪ پراڻن اديبن ڏانهن مواد چڪاسڻ لاءِ موڪلن ٿا تہ هڪ سئو لفظن واري مضمون ۾ اُهي اديب صاحب ڏيڍ سئو غلطيون ڪڍي ڪري لکاري جو ارواح ئي ڪٽائي ڇڏين ٿا. جنهن جو منفي نتيجو اڳتي هلي اِهو نڪرندو آهي تہ ادب ۾ طب آزمائي ڪرڻ وارن نوجوانن کي ليکڪ ٿيڻ جو موقعو ئي نہ ملي سگهندو آهي. سنڌ جا مجموعي طور وري پبلشر ايڏا تہ پلا آهن جو اُهي نئي ٿهي جي لکندڙن کي نہ ئي ڪو موقعو فراهم ڪن ٿا ۽ نہ ئي ڪين اڳتي اچڻ توڙي سندن ڪتابن جي ڇاپڻ ۾ ڪا خاص رعايت ڏين ٿا. جيڪڏهن ڪو نوجوان ليکڪ ڪتاب ڇپائڻ جو ارادو ڪري بہ ٿو تہ، ڪتاب ڇپائڻ وارن ڪنن مرحلن

بابت معلومات حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ سندس مزاج ئي متجي وڃن ٿا. ان لاءِ ڪوڙ سارن تخليقڪارن جون پڪيون ۽ پختيون تخليقون ۽ مُسَودا مٿي حوالي ٿي ويا آهن.
وري بہ جس هجي سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي سموري سٽ کي جن سنڌي ادب سان لاڳاپيل فردن کي موبائل فون ۾ ڪتابن جي دستيابي جي حوالي سان هڪ موثر ۽ آسان گس فراهم ڪيو آهي. جتي مطالعي جا شوقين پنهنجي پسند مطابق ڪتاب اُتان ڪڍي ڪري پڙهي سگهن ٿا ۽ انهن جي علم ۾ اضافو پڻ ٿيندو رهي ٿو. سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي سموري سٽ جون محنتون ۽ سچائي توڙي خلوص قابل داد ۽ قابل تحسين آهي.
آئون انهن جو شيدائي آهيان، علم جي واٽ ۾ اِها لاٽ ائين ئي هميشہ ٻرندي رهي. آخر ۾ انجنئير عبدالحفيظ پتي کي دل جي حضور مان ڪوڙ ساريون واڌايون هجن تہ هن جاکوڙي نوجوان پنهنجو نور نچوئي ڪري ورقن تي پنهنجي خيالن کي اوتيو آهي. سندس قلمي پورهيو سنڌ اندر پڙهندڙن وٽ قبول پوندو ۽ ڪيس سنڌ واسين ڪان مانائتي موٽ ملندي. انهي دعا سان گڏ ائين چوندس تہ سدائين گڏ، موڪلاڻي ناهي، سنڌ موجود

**يوسف جميل لغاري**

ٺري ميرواهہ

## ٻه اکر

# بند ڪمري ۾ ڏيئي جيان عبدالحفيظ پٽي

پڙهڻ سان گڏ لکڻ جو هڪ الڳ مزو آهي، پڙهڻ کان پوءِ لکڻ منهنجي فطرت آهي. انهي فطرت کي نظر ۾ رکندي مون ٿورو پڙهي گهڻو ڪجهه لکيو آهي. لکڻ کي هاڻ پنهنجي فطرت جو حصو سمجهان ٿو. ڪتابن کي پڙهي ڪتابن تي لکڻ ذات ۽ ڏانءُ جو ڪمال آهي. مون سميت لکندڙ نوجوانن ۾ ڪنهن ڪنهن جا نانءَ ڪٿان. جن جا نانءَ ڪٿندس ته پنا کُٽي پوندا، نانءَ نه کُٽندا، انهن اڻڳڻيا نانءَ مان هڪ نانءَ انجنيئر عبدالحفيظ پٽي جو پڻ آهي. عبدالحفيظ پٽي جو تعلق شهدادڪوٽ ضلعي سان آهي. تمام حساس طبيعت جو مالڪ هجڻ ڪري سندس ڳالهين مان به معصوميت وارو لهجو نظر اچي ٿو. هن وقت جيڪي نوجوان تمام گهڻي تيز رفتار سان لکي رهيا آهن، انهن ۾ عبدالحفيظ پٽي به هڪ آهي. حفيظ وٽ لکڻ جي جيتري ڏات آهي، اوترو ئي وري هن کي لکڻ جو ڏانءَ پڻ آهي. حفيظ جي لکڻ جو اندار مون کي بيحد وڻندو آهي. لکجي تي اهڙو لکجي جو زمين پيرن هيٺان نڪري وڃي. ڪالهه جڏهن حفيظ پٽي واٽسپ ۾ پي ڊي ايف فائيل موڪلي چيو ته اظهر امر هي منهنجو ايندڙ ڪتاب آهي، انهي تي ٻه اکر لکي ڏيو تڏهن مان دلي طور خوش ٿيس. ٿورو پريشان پڻ ٿيس، خوش انهي ڪري ٿيس ته ڪنهن نوجوان جو ڪتاب منظر عام تي اچي ٿو ۽ حيران انهي ڪري ٿيس ته مان هن ڪتاب تي پنهنجو تاثر ڪيئن لکندس، مان پتڪڙو ليکڪ، حفيظ موجود وقت جو تمام سنو لکندڙ سنو ليکڪ آهي. انهي جي ڪتاب تي مان ڪيئن لکندس. خير پي ڊي ايف فائيل کولي پڙهي لڳس، لکڻ لاءِ سوچيندو رهيس، ڪٿان کان شروع ڪيان، ڪيئن لکان، نيٺ ڪتاب جي مطالعي کان پوءِ قلم کڻي لکڻ لاءِ وينس. تڏهن لفظن جي سمنڊ ۾ غوطا کائيندو رهيس، غوطا کائيندي کائيندي نيٺ لفظ جي سمنڊ مان لفظن جو طويل سلسلو کڻي ٻاهر نڪتس ته حفيظ جي ڪتاب جو تاثر لکڻ شروع ڪيم. تاثر جي شروعات ڪٿان کان ڪيم جتان کان ڪيم قابل قبول ڪجو. انجنيئر عبدالحفيظ پٽي جو ڪتاب "اجايل خواب" ڪالمن ۽ مضمونن تي مشتمل آهي، نثر جي تاريخ تي نظر ڦيرائبي ته خبر نه پوندي، نثر لکجڻ ڪڏهن کان شروع ٿيو؟ ڪنهن جي دور ۾ ٿيو؟ انهي بابت تحقيق ڪرڻ باقي آهي. مضمون، ڪالم،

مقالا ،ڪهاڻيون وغيره نثر جو حصو آهن. انهي نثر تي هن مهل تائين هزارين ڪتاب شايع ٿي پنهنجي پنهنجي منزل ماڻي چڪا آهن. تن مان ڪي ڪتاب ايوارڊ يافته پڻ آهن. انجنيئر عبدالحفيظ ڀٽي جي ڪتاب ۾ شامل مختلف عورتن تي لکيل مضمون ڪتابن تي تجزيا وغيره ڪتاب جو حصو آهن. احمد سولنگي جو نظم تنقيد جي ترازي ۾، سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي سرواڻ احمد جي نظم تي به تنقيدي تجزيو لکي بهترين ڪم ڪيو آهي، گلشن لغاري جي ڪتاب وڇڙي ويل زندگيءَ تي تنقيدي نظر، تنهن کان سواءِ ٿوپي ڊرامو مضمون ۽ سنڌ جي بهادر ڪردار شهناز شيخ تي مضمون، تنهن کان سواءِ عبدالواحد سومري جي ڪهاڻين ڪي هڪ گهيري نگاهه سان ڏٺو آهي. انهي کان سواءِ ٻيا به ڪافي مضمون ڪتاب جو حصو آهن. ادبي حلقن ۾ جتي نوجوانن کي چيپاڻ جي ڪوشش ٿي رهي آهي، هتي نوجوان پنهنجا قدم پنهنجو وکون تڪڙيون تڪڙيون کڻندا، سيني تنقيدن کي رد ڪندا اڳتي وڌي رهيا آهن. نوجوانن کي اڳتي وڌڻ ڪپي ڪجهه اهڙا ليکڪ هن وقت نوجوان کي پوئتي ڌڪڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. اُهو صرف انهي ڪري تي نوجوان اڳيان اچي، اسان جي جاءِ نه ولارين. انهي ڪري مان اڪثر نوجوانن کي اُهو چئي همت افزائي ۽ اتساهه ڏيندو رهان ٿو ته اوهان اڳتي وڌو، اڳتي اچو، ڇڏي ڏيو انهن بدبخت ماڻهن کي، جيڪي اوهان جي تخليق کي گهٽ سمجهن ٿا. عبدالحفيظ ڀٽي جي ڪتاب اڃايل خواب ۾ شامل مضمون، سنڌ جي مختلف اخبارن ۾ شايع ٿيل مضمون آهن. تن کي حفيظ ڪتابي صورت ڏئي تمام وڏو فخر داد ڪم ڪيو آهي جس لهو پيارا حفيظ، انهي کان پوءِ مان ٿورائتو آهيان پياري حفيظ ڀٽي جو جنهن مون کي ڪتاب تي رايو لکڻ لاءِ موقعو فراهم ڪيو، اميد ٿو ڪيان هي ڪتاب ادبي حلقن ۾ بهترين ڪتاب ثابت ٿيندو.

**اظهر امر**

ٽنڊو الهيار سنڌ پاڪستان

پنهنجي پاران

# دل جي ديوار تي چٽيل عڪس

زندگي ڪي جيڪڏهن اکرن ۾ بريڪ/ٽوڙي ڪري ڏسبو ته زندگي جي پهرين اکر سان ڪيترائي لفظ ملندا. جن ۾ زهر/ زنگ/ زنجير ۽ ڪوڙ ٻيا. زهر/ زنگ/ زنجير لفظن ۾ گهٽ ۽ ٻوسٽ جو نوحو پسي سگهجي ٿو، هڪ ٻئي پرسپيڪٽو/ زاويي ۾ ڏسجي ته زندگي زنده دلي سان رهڻ جو نالو به آهي. زنده دلي جي گهري معني ڪڍون ته تڪليفن ۽ غمن کي وساري بهادري سان منهن ڏئي اڳتي وڌڻ جو نالو زندگي آهي. هن سڄي ڌرتي جي وايو منڊل تي انيڪ معجزا ٿيا ته ڪٿي وري محنتن رنگ لاتو، ته ڪٿي وري نيڪ نيتي جو لاڀ پانو پيو. مطلب ته سڀ فڪشنس انسانن لاءِ ۽ انسان انهن فڪشنس جي وچ ۾ انسانن لاءِ متحرڪ ڪردار ادا ڪري ٿو. جنهن کي اسين زندگي جو ناءُ ڏيون ٿا.

منهنجي زندگي ۾ شروعات کان وٺي ڪنهن حد تائين انيڪ سوال جنم وٺندا رهيا آهن. جن مون کي پنهنجي ئي سوچ جي زاويي مطابق پاڻ کان ئي انهن جا جواب مليا آهن انهن جوابن کي سمجهڻ کان پوءِ مون لکڻ جو رستو اختيار ڪيو. هڪ ليکڪ جي دل مان آءِ چڱي ريت واقف آهيان ته هو ڪهڙي ريت لکڻ تي مجبور ٿئي ٿو. مون جڏهن لکڻ شروع ڪيو هو ته ان وقت خيال منهنجا سنا دوست بڻجي ڪري منهنجي مدد ڪئي ۽ روح خود ان جم گفير مخلوق سان پريل وجودن ۾ تنهائي جو ماحول نهرائي مون کي لکرايو ڇو ته روح پنهنجي جسم جو ڊرا ئيونگ فورس آهي. جنهن جي حڪم/ طاقت سان پاڻ حرڪت ۾ اچون ٿا. روح خدا جو امر آهي ۽ منهنجي لکڻ ۾ منهنجي مالڪ جي مهرباني شامل آهي، نه ته ڪٿي پيو ايترا مضمون لکي سگهيس ۽ اڄ جڏهن اهي مضمون ڪتاب جي شڪل ۾ مجموعو بڻجي اکين اڳيان پهتا آهن ته روح ۽ خيال مستي جي محور ۾ گم ٿي ويا.

هن ڪتاب ۾ جيڪي به مضمون/ مقالا/ تبصرا شامل آهن سي سڀ منهنجي دل سان لکيل ۽ شوق جون حدون ڪراس ڪندي وڏي چاه سان مون لکيا (وڌيڪ ادبي دوست پڙهي اندازو لڳائي سگهن ٿا). ادبي شوق جسم جي حصن جيان ڳنڍ ڳنڍ آهي. سنڌ جي مڙني اديبن/ شاعرن/ شاعرائن تي لکيل مضمونن جو هي مجموعو يقينن منهنجي

زندگي جو اجايل خواب هو. جنهن کي خدا پاڻ پاڻي ڏئي سرسبز ڪيو آهي. ان خوشي جو ڪاٿو نہ ٿو لڳائي سگهان. منهنجي زندگي ۾ منهنجي دل تي چٽيل عڪس اڄ بہ چٽيل آهن. جيڪو مون کان ناهي وسرندو ان ۾ ڪو چهرو چنڊ جيان چمڪندو آهي جنهن جي روشني جي جاودان سان منهنجو جيون روشن آهي. منهنجو مامو مرحوم غلام عباس پٽي (شاعر) هي ڪتاب ان جي دعائن جو ئي نتيجو آهي. هن جو چٽيل عڪس مون کي چنڊ جي چانڊني ۾ ملندو آهي. جنهن جو انتظار آءُ شام جي سج لهڻ کان وٺي رات جي آخري پهر تا ئين ڪندو آهيان. ان سان اڏوري ٿيل گفتگو چنڊ جي چانڊني سان ڪندو آهيان. ان چانڊني جو اثر دل تي چٽجي ويو آهي ۽ ان سان گڏ منهنجو ڏاڏو مرحوم فيض محمد پٽي جنهن سان جڏهن بہ ڳوٺ ملڻ ويندو هيس تہ زندگي جون مختلف اميدون آڪاٽين جي صورت ۾ ٻڌائيندو هو ۽ ان وقت جو ويچار تہ ڪهاڻي ڪيئن لکبي آهي؟

اهو ادبي شوق بہ عروج تي اچي ان ڪتاب ۾ ڏسي سگهجي ٿو. هي ادبي پورهيو سنڌ جي ادبي سمنڊ ۾ قطري جيان اثر رکي ٿو ڇو تہ ادب جي دنيا هڪ وسيع دنيا آهي. جتي هر گهڙي ڪم جاري و ساري آهي. هن ڪتاب ۾ سنڌ جي مڙني اديبن جي ڪتابن ۽ شخصيت تي سرجيل مضمون آهن. خاص ڪري عورتن جي مضمون جو مقدار گهٽي ياڳي ملندو. ان جي لکڻ جو وڏو سبب اهو آهي تہ ان وقت منهنجي بنيادي تربيت منهنجي ماء (هڪ عورت) ڪئي آهي ۽ آئون هن دجالي دنيا ۾ ساهہ کڻڻ جهڙو ٿيس باقي سماجي معاملا بہ عورتن جي اڳيان وقتن بہ وقتن ايندا وڃن ٿا. جن سان هن معاشري جي بنيادي بيهڪ سندس جي واڳ عورت جي ئي هٿن ۾ آهي. ادبي ڪمن ۾ مشغول رهڻ يا دوستن سان رهاڻ ۾ گڏ هجڻ سان ٿورو گهٽو گهريلو ڪم متاثر ٿئي ٿو ان ڏس ۾ منهنجي فيملي جن ۾ امان ۽ بابا غلام قادر پٽي وڏي ڀاءُ عبدالجبار پٽي جي مڪمل سپورٽ شامل هئي ۽ آهي ۽ ان سان گڏ روح ۽ خيال جهڙن دوستن ازلي ساٿ ڏنو آهي فطري/ آفاقي دوست تہ جمندي گڏ هيا پر دنيا ۾ هلندي هلندي ڪجهہ اهڙا ماڻهو بہ مليا جن خيال ۽ روح کي عروج ڏنو/ صلاح ڏني/ سپورٽ ڪئي/ ساهہ ڏنو/ راهہ ڏني.

انهن ۾ پيارو دوست اظهر امر جنهن جي ڪتاب کي ڏسي منهنجي بہ دل ڪتاب آڻڻ تي گهريو ۽ ان ڏس ۾ اظهر جي محبت ۽ سپورٽ ڪڏهن بہ نہ وسرندي جنهن ڪتاب

تي تاثر لکي پنهنجي بي لوث محبت ۽ عشق جو عظيم تاثر پيش ڪيو آهي. آئون سندس تهہ دل سان احسان مند آهيان. ڪتاب جي ڪمپوزنگ ڪان وٺي سيٽنگ/ سرورق/ نالي ۽ خوبصورتي جي پاڇي ۾ جنهن سمايو ان دلربا دوست جو نالو يوسف جميل لغاري آهي. يوسف جميل کي گهڻي عرصي کان مان پڙهندو اچان ٿو. جنهن جي لکڻين جو ديوانو آهيان ۽ ان جي لکڻين ۾ مون غريب جي ڪتاب ۾ ان جو مهاڳ شامل ٿيڻ ڪنهن غنيمت کان گهٽ ڪين آهي.

سنڌ ۾ اهڙا ماڻهو تمام گهٽ آهن. جن لالچ کان هٽي ڪري بي لوث عشق سان ڪم ڪيو آهي ۽ سڄي دنيا ۾ ادب کي ٽيڪنيڪل ۽ ويب پورٽل ذريعي پي ڊي ايف فارميٽ ۾ ڪتابن کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچايو آهي. ان ڏس ۾ محمد سليمان وساڻ (چيف ايڊيٽر اعزازي، سنڌ سلامت ڪتاب گهر) جو نالو بہ تاريخ جي سنهري ورقن ۾ لکيو ويندو. سليمان وساڻ جي بي حد محبت بہ ياد رهندي جنهن منهنجو هي ڪتاب ”اڃايل خواب“ کي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ شامل ڪيو. ادب جي وسيع وادي جو آئون هڪ ڪوٽو سکو آهيان. پڙهندڙن جي اڳيان هي مجموعو پيش ڪيان ٿو، ان زاويي سان تہ پنهنجي قيمتي رايي سان نوازيندا.

**انجنيئر عبدالحفيظ پٽي**

شهدادڪوٽ

033-22016227

# گڏيل قومن جي اداري جي ڪارڪردگي

جنگ جي تباهين ڪان ڪير واقف ناهي، ٻي مهاڀاري جنگ (1939-45) جي وچ واري عرصي ۾ وڙهي وئي هئي، انهي جنگ جي لنگ ڪانداريندڙ نتيجن کي ڏسندي ئي آمريڪا، برطانيا روس، فرانس ۽ ٻين ڪيترن ملڪن آئينده جنگ نه ڪرڻ ۽ امن قائم رکڻ لاءِ صلاحون ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيون، انهن ڳالهين ٻولهين جو نتيجو اهو نڪتو جو اتفاق راءِ سان 24 آڪٽوبر 1945 ع تي گڏيل قومن جي نالي سان هڪ عالمي ادارو قائم ٿيو اهو ادارو يونائيٽيڊ نيشنس يو، اين (United Nations U-N ) جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو.

گڏيل قومن جي قائم ٿيڻ جو مقصد ئي انسان ذات جي خدمت ڪرڻ آهي هن اداري عالمي انسانيت کي هڪ اهڙو پليٽ فارم مهيا ڪيو جنهن جي وسيلي هر ننڍو وڏو، امير غريب ،ترقي يافته ۽ ترقي پذير ملڪ بين الاقوامي مسئلن تي آزاد ماحول ۾ برابري جي بنياد تي خيالن جي ڏي وٺ ڪري سگهن ٿا ۽ پنهنجي موقف جو اظهار پڻ ڪري سگهن ٿا. ان ۾ مادي وسيلن ۽ فوجي طاقت جي ڪا حيثيت ناهي، جڏهن سڄي دنيا جي حالتن جي پس منظر ۾ اسان گڏيل قومن جي ڪارڪردگي جو جائزو وٺون ٿا ته ان جي ڪردار ۾ هڪ واضع فرق نظر اچي ٿو هڪ طرف ته گڏيل قومون غير مسلم ملڪن جا مسئلا حل ڪرڻ ۽ انهن جي استحڪام لاءِ ڏاڍي فعال نظر اچي ٿي پر ٻي طرف مسلم ملڪن جا مسئلا حل ۾ مخلص نظر نه ٿي اچي. جيڪڏهن معاملو رواندا جهڙي ننڍڙي ملڪ ۾ گهرو ويڙهه جو آهي ته اتي گڏيل قومون بنا ڪنهن دير جي امن فوج موڪلي ڇڏي ٿي پر ڪشمير جي مسلمانن جي قتل عام تي تنائڻ ڪان ڪم ورتو پيو وڃي. ان طرح اسرائيل اٽڪل 40 سالن تائين پنهنجي پاڙيسري مسلم ملڪن شام، مصر ،اردن ۽ فلسطين جي علائقي تي خود قبضو ڪري رکيو آهي. هن مهل تائين گڏيل قومن ڪا به ڪاروائي نه ڪئي آهي. هوڏانهن عراق ڪويت جي سرزمين تي قدم رکيو ته ان جي خلاف ترت فوجي ڪاروائي عمل ۾ آندي وئي. فقط اهو ئي نه پر قبرص جي مسلمانن ۽ افغانستان جي سلسلي ۾ گڏيل قومن جي عملي ڪاروائي ڪرڻ ڪان پاسو ڪرڻ اسان سڀن جي سامهون آهي.

بوسنيا هرزيگووينا ان سلسلي جا سڀ کان اهم مثال آهن اهو ملڪ يورپ جي دل ۾ واقع آهي رڳو مسلمان اڪثريت جي ڪري گڏيل قومن جي جوڳي ڌيان کان وانجهيل هو ان ملڪ جي مسلمانن کي وڏي پيماني تي قتل ڪيو ويو انهن جي علائقن تي قبضا ڪيا ويا لڄالٽ ڦرمار ۽ هر قسم جا ظلم ڪيا ويا. ان جي باوجود گڏيل قومن ڪابه فوجي ڪاروائي ڪرڻ لاء تيار نه هيون. ان کي ڏسندي مسلمانن جي باري ۾ گڏيل قومن جي ڪردار جي باري ۾ ڪابه راءِ پيش ڪرڻ ۾ ڏکيائي نه ٿي اچي. اها ڳالهه چٽي ۽ واضع آهي ته گڏيل قومن جي اداري جو مقصد مسلمان قومن کي تباهه ۽ برباد ڪرڻ آهي. ڇاڪاڻ ته هن وقت مجموعي طور تي مڪمل طاقت غير مسلمانن جي هٿن ۾ آهي ۽ هو ان جو غلط فائدو وٺڻ لاء اتاولا آهن. ائين لڳي ٿو ته مغرب ۾ اسلام جي وڌندڙ لاڙن ۽ تازو ئي آزاد ٿيندڙ مسلم رياستن کي يورپ ۽ مغرب جي غير مسلم ملڪن خاص ڪري آمريڪا ۽ برطانيه ڪلي دل سان قبول نه ڪيو آهي انهن مسلمانن جي وڌندڙ طاقت کي ختم ڪرڻ لاء گڏيل قومن کي مسلم دنيا جي معاملن ۾ بي وس بڻائي ڇڏيو آهي.

پاڪستان ۽ هندستان کي1947ع ۾ برطانوي سرڪار کان آزادي ملي ڪشمير ۾ گهڻائي مسلمانن جي هئي پر اتان جو راجا ڊوگرا هو. هندو راجا ڀارت ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪيو ته ڪشميري عوام انهي فيصلي خلاف اٿي کڙو ٿيو. سوا سال تائين جنگ جاري رهي گڏيل قومن جي اداري 1949ع ۾ جنگ بندي ڪرائي ۽ پنهنجي فوج اتي موڪلي ته جئين جنگ بندي قائم رهي سگهي. گڏيل قومن جي اداري فيصلو ڏنو ته ڪشميري عوام پنهنجي راءِ ڏين ته اهي ڀارت سان شامل ٿيڻ گهرن ٿا يا پاڪستان سان گڏجڻ گهرن ٿا. پاڪستان انهي فيصلي کي خوشي سان قبوليو پر ڀارت جي هوڏ سبب ڪشميري مسلمانن کي اڄا تائين اهو موقعو نه ڏنو ويو آهي. تازو ئي دنيا جي سڀ کان وڏي جيل ڪشمير جي جنت جهڙي وادي کي وهه جو واس ڏئي اتان جي رنگين ۽ روشن سسٽم کي ڪرفيو جي روپ ۾ قبرستان بڻائي ڇڏيو آهي. گڏيل قومن جي اداري جي مول ۽ متن ۾ اها ڳالهه واضع آهي ته دنيا جي ملڪن جي وچ ۾ امن قائم ڪرڻ اولين ترجيح آهي پر هن معاملي تي خاموش هجڻ جو پڪو ثبوت آهي ته هي مسلم قوم جي ڀلائي لاء مات هجڻ ڳالهه سمجهه کان ٻاهر آهي. جيتوڻيڪ مختلف وقتن تي خون جون نديون وهي چڪيون آهن. ڪشميرين جي آواز کي دٻائڻ لاءِ مسلسل

ڪرفيو لاڳو ڪيو ويو آهي پر امن جلوس ۽ جلسن کي روڪڻ لاءِ آسون گيس ۽ گولين جو استعمال عام آهي. موجوده تحريڪ سان گڏ گذريل تحريڪن ۾ اٽڪل هزار کان متي شهيد ٿي چڪا آهن. پنج هزار جي لڳ ڀڳ زخمي آهن ۽ اٽڪل 200 جي لڳ ڀڳ عورتن جي بي حرمتي ڪئي وئي آهي. ڪشمير جا مسلمان انهي ڏينهن جي اوسيڙي ۾ آهن جنهن ڏينهن اهي پنهنجي مرضي موجب آزاد حڪومت قائم ڪندا. مسلمان هئڻ جي ناتي پاڪستان کي ڪشميري عوام سان همدردي آهي ۽ انهن جي سياسي اخلاقي ۽ سفارتي سطح تي هر قسم جي مدد ڪري رهيو آهي.

# ٽوپي ڊرامو

هي زندگي مختلف ماڻهن کي مختلف موڙ تي وجي بيهاري ٿي يا اجا جيڪي نه پهتا آهن جلد اهي به ڪنهن عجيب موڙ تي رڪجي ويندا ۽ حالات جي غلامن ۾ ان ۾ پيرن تائين جڪڙيل ماڻهن ۾ شمار ٿيندا ۽ هر انسان پنهنجي پنهنجي سوچن مطابق عمل ۾ هڪ ٽوپي ڊرامي جو ڪردار ادا ڪري ٿو. انسان ڄمڻ کان وني مرڻ تائين فخر ۽ هٺ ڌرمي جي ان گهري ڊارمي ۾ رهي ٿو. جتي پاڻ مختلف هنڌن تي هڪ هڪ ڊرامي جي الڳ ٽوپي پائي پنهنجي پاڻ کي عقل مند ۽ داناءَ ٿو سمجهڻ لڳي. حقيقت ۾ ائين نه هوندو آهي پر هو هر حققيت جي خبر هجڻ جي باوجود پنهنجي ٽوپي ڊرامي کي ڪامياب ڪرڻ جي چڪر ۾ هوندو آهي. انسان جا الائي ڪيترا ڪردار زندگي جي مختلف هنڌن تي ملن ۽ گهمن تا هر انسان جي پنهنجي پنهنجي سوچ جي ڪري هي هڪ رخ قائم نه ٿو ٿي سگهي اگر اهو رخ قائم ٿي وڃي ته انسان بدلجندو نه رهي اهڙا ڪيترا ئي ڪردار منهنجي نظر اڳيان پنهنجي پاڻ کي منهنجي اڳيان وائڪو ڪري بيهاريندا رهيا جنهن مون کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو.

جيڪي حيرت هن کي ٿيڻ گهرجي ها هر انسان سوچيندو مختلف ۽ چوندو مختلف آهي ۽ روزانه زندگي ۾ ڪندو مختلف آهي. مون کي منهنجي زندگي ۾ اهڙن ماڻهن سان ملڻ ٿيو جيڪي ٽوپي ڊارمي ڪرڻ جا ماهر هيا. زندگي گهٽو ڪجهه انهن فضول ڪردارن مان سيکاريو انسان جڏهن ذهني بيماري ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي ته ان جو ڪوئي حل نه ملندو آهي اگر حل ملندو آهي ته ڏاڍي تڪليفن سان. اهو ساڳي ڪيفيت ۾ واپس موٽندو آهي. اگر جسماني مرض لڳي ته ان جو حل موجود آهي. پر ائين ئي مختلف برائين جي جڙ ذهنن ۾ ڄمڻ کان وني مرڻ تائين انسان ان کي پاليندو رهي ٿو. جنهن جو وجود ئي نٿو ملي ڪڏهن ڪڏهن زندگي ان موڙ تي بيهاري سوچڻ تي مجبور ڪري ڇڏيندي آهي. جنهن جي ڪري عجيب قسمن جا سوال ذهن ۾ اچڻ شروع ڪندا آهن. انهن مان هڪ اهو سوال ذهن ۾ گردش ڪندو آهي ڇا برائي جو وجود ٿيندو آهي؟ ان کان اڳ خدا جي ان بن نعمتن تي سوچڻ مجبور ڪيو تي ذهن ۾ هڪ ئي وقت ٿڌ ۽ گرمي جو وجود هجڻ ته اهو آهي يا نه ان مان نچوڙ ڪيون ته حرارت جي هڪ ئي وقت دستيابي نه هجڻ ڪري گرمي وجود ۾ اچي ٿي. اچانڪ ان سان گڏوگڏ

هڪڙو سوال اهو به ذهن ۾ آيو ته اونڌه جو وجود آهي يا نه؟ ائين ان جو جواب مليو ته روشني جو غير حاضر هجڻ جو سبب اونڌه بڻجي ٿي. اگر اسان سائنسي لحاظ کان روشني ۽ حرارت جو مطالعو ڪري سگھون ٿا پر ٿڌ ۽ اونده جو نه ٿا ڪري سگھون. آخر جڏهن نچوڙ ڪڍي تت تي پهتس ته سمجھه ۾ ڳالهه آئي ته برائي جو ڪوئي وجود ناهي پر اهو انسان جي ذهين ۾ ڪٽل شي جي ڪري جڳهه ولاري ٿي. جنهن جي ڪري انسان برائي سان ٽيٽار نظر اچي ٿو. اگر اسان محبتن جي وڻ ڪي پاڻي ڏيڻ شروع ڪيون ته برائي ان پاڙ وانگر تا حيات ائين ڍڪيل رهندي.

جنهن جو اسان به ڪڏهن تصور نٿا ڪري سگھون. چور جڏهن چوري ڪندو آهي ته مختلف شڪليون اختيار ڪندو آهي. اگر چور ڪي ٽوپي پاتل هجي ۽ نندي مقدار ۾ ڪوئي به سامان چوري ڪري ۽ اهي ٽوپي ۾ لڪائي ته ڪنهن ڪي به خبر ڪونه پوندي. ائين ئي هن معاشري ۾ مختلف قسمن جا ماڻهو پنهنجي وجود ۾ مختلف شيون لڪائي زندگي ڪي زهر بڻائي ڇڏين ٿا ۽ جڏهن اها چوري پڪڙجي ويندي آهي ته مڃڻ جي باوجود ان تي من گهڙت ڳالهيون ڪري پاڻ تان الزام هٽائي ٻين جي جهولي ۾ اڇلائي ڇڏين. مطلب ته هن زندگي ۾ اچڻ اسان جو هڪڙو موقعو آهي ٻيو موقعو ملڻو ئي ناهي. ان موقعي مان مڪمل فائدو حاصل ڪري هن رنگين زندگي ڪي صرف هڪڙي رنگ نفرت سان وڃائي پنهنجي وجود جي پاڪ سفر ڪي ذليل ۽ خوار ڪرڻ ڪان بچائڻ گهرجي. ڇو نه هن زندگي ڪي هڪڙي رخ تي بيهاري اتان شروع ٿيون جتان هر برائي ڪي پوئتي ڌڪڻ ۾ مدد ملي.

# تُنهنجي ياد جي گُهلندڙ هير

دنيا ۾ رهندڙ ماڻهو ڪنهن نہ ڪنهن عشق ۾ محو رهي ٿو ڪي ماڻهو پاڻ ۾ محبت جو مچ ٻاري عشق ڪي آتش مان گذرندي ڏسندا آهن، ڪي ماڻهو نفرتن جي ناسور ڪي جنم ڏيندا آهن، ڪي ماڻهو چاھ جي چسڪين جو مزو وٺندا آهن، ڪي ماڻهو راھ جا رهبر ٿي امر ٿي ويندا آهن، ڪي ماڻهو روح ڪي رچ مان آزاد ڪرائيندا آهن، ڪي ماڻهو ساھ ڪي سوگهو ڪري من جي ماڳ ڪي معطر ڪندا آهن، ڪي ماڻهو ماڻهن جي خدمت ڪري ڪاهوڙي ڪردار ادا ڪندا آهن، تہ ڪي وري دنيا سموري ڪي دل ۾ رکي خود عشق بڻجي، ازل جي پاڪيزگي جو ڪلمو پڙهي سموري ڪائنات ڪي پنهنجي ڪردار /اخلاق/ نرم مزاجيت سان ماڻهن جون دليون فتح ڪندا آهن.

انهن فاتح ڪردارن مان معتبر مزاج رکندڙ، املھ موتي، ناپيد/ ناياب هيرو محترم عطا راڄڙ بہ هڪ هو، عطا راڄڙ سنڌ جي مختلف ميڊيا ادارن سان منسلق هو، جتي هن هر ويل آھ زاري ۽ واويلا ڪندڙ مجبور عوام جو آواز اٿاريو. ان جي اندر ۾ دکندڙ درد هن ڪي هڪ گهڙي بہ سک سان ويهڻ نہ ڏنو. هُن مسلسل حق ۽ سچ جي راھ تي هلندو رهيو، مهڪندو رهيو، ٽهڪندو رهيو. عطا راڄڙ ان خوش قسمت انسانن مان هو جنهن جي وڇوڙي جو واءُ سنڌ جي هر رنگ ڪي لڳو/ انگ ڪي لڳو/ راھ ڪي لڳو / آھ ڪي لڳو / ساھ ڪي لڳو /چاھ ڪي لڳو/ روپ ڪي لڳو /عڪس ڪي لڳو / رقص ڪي لڳو / گُل ڪي لڳو / باغ ڪي لڳو /ذري ڪي لڳو / اميد ڪي لڳو / آس ڪي لڳو / امنگ ڪي لڳو / ديس ڪي لڳو /ڍنگ ڪي لڳو ۽ هر ويس ڪي لڳو. عطا راڄڙ سنڌ جو اهو بي باڪ ۽ بهادر صحافي هو جنهن هر وقت ظالم جي ظلم ڪي ۽ زنگ لڳل سوچن ڪي پنهنجي سچ جي سونهن سان سنواريو. هر ظلم ڪي وائڪو ڪيو. بنا ڪنهن رات ۽ ڏينهن هن مسلسل جفاڪشن ۽ محنتن جي ماڳ ۾ محو رهيو، مست رهيو، چُست رهيو اَست رهيو اَلست رهيو ۽ هر مسڪين /غريب ۽ سنڌ جي هر معاملي جو بي انت نڪرندڙ قالو بلا جي آواز ڪي الست چئي ان پلائي واري ڪم جو پرجهلو ٿيو/ راهگير ٿيو. عطا راڄڙ سنڌ جي سونهن هو، هر انسان جي دل جي ڌڙڪن هو. عطا راڄڙ اڄ بہ ياد جي گهلندڙ هوا ۾ ڪو بہ ڪو آهي، رو بہ رو آهي، دو بہ دو آهي، هو بہ هو آهي، مو بہ مو آهي ۽ فطرت جي هر ذري ۾ رسي چڪو آهي، رچي چڪو آهي، ملي چڪو آهي.

عطا راڄڙ شاهه سچل، سامي، بيڪس ۽ بيدل جو عڪس بڻجي چڪو آهي. عطا راڄڙ هر دلگير ماءُ جو پٽ ۽ جان/ جند ٿي چڪو آهي، رند ٿي چڪو آهي. سنڌ ۾ وڏندڙ هر ظلم ۽ انيائن تي عُقابي اک رکي ان معاملي ۽ ان ۾ جڪڙيل وجودن جي پرگهور لهندو هو. اڄ ان جي موجودگي ان جي پياري پاءُ ڪليم راڄڙ جي روپ ۾ سنڌ جي هر اوکي ۽ سوکي ويل جو رهنما بڻيل هوندو آهي. هر نوجوان کي اتساهه سان گڏ هر ممڪن مدد ڪرڻ جي ڪوشش پڻ ڪندو آهي. عطا راڄڙ پنهنجي زندگي ۾ سج جيان روشن رهيو جنهن جي روشني مان ڪيترن ماڻهن فائدو حاصل ڪيو. اڄ بہ سنڌ جي هر ماڻهو جي زبان تي ان جي رحمدلي/ سخاوت ۽ سچائي جو ورد جاري آهي. عطا راڄڙ جو اسان کان ايترو جلدي الوداع ڪرڻ خليل جبران جي هن سرمست خيال سان جا ملي ٿو.

”ائين چڻ ڪو روح عڪس هجي، جيڪو واهڙ جي چمڪندڙ پاڻيء تي ٺهندو هجي، ۽ جڏهن بہ واهڙ جو پاڻي ميرو ٿي وڃي، تہ ان تي ٺهندڙ عڪس بہ گم ٿيو وڃي.“ جبران خليل جبران

يقينن جڏهن دنيا ۾ ماڻهن جي دلين ۾ ميراڻ ۽ سوچن کي زنگ لڳي وڃي ٿو تہ اتي صاف ۽ شفاف عڪس بہ اولڙي جي نظر ٿي ويندا آهن. ڪيڏو نہ سهڻو بيان ڪيو آهي خليل جبران تہ ان پاڪ روح کي جيڪو ناپاڪي ۾ رهڻ ناپسند ٿو ڪري. پروردگار عطا راڄڙ جي وجود کي هن زنگ لڳل دنيا ۾ ائين اوجهل ڪري ڇڏيو جو اڄ صاف آئيني جي دل رکندڙ ماڻهن جي دلين ۾ يادن جي عڪس سان زنده و جاويد آهي ۽ خدا جي ان سان ايتري محبت هئي جو هن کي هڪ خاص خوشي عطا ڪئي جيڪا هر مومن کي ملندي آهي.

موت عظيم ترين خوشي آهي، جيڪا مومن کي نصيب ٿيندي آهي.

(حضرت امام حسنؑ)

هن دنيا جي ازل کان وٺي اها رسم رهي آهي جيڪو وجود بہ جنم وٺي ٿو اصل ۾ اهو واپس وڃڻ لاءِ اچي ٿو بس زنده اهو رهجي ويندو آهي جنهن ماڻهن جي خدمت جو انوکو مزو ورتو هوندو. عطا راڄڙ بہ مصري شاهه چواڻي موجب سهڻي نموني عمل ڪري ماڻهن جي دلين ۾ هميشہ جي لاءِ زنده ۽ امر ٿي ويو آهي. صوفي مصري شاهه

چواڻي موجب ته: جز مان ڪل ۾ اهو داخل ٿيندو آهي جيڪو ٻين لاءِ جيئندو آهي.

عطا راڄڙ زندگي جي تيز هندڙ وهڪري ۾ هر وک وک تي انسانن لاءِ سوچيندو ۽ لوچيندو رهندو هو. سنڌ جا انيڪ بنيادي معاملا سندس زير بحث رهندا ها. هر فورم تي سنڌ جي ڳالهه ڪئي، هر چوڪ ۽ چوراهي تي غريب هارين ۽ مجبور انسان پڪار کي ورنائيندو هو. هو هن ڌرتي تي انسان جي روپ ۾ انسانيت جو معراج هو، سرتاج هو، سرويچ هو، سرواڻ هو، آلاپ هو، انداز هو، ڪلياڻ هو، قيچ هو ۽ هر دردیلي دل جو ويچ هو. عطا راڄڙ هن پٿر دلين جي ديس ۾ عشق جو ديپ جلايو هو.

پٿر دلين جي ديس ۾
جلايو ديپ تو عشق جو

عطا راڄڙ جي وجود ۾ وڏائي جو مون ڪڏهن به ذري برابر عنصر ڪونه ڏٺو. سچو ۽ کرو انسان خاموش ۽ ميناج جي رچ رس سان سندس وجود هو اتم ۽ اعليٰ سوچن سان سلهاڙيل هو. تڏهن ته شيخ اياز چيو هو.

يا رب!
مون کي دارا ۽ سڪندر جي قد و قامت نه گهرجي، مون کي حافظ جو ترنم ۽ خيام جي سرمستي عطا ڪر، مون کي شمس تبريز ۽ روميءَ واري حيرت ڏي ۽ ان ۾ قلندري شان پيدا ڪر، مان پاڻ سان حقارت به نه ڪيان ۽ پاڻ کي حقير به نه سمجهان.
(شيخ اياز)
عطا راڄڙ جي مالڪ حقيقي سان ملاقات ۾ هن يقينن خدا جو شڪر ادا ڪيو هوندو ته منهنجي زندگي جي هر گهڙي ٻين جي ڪم آئي ۽ مون ڪان اهڙو پاڪ ڪم ورتو ويو. جيڪو تاريخ جي ورقن ۾ سنهري لفظن سان لکيو ويندو. عطا راڄڙ اڄ به اسان جي دلين ۾ ياد جي عڪس سان واپس وريو آهي. جنهن جي ياد ۾ هر ورسي جي روپ ۾ ان جي حسن/ فن ۽ فڪر جا ڳيچ جهونگاريا ويندا. منهنجي هن نثري نظم سان آءُ سندس ڀيٽا طور ڪجهه سٽون ارپيان ٿو.

ها ويل جڏهن ورندي واپس
سا مور نہ مِٽٽي آ آخر
تي هنج ۾ حاضر هڪڙي ڏينهن
سا ساپيان ٿيندا پور اَمر
ماٽي ساڳي رت ساڳيو جنم
تي جلوا نما هتڙي ٻيهر
سا سپنا ٿيندا سچ آخر
ميلا منهنجا مچندا مچ آخر
جهونگاريا ويندا ڳيچ آخر
سا صورت ٿيندي سج آخر
ها جڏهن ٿيندس نروار حفيظ
ها وقت جڏهن ورندو واپس
ها ويل جڏهن ورندي واپس

خداءِ بزرگ و برتر کان دعا آهي تہ عطا راڄڙ جي بلندين ۽ درجات ۾ اضافو عطا ڪري. عطا راڄڙ بہ پنهنجي زندگي ۾ ماڻهن کي ماٽهپي ۽ محبت حق ۽ سچ جي درس سان عطا ڪيو ۽ نوازيو. الله الحق کان دعا آهي تہ هن جي قبر کي نور سان منور ڪري ۽ جنت الفردوس ۾ اعليٰ درجي تي جڳهہ عنايت ڪري.

# سنڌ جي بهادر ڪردار شهناز شيخ

سنڌ جيڪا ڇهه هزار سال پراڻي، هن ڌرتي جي وايو منڊل تي هڪ عظيم ڌرتي جي حيثيت رکي ٿي. اها سنڌ جيڪا ان آڳاٽي زماني ۾ سونهن ۽ سندرتا جي پوتر نگري ڪوٺي ويندي هئي. اها سنڌ جيڪا قديم هوندي به ان قديم وقت يا زماني ۾ شهنشاهه ۽ اعليٰ نسل جا انسان ان پاڪ ڌرتي تي رهندا هئا. ان وقت جي سنڌ ۾ اهي املهه موتي جهڙا ماڻهو پنهنجي بدن تي قيمتي ۽ پڪي، پختي پوشاڪ اوڍيندا ها. ان وقت جي سنڌ ۾ ماڻهو پنهنجي پاڙيسري جي سني طرح سان خدمت ڪري مان ۽ مرتبو ڏيندا هئا. ان دور جي سنڌ ۾ لٽي، اٽي ۽ گهر جي هجڻ جي ايتري ڪمي ڪونه هوندي هئي. ان سنڌ جي قديم دور ۾ به سنڌ جي ماڻهن ۾ شعور ۽ غيرت جهجهي مقدار ۾ سندن روح ۽ دل ۾ تيار هوندا هيا. ان سنڌ کي ازل کان وٺي ابد تائين آباد ۽ شاد تخليق ڪيو ويو اتان جا ماڻهو پنهنجي فن ۽ فڪر ۾ اڳي کان اڳيرا هئا.

قديم سنڌ ۾ به جديديت وارو ميلو متل هو جنهن ۾ ايتريون ته ايجادون ٿيون جيڪي اڄ تائين تاريخ جون زينت بڻيل آهن. سنڌ جيڪا سهڻي سونهن رکندڙ آهي ۽ جيڪا وڻن، جبلن، روڊن، رستن کي منفرد خوبصورتي سان همڪنار ڪري ٿي. سنڌ ۾ رهندڙ هر ماڻهو سنڌ سان بي انتها پيار ڪري ٿو. جڏهن به غيرن ميري اک سان ڏٺو آهي ته سندن ان اک کي سنڌ جي جوڌن ڪڍيو به آهي. سنڌ ۾ پيدا ٿيندڙ هر شئي ٻاهرين ملڪن تائين وڏي مقدار ۾ پهچائي وڃي ٿي. اسان جي سنڌ سونهن جو سينگار به آهي ته جهر جهنگ جو جيون به آهي ته وارياسي وڻ وڪڙن جو واس به آهي. ڪٿي وري سنڌ سسئي جو ساهه آهي ته ڪٿي وري سنڌ هير جي عشق جو هڳاءُ به آهي ته ڪٿي وري سهڻي جو سندر روپ به آهي ته ڪٿي وري ميهار جي ماڳ جي مورت به آهي.

اڳاٽي سنڌ جي جيتري تعريف ڪجي اوتري گهٽ آهي ۽ هن جديد دور واري سنڌ جو جڏهن ذڪر ٿو اچي ته روح ڪنهن گم ٿيل راهه ۾ وانجهي ٿو ۽ ذهن ۾ سوچون ڪنهن پراڻي سور جيان اٿلي پون ٿيون، جديد دور جي سنڌ ۾ به قديم دور واري سونهن ليڙون ليڙون ڪئي وئي. سنڌ کي اڄان وڏيڪ ترقي ڏيڻ بدران ڪنهن بدبودار بوهر ۾ اڇلايو ويو آهي. جديد دور جي سنڌ کي ائين لٽيو ۽ ڪٽيو ويو جيئن ڪنهن يتيم جي

وجود سان ظالم ماڻهو ڪندو آهي. جديد دور جي سنڌ ۾ نئين ايجادون ته نهيون پر پراڻين تخليق شده اوزارن کي به نوجوانن لاءِ ڪارائتو نه بڻايو ويو. هتان جي خانگي ۽ سرڪاري ادارن کي به حرام ماس وانگر رهڙيو ويو جئين مريل ڍونڍ کي ڪتو چڪن سان کائيندو آهي.

صدين جي تهذيب جو پڙاڏو جڏهن پڙلاءُ ۽ واڪا ڪري ڪنهن جوڏي جوان کي جوءُ ۾ ڏات بخشيندو آهي تڏهن سورهيه مرد سپوت موهن کي جنم ڏئي اتان جي قديم دڙي جو روح روان ڪردار بڻجي ٿو ته ايڪويهين صدي ۾ به سسئي جهڙي سورن سان ٽمٽار دل رکندڙ ۽ مارئي جي عشق جهڙي اڏام رکندڙ ڌرتي جي دلير نياڻي سنڌ جي دشمنن سان اڪيلي سر مهاڏو اٽڪائي منهن ڏئي رهي آهي. ان سنڌ ڄائي سچي سپوت جو جنم به سنڌ جي ڌرتي تي ٿي سگهي ٿو.

سنڌ جي دلير نياڻي شهناز شيخ ڪنهن به تعارف جي محتاج ڪونهي. ڇو ته انهن جو تعارف خود تاريخ پاڻ ڪرائيندي آهي. جنهن جون سوچون سنڌ جي روح کي وري جيون دان بخشڻ جي سگهاري ڪوشش سان لاڳاپيل رهن ٿيون. ميڊم شهناز جو خيرپور جي فيض آباد ڪالوني سان لڳ نندي ڳوٺ بيبائي ڍڪ نالي ڳوٺ ۾ سندن جنم ورتو. بنيادي تعليم ڳوٺ جي اسڪول مان حاصل ڪئي ۽ مڊل ۽ مئٽرڪ شهر جي اسڪول مان ڪئي ۽ وومين ڪاليج مان بي-اي جو امتحان پاس ڪيو.

سنڌ جي هن نياڻي جا حوصلا جبلن کان اوچا ۽ سوچون سمنڊ کان وڌيڪ گهريون آهن. هن جي زبان تي مسلسل هڪ ئي ورد آهي ته منهنجي سنڌ جي سونهن ۽ سينگار کي ڪنهن لتاڙيو آهي. سنڌ ۽ سنڌ ۾ رهندڙ ماڻهن جي درد، ڏک ۽ پيڙاهه جي پانڌ جي رستي تي نڪتل هن نياڻي جا حوصلا ايترا ته بلند آهن جو ڪيس سنڌ جي مستقبل کي بهتر بڻائڻ ۾ ڪين ڪو به شڪست نه ٿو ڏئي سگهي. هن جي سوچن ۾ غريبن جي آهه جا آڙاهه دکل نظر اچن ٿا هن جي دل مان نڪرندڙ آواز هن جو پنهنجو آواز ڪونهي ڪنهن مظلوم جي انصاف لاءِ وانجهائيندڙ ڪوڪ آهي. شهناز شيخ جي روح کي غريبن جي ۽ سنڌ جي ليڙون ٽيل پوشاڪ جيان لڱل ڇتيون روح کي بي قرار ڪري ڇڏيو آهي. هن پنهنجي وجود کي سنڌ ۽ غريبن لاءِ ارپي ڇڏيو آهي. هن جي محنت ۽ جستجو به سنڌ جي ڏتڙيل خاندانن ۽ شهرن لاءِ آهي. سنڌ جي هن بهادر نياڻي جي وجود کي ڪيترن ئي درندن ڏمڪائڻ جي ڪوشش ڪئي. پر هن جا اٽل اراده هنن جي ڪڏي

عملن ڪي نست ۽ نابود ڪري ڇڏيو. هن جي اندر ۾ سنڌ جي پيڙاهہ ۽ مسڪينن جي آهہ هن جي وجود ڪي پختگي ڏني تہ جيئن خدمت ۾ اڳي ڪان اڳيري ٿئي.

ميڊم شهناز مسلسل محنت ۽ جاکوڙ ڪري پنهنجي مدد پاڻ تحت هڪ احساس وومين ۽ ڊيولپمينٽ نالي آرگنائيزيشن ڪولي جيڪا 2010 ۾ رجسٽرڊ ڪرائي. جتان هر مسڪين جي وس آهر مدد ڪري ٿي. هن جو اهو عمل جس لهڻو چو تہ هن نفسا نفسي واري ماحول ۾ هر ڪوئي پنهنجي پيٽ ۾ پورو آهي ۽ ڪير ٿو اڄڪلهہ ايترو وقت ۽ خرچ ڪري. هن جي هن عظيم عمل جي محنتن جي باب ايندڙ نسلن لاءِ فائديمند ثابت ٿيندا. جيتوڻيڪ جديد سنڌ ۾ عورتن جي محنتن ڪي ايترو ساراهيو نہ ٿو وڃي تنهن هوندي بہ سماج ۾ رهندڙ عورتون اڳي ڪان اڳيريون آهن. پوءِ ڇو نہ اهي صحت کاتي ۾ هجن يا تعليم کاتي ۾ يا خانگي طوري سرڪاري ادارن ۾ هجن تنهن هوندي بہ مٿانهين درجن تي ڪم سرانجام ڏئي رهيون آهن. سنڌ جي عورت ڪنهن حد تائين اڄ بہ مظلوم آهي ڇو تہ ڪٿي ڪٿي ادارن ۾ ڪم ڪندڙ کي ذهني يا جسماني طور حيسايو بہ وڃي ٿو تہ مٿي وري مٿن تشدد بہ ڪيو وڃي ٿو. ان معاملن تي آواز اٿاريندر شهناز شيخ ڌرتي ڌڻين جو آواز ٻڌڻ جي فرض ۾ ڪڏهن پوئتي نہ هٽي آهي. هن روزاني زندگي ۾ ٿيندڙ هان ڏاريندڙ واقعن جو آواز اٿارڻ سان گڏ ڪين ممڪن مدد پڻ ڪئي آهي. هن ڪيترن ئي انساني جانن بچائڻ جي تنظيمن سان رابطو ڪري بروقت ساٿ بہ ڏنو آهي. هن غريب خاندانن سان ڏک ۽ سک ۾ همدردي بہ ڪئي آهي. هن سنڌ ۾ وڌندڙ بک، بدحالي، ڏڪار، پاڻي جي کوٽ جا ڳنڀير مسئلن کي بہ واڪو ڪيو آهي. هن مسڪين ماڻهن جي ڳوٺن ۾ وڃي ڪري پنهنجي مدد پاڻ تحت پاڻي جا هٿ جا نلڪا بہ وظيفي طور لڳرايا آهن. هن سنڌ جي اڻٿڪ محنتن کي لفظن جي محور ۾ بيان نہ ٿو ڪري سگهجي. ڌرتي جي نياڻي تڪليف ۾ گهاريندڙ ماڻهن وٽ وڃي عيادت بہ ڪئي ۽ هنن سان ٿيندڙ ظلم ۽ جبر جو جواب بہ ڀرپور انداز سان ڏنو آهي. ادارن ۾ ٿيندڙ ناانصافيون ۽ عورتن سان ٿيندڙ بي حرمتون سندن جيءُ جهوري وجهنديون آهن. تنهن هوندي بہ سچائي سان انهن جي انصاف لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي آهي. سنڌ جي هن عظيم سوچ رکندڙ عورت ۽ بلند حوصلا، هن جي ڪم ۾ اڃان بہ وڌيڪ خوبصورتي جو ڏيک ڏين ٿا. شهناز جهڙا انمول هيرا دنيا ۾ پنهنجي محنت جا روشن ڪرڻا هر داناءُ ۽ پڙهيل لکيل ماڻهن لاءِ لاٽ جيان اثر رکن ٿا. جيڪي تاريخ جي سنهري ورقن ۾ رقم ٿيندا. هن دور ۾ شاهہ لطيف سرڪار هجي ها تہ پنهنجي شاعري جي اڻ

مٺيا موتي جي لاڙ ۾ هن جي درد کي بہ بيان ڪري ها، هن جي دل جي آواز کي بہ ٻڌي سگهي ها. اهي ماڻهو عظيم آهن جن ٻين جي لاءِ سوچيو ۽ پنهنجي زندگي کي ٻين جي خوشي خاطر ارپي ڇڏيو. ميڊم سدائين ٻين جي ڀلي لاء پاڻ پتوڙيو آهي. سدائين غريبن جي گهرن تائين وڃي ڪري بنا ڪنهن لالچ ۽ لوڀ سان مالي مدد ڪئي آهي. مون جڏهن بہ سائنڻ سان ڳالهايو آهي تہ سندن سنڌ جو الڪو ڪين آرام نہ ٿو ڪرڻ ڏي هن پنهنجي چيل لفظن سان دانهيندي چيو تہ اسان جي ملڪ ۾ ڪنهن بہ شئي جي ڪمي ڪونہ آهي. هر شئي سان مالال سنڌ پوءِ بہ سورن ۾ آهي. هن وڌيڪ اهو چيو تہ سنڌ جي ماڻهن کي گهرجي تہ ووٽ جو حق صحيح استعمال ڪن. آخر ۾ ان دعا سان تہ الله تعالىٰ سدائين ڪيس نيڪ ارادن ۾ ڪامياب ڪري ۽ سنڌ ۽ غريبن جي ڀلي لاء ڪيل ڪوششون اڄان بہ وڌيڪ ڪامياب ٿين. پنهنجي پاڪ مقصد ۾ ڪاميابي حاصل ڪري.

# ايڪويهين صَدي ۾ ڇهه هزار سال پُراڻي سِنڌ

دنيا جي وايو منڊل تي سنڌ واحد خطو آهي. جيڪو آڳاٽي زماني کان وٺي ايڪويهين صدي ۾ به اوائلي ۽ ڇڙواڳ منظر جو ڏيک ڏئي ٿو. سنڌ جو نصيب به ڇڙواڳ ۽ نڌڻڪي لفظن جي محور ۾ گهمي ٿو. اڄ جي ٽيڪنالاجيڪل دور ۾ جتي چائنا ۽ جاپان جي اندر مزدورن جي جڳهه تي روبوٽس کان ڪم ورتو وڃي ٿو. اتي سنڌ ۾ ساڳي حالت هيٺ سالن کان رهڻ جو بنيادي پيش نامو يا سبب ملڻ کان قاصر آهي آخر اهي نالا ۽ گٽر ڪليل، غريبن جون هر طرف آهون، دانهون، سڏ، ادما ،ڦيڄ، ڪشالا، ڪيهات ۽ سرڪاري سطح تي سيني ادارن ۾ ميرٽ جي لتاڙ، ڏسندي ان ڳالهه جو اندازو ٿي سگهي ٿو ته ايندڙ وقت ۾ به سنڌ جي حالت ساڳي هوندي ڇو ته سني مستقبل لاءِ هلندڙ وقت (حال) ۾ سني ڪارڪردگي سان گڏ سني پلاننگ جو به هجڻ ضروري آهي. جيڪا اسان جي مسلسل ايندڙ حڪومتن ته ڇا پر سنڌ جي ادارن مٿان قابض بالا آفيسرن وٽ به ڪونهي. ووٽ ڏيندڙ پاڻ انهي بک ۽ بدحالي جي ور چڙهيل آهن پر جنهن کي ووٽ ملي ٿو اهو لينڊ ڪروزر ۾ ويهڻ کان پوءِ ان تقدس کي به پامال ڪري ٿو. سنڌ جي هر ننڍي ضلعي ۾ هترادو پاڻي جي لوڊشيڊنگ کان وٺي گيس ۽ بجلي ۽ نوڪرين جو نه هجڻ ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته سين قدرتي معدنياتس (Natural minerals) ۽ ترقي پسندانا سوچن(Advancement towards Better Conditions) ۽ ٻين ڪيترن ذريعن جي موجودگي سندس ياڻءِ نه ٿي پوي، هر ڪو پنهنجي طاقت آهر ٻي کي برداشت ۽ پلائي جي ڪمن کان پاسو ڪرڻ جي تلقين ٿو ڪري. نتيجي ۾ غريبن جا سور گهٽ ٿيڻ ته پري جي ڳالهه پر انهن جون بنيادي ضرورتون به ڪائنس کسيون وڃن ٿيون. گذريل سالن کان ساڳي حڪومت وٽ هر سال جيان سڀ ذريعا هجڻ جي باوجود هڪ ٻئي تي نزلو اچلائڻ سمجهه کان ٻاهر آهي، تعليمي ڪورس ۾ اهو ئي پراڻو سليبس، پراڻا نظم ۽ پراڻيون وايون، گيت پڙهايا وڃن ٿا. جنهن سان ٻارن جي ذهني واڌ ويجهه لاءِ ڪنهن به قسم جي ڪا رٿا ڪو نه ٿي ملي. جديد ادب ۾ ڇا نت نوان اصلاحي ۽ ترقي پسند سوچن طرف گامزن لفظن جو مجموعو نه ٿو ملي؟ يا سنڌ جي اديبن ۾ لکڻ جي حوالي سان ڪوٽ ٿي وئي آهي. ايڪويهين صدي ۾ پلين ۽ بلڊنگس کي وڏو ڪري بيهارڻ سان ذهنن ۾ پلجندڙ بيمارين ڏي به ته ڪير توجهه ڏي. اسپتالن جي دوائن جو ٿيندڙ ڪاروبار تي به ته ڪير توجهه ڏي يا سڀ جو سڀ ائين ئي هلندو رهندو. خدارا سنڌ جي

زبون حالي سان گڏ ذهنن جي زبون حالت تي به هڪ سرسري نظر وجهو ۽ ڇو ته تبديلي پاڻ کان شروع ڪبي آهي. ٻين ڏي اميد رکڻ سان ڪجهه به نه ورندو، گورنمنٽ جيڪا پاڻ ڪيترن ئي مختلف ڪيسن ۾ قاتل آهي اها مجموعي طور تي ڪيترو اثر ويهاري سگهي ٿي. هاڻي انهن کان ڪجهه به نه ٿيندو ۽ اهڙا ڪردار کهڙي نواڻ آڻيندا جيڪي نه حالات حاضره کان واقف هجن ۽ نه ئي وري وڌندڙ ٽيڪنالاجي کان واقف آهن. هاڻ هر محنتي آفيسر پنهنجي محڪمي جي اندر محنت ۽ سچائي سان ڪم ڪندو ته ايندڙ وقت ۾ اسان جي سنڌ اندر ٻين ملڪن جيان پڻ سندرتا جو احساس ملندو.

# تاريخ جي عُقب مان ٽَر ٽيل تاريخ ساز ڪِردار

انسان انس جي الفت سان گڏ عالمگيريت جي صفتن سان ڌرتي تي لاٿو ويو. هر انسان ۾ مزاج الڳ الڳ پر حقيقت ۾ ساڳيو رکي ٿو. سڀ انسان رحمدلي/ ميناج/ ماڻهپو ۽ اخلاق جي املھ موتين سان مَحوِ ۽ مَسَّت هجن ٿا. تہ ڪي انسان مختلف براين جهڙوڪ: ٻيائي، ساڙ، درجا بندي سان بہ ٿورو گهٽو وابستہ ملن ٿا تہ اتي وري پاڪ ۽ مقدس ڌرتي تي جڏهن معطر سوچون ۽ لوچون پنهنجي چوڌس انهن انساني مزاجن جي مورت من ۾ سمائي بي بها ڀلائين ۽ برڪتن سان ڀرپور وجود جو عڪس جڏهن نظري ٿو تہ ان جي خوشبو سڄي ماحول کي معطر ڪري ڇڏي ٿي. انهن وجودن جي اکين ۾ فطرت جو سرمو سَر ٿيل هوندو آهي. جنهن سان ماحول مگن ٿي ٻهڪندو آهي ۽ انهن جو ذهن خدا جي ذات سان ظاهري پردي ۾ ظهوريت جي زم زم سان ڌوتو/ صاف ڪيو ويندو آهي. پوءِ انهن وجودن کي فطرت ۾ خدا جي مخلوق مٿان علم/ عقل/ فهم/ بصيرت/ عشق/ دلنوازي جهڙي دلچسپ راھ جو خالق بڻايو ويندو آهي.

انهن پاڪ/ نيڪ وجودن مان سنڌ جي ضلعي ٿرپارڪر جي تعلقي ڏيپلو سان تعلق رکندڙ سائنڻ ڊاڪٽر پروين موسي ميمڻ بہ هڪ آهي. ڊاڪٽر پروين جو سنڌ ۾ موجود هجڻ ڪنهن عالم/ بزرگوار/ ديوتا کان گهٽ ڪين آهي. ڊاڪٽر جي سڄي علمي/ ادبي/ سماجي/ ڪم تي جڏهن منهنجي گهري نظر پئي تہ هاءِ اوڙڪ! جي دانهن جو ڌڏڪو دم/ ساھ سان سرويچ ٿي پرواز ڪرڻ لڳو. ڊاڪٽر صاحبہ جون سموريون محنتون/ جفاڪشون/ قربانيون سنڌ جي مڙني شاگردن/ استادن/ عالمن/ ڊاڪٽرن/ تاريخدانن لاءِ تانگھ ۾ تاساريون ملنديون. ڊاڪٽر صاحبہ پنهنجي فن/ فڪر ۽ خيالن سان عشق ڪري سماج جي اصلاح / ڀلائي لاءِ هڪ مڪمل دين/ راھ/ رستو ڏنو آهي جنهن ۾ سيني انسانن جي ڀلائي جي وِرد جو واس وٺي سگهجي ٿو.

ڊاڪٽر پروين موسي ميمڻ جو جنم ڀومي شهر ٿرپارڪر آهي. ڊاڪٽر پروين ان اڃايل شهر سان واسطو رکي ٿي جتي مختلف خواهشون گُهپ انڌيري ۾ گم ٿي وڃن ٿيون. جتي سڀ جسم بک/ بدحالي/ اڄ ۾ اڃارا ٿي ڪومائجي وڃن ٿا. ميڊم پروين جو من بہ ماحول ۾ رهندڙ انسانن لاءِ ڀلائي/ اصلاح جي اڄ/ آس/ اميد جو چراغ روشن ڪيو آهي تہ من ڪو سندس جي فڪري ڪم مان ڪو ڀرپور فائدو وٺي. ڊاڪٽر صاحبہ

پنهنجي بنيادي تعليم مني، ڏيپلو، عمرڪوٽ، ننني شهر جي اسڪولن مان ماڻي ۽ سيڪنڊري تعليم سانگهڙ ضلعي مان حاصل ڪئي ۽ ڪاليج جي سند ميرپورخاص مان حاصل ڪئي ان سان گڏوگڏ بيچلر/ ماسٽر ۽ پي ايچ ڊي جون سنڌ سنڌ يونيورسٽي مان ماڻي ورتيون. گورنمنٽ نذرت گرلس ڪاليج حيدرآباد مان 28 سال درس و تدريس جي پيغمبري پيشي سان وابسط رهي، هاڻي تازو ئي ريٽائير ٿي آهي. ڊاڪٽر پروين جو ادبي/ علمي ڪم مختلف زاويي نظر(Perscpective) تي ٽيل آهي. جن ۾ تحقيقي/ تنقيدي/ مضمون/ مقالا/ تاريخ/ سوانح/ سفرناما/ لطيفيات/ تي طبع آزمائي ڪئي آهي. ميدم جي لفظن ۾ اتهاه گهرائي، خيالن جي پختگي، عشق ڪي سموئڻ جي اميد سان سلهاڙيل ملن ٿا. سائنڻ مٽي جي مهانتا مان گهڙگهت شناخت رکي ٿي، لفظن ۾ اڪيچار معاملا زير قلم ملن ٿا. سهڻي سپاءُ سان سندر سپنا اوتيل آهن. جن جي پورائو لاءِ مسلسل ادب جي اتم جهنگ جهاڳيندي وتي ٿي. خيالي گهاريٽن جو عام/ خاص انسان آساني سان واس وني سگهن ٿا. ڊاڪٽر صاحبہ سنڌي ادب جي کيتر ۾ جن ڪتابن سان لاٽ جي مست مَئي جو اوتارو قائم رکيو آهي تن ۾" سنڌي ادب جو ادبي جائزو ۽ لطيفيات "، سنڌي نثر جي صنفن جو ابياس، آديسين ادب آهي اکرين ۾، سون ورنيون سوڊيون (ڪهاڻيون)، اخلاقي قدر( ٻاراڻو ادب )، وکر سو وهاءُ (مضمون ۽ مقالا )، سنڌي ادب ( تحقيقي ۽ تنقيدي مطالعو)، عالم سڀ آباد ڪرين، پلئه پايو سچ، سنڌي ادب (ايم، سي، ڪيوز (MCQs) ۽ تازو ئي سنڌي ادب تحقيق ۽ تنقيدي مطالعو (ادبي تاريخ فار سي ايس ايس ۽ پي، سي، ايس) جو واڌايل ۽ سنواريل ڇاپو شايع ٿي. تيرهن ڪتابن جي صاحب ڪتاب/ صاحب بصيرت، معلم انسان طور پنهنجو پاڻ ملهايو آهي. جنهن جي قرباني/ محنتن/ جفاڪشن/ ولهورائپ جي جيتري تعريف ڪجي سا گهٽ هوندي. سنڌي ادب ۾ اهڙن ڪتابن جو مجموعي طور ڇيڇڻ سان بيش بها قيمتي ۽ ناپيد هيرن سان هڪ تاريخ رقم ٿي آهي. اها حقيقت آهي تہ ادب سوچ ۽ فڪر جي گهرائي جو ڪارائتو سرمايو آهي. بلڪ اهو عوام الناس جي سماجي، معاشي، مذهبي، ثقافتي، تاريخي، سياسي، اجتماعي، ضروريات ۽ جمالياتي اثرات جو ذريعو پڻ آهي. مطلب تہ ادب انساني جذبات، احساسات، جدوجهد، مشاهدي ۽ حسنڪارانا ڪردار جو نتيجو ۽ بيان آهي. ڊاڪٽر صاحبہ بہ پنهنجي بي باڪ ڪردار ۽ سچائي ۽ وفاداري جي وکر ۾ اعليٰ رتبي تي فائز آهي. سائنڻ طبعيتن نهايت ئي شفيق، فقير منش، ڪل مک، خوش اخلاق ۽ خوبصورت شخصيت جي مالڪا آهي. سائنڻ پروين موسي انسان دوست، همدرد،

انسانيت جي ڀلائي جي علمبردار محبت جي متوالي ۽ سچ جي ساٿاري آهي. پنهنجي بصيرت جي نگاهن ۾ پنهنجي سياءُ ۽ طبعيت ۾ سچي ۽ کري مانجهي مٽيادار، قربدار ۽ وينجهار انسان آهي.

ڊاڪٽر صاحبہ جهڙو جاکوڙي ڪردار ريتن/ رسمن/ رواجن کي زنده و جاويد ڪرڻ ۾ قدرتي ڏات جي ديوي طور آبهوا ۾ ڀرجهلو آهي. ميڊم پروين موسي سنڌ جي شاگرد طبقي جي عقلي/ علمي صلاحيتن کي ڀرپور عِلم جي عَلم سان اتم ۽ اعليٰ رکڻ لاءِ ساڻس هر محاذ تي گڏ آهي. منهنجي ڊاڪٽر صاحبہ سان اڪثر ادبي حوالي سان گفتگو ٿيندي رهندي آهي. سندس جو چوڻ آهي تہ سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر رهندڙ سنڌين لاءِ زندگي هڪ محنت ۽ جدوجهد جو نالو آهي. پنهنجي وجود کي محنتن جي ماڳ ۾ مست رکو تہ جئين حقيقي ڪاميابي توهان جا پير چمي. ڊاڪٽر صاحبہ سنڌ جي اها مهان شخصيت آهن جن وٽ فن ۽ فڪر جو بي بها اهڃاڻ ملي ٿو. جيڪو اهڃاڻ تاريخ جي عقب ۾ تر ٿيل تاريخ ساز ڪردارن مان پسي سگهجي ٿو. ڊاڪٽر پروين ان تاريخ ساز ڪردارن جي سهڻي ۽ سيبتي سرجڻهار طور سُندرتا سان سُپرين آهي. ڪُل ڪائنات جي تَخليقڪار مالڪ ٻاجهاري کان دعا آهي تہ اهڙا فقير منش ڪردار سنڌ ۽ انسانيت جي ڀلائي لاءِ تاحيات قائم رکي ۽ سندس وجود جي خوشبو ماحول کي معطر ڪرڻ ۾ اتاولي آهي. پروردگار مخفي خزاني مان صحتن جي اڻ کٽ خزاني سان مالامال ڪري ۽ ائين ئي سنڌي ادب ۽ شاگرد طبقي جي دل ۽ دماغ کي منور ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

# هڪ انسان جو قتل ڪرڻ پوري انسانيت جو قتلام آهي

سنڌ جي تاريخ ڪي جڏهن ٻه اٿلائي پسيو اٿم ته هر دور ۾ ظلم، جبر، ڏاڍ مڙسي، ناانصافيون جي عروج جو عڪس نظري ٿو. هر مهل دردن جي دانهن جا پڙاڏا سڏ، غمگينن جي غنيمتن تي ڏاڙا ۽ مجبوري جي ماس سان ٺهيل آلودا مهل ئي سنڌ جي ماڻهن جي دامن ۾ مليو اٿم. سنڌ ڇهه هزار سال پراڻي اڄ ٻه ساڳيو ئي ڏيک ڏئي ٿي. هن ايڪويهين صدي ۾ جتي چين جهڙي شهر ۾ مزدورن جي جڳهه تي روبوٽس جو ساڳي نوعيت جيان ڪم ڪرڻ ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته سچائي ۽ محنتن سان هر هڪ شي تبديل ڪري سگهجي ٿي.

چين جنهن وقت مڪمل نشي واپرائڻ جي فهرست ۾ پهريون نمبر ملڪ هو. اڄ اتي نوان نوان رنگ ڏسڻ ڪان ملن ٿا. سنڌ گورنمنٽ پاران گذريل سالن ڪان وني هن سال ٻه بجيٽ پيش ڪئي وئي. مختلف فنڊس ته اسان جي پريس ريليز ۾ پڙهڻ ڪان ئي ملن ٿا پر حقيقي انداز ۾ ان مٿان ڪم ڪرڻ اسان جي وس جي ڳالهه ڪونهي. ها اسان جا ڪرتا ڌرتا، پير، وڏيرا، ڀوتار، ايم اين اي، ايم پي ايز مال هڙپائڻ ۾ سني مهارت رکن ٿا. جيڪڏهن غريبن ماروئڙن جي خدمت ڪندڙن ادارن ڪي اڱ ۾ ئي ڪنهن لڪت تحت هڪ ئي سيٽ اپ جي وال ۾ جوڙيو وجي ها ته اڄ سنڌ جا لکين غريب ۽ بي سهارا خدا جي سهڻي مخلوق ائين در بدر نه فري ها. ڳالهه سنڌ جي ٽن مکيه ادارن جي هلي ٿي نيشنل انسٽيٽيوٽ آف ڪارڊيووسڪيلور ڊزيزس (National Institute of Cardiovascular Diseases(NICVD) نيشنل انسٽيٽيوٽ آف چائلڊ هيلٿ (National Institute of Child Health (NICH)) ۽ جناح پوسٽ گرجوئيٽ ميڊيڪل سينٽر ڪراچي (Jinnah Post Graduate Center Karachi ) جن ۾ هر روز لکين تعداد ۾ مريضن جي مفت چڪاس ۽ مختلف بيمارين جو علاج ڪيو وڃي ٿو. تازو ئي وفاق گورنمنٽ پنهنجي زميداري تحت هلائڻ جو فيصلو ڪيو آهي ۽ وفاق جي بجيٽ ۾ ان لاءِ ڪو خاص پيڪيج نه رکيو ويو آهي. جيتوڻيڪ سنڌ گورنمنٽ بجيٽ ۾ ڪجهه حصو هنن ادارن لاءِ رکي وري ڳڙڪائڻ جو گڏجي فيصلو ڪيو آهي.

هن وقت ملڪ جي اهڙي ته نازڪ صورتحال پيدا ٿي چڪي آهي. جنهن جو اثر هيٺين طبقي جي مٿان ئي پوي ٿو هر دور ۾ غريب مسڪين ماڻهن سان ئي ڪاغذي

ڪاروائين ۽ پريس ريليز تائين عملي ڪمن ڪي محدود رکيو ويو آهي. پاڪستان جي اين جي اوز يا پنهنجي مدد پاڻ تحت مدد ڪندڙ ڪيترائي ادارا هن مريضن سان عيد جو خوشيون، اويرنيس پروگرام صفائي پروگرام ۽ مختلف پروجيڪٽس تحت انهن جي مدد ڪري رهيا آهن. پاڪستان پيپلز پارٽي جي گورنمنٽ، هجي يا پي ٽي آء يا نون ليگ جي اسپتالن سان گڏ سين ادارن ۾ مها ڪرپشن جا اسڪينڊل مليا آهن ۽ ادارن جي اها ئي زبون حالت سان تباھ ۽ برباد ٿي رهيا آهن.

پاڪستان جيتوڻيڪ نيچرل منرلس (Natural Minerals) سان مالامال آهي ان جي باوجود بہ ڪم صرف ڪاغذي ڪاروائين تائين ئي ڇو محدود رکيو ويو آهي؟ جنهن بہ اداري ۾ وڃو تہ ناانصافي ميرٽ جي لتاڙ عروج تي آهي. ڪنهن بہ انساني وجود ۾ سچائي جو ساھ نہ ٿو ملي سيني جي اندر ۾ دجالي صفتون قائم ۽ دائم آهن. جنهن سنڌ جا اهي غريب خاندان جيڪي هڪ ماني جو ويلو ڪائن ٿا تہ ٻيو تارين ٿا. انهن جو ڇا ٿيندو؟ سنڌ اندڙ مختلف بيمارين جو وڌندڙ سلسلي ڪي روڪڻ لاءِ ڪنهن بہ اداري طرفان/ مقامي/ وفاقي گورنمنٽ طرفان ڪا بہ احتياطي تدبيرون نہ ورتيون ويو آهن. NICVD، NICH ۽ JPGM ۾ اهڙيون بچاءَ لاءِ تدبيرون جاري و ساري هيون جيتوڻيڪ انهن ڪي بہ مالي ڏک رسائي ساڻس مريضن جي زندگين ڪي اجيرڻ بڻايو ويو آهي. هتان جي ماڻهن ڪي بہ برابر جا حق ڏنا وڃن ۽ بجيٽ هجي يا ٻيا پروجيڪٽ يا اين ايف سي ايوارڊ سندن برابر حق ڏئي ڪري انسانيت جو سرعام قتل ڪرڻ بند ڪيو وڃي. اسپتالن ۾ مريضن جي مڪمل علاج نہ ٿيڻ، ڪرڻ جيڪڏهن هنن جي زندگي جا رنگ بي رنگ ٿين ٿا تہ اهو الزام بہ توهان جي دامن ۾ لٽڪندو ۽ اهو سبب آهي جو سرعام انسانيت جو قتل ڪرڻ باوجود بہ ادارن ۾ رهي ڪم ڪرڻ تہ انهن ماڻهن ڪي جڳائي ڪونہ ٿو.

اڳ ۾ وفاق طرفان سنڌ جي ڪهڙي اداري ڪي مڪمل بجيٽ يا ان تي نظرثاني ڪئي وئي آهي جو بچيل حق بہ ادارن ڪي وفاقي بڻائي ڪسيو ويو آهي. ڇا ايندڙ وقت ۾ سنڌ جي ترقي لاء ڪا خاص بجيٽ يا پروجيڪٽس رکيا ويا آهن؟ گڏيل معاملن تي حڪومت ڪان اڳ تہ واعدا وفا ڪرڻ جا اعلان ڪيا ويندا آهن پوءِ حڪومت ۾ وڃڻ ڪان پوءِ ڪهڙو نانگ ٿو سنگهي وڃي. خدارا جيتري زميداري پنهنجي سر مٿان کڻو ٿا ان ڪي نڀائڻ جي ڪوشش تہ ڪيو ان وقت ڪراچي جي اسپتالن ۾ ڪيترا ئي مريض بي سهارا

ٻڌيا انهن جي روح جون اڪيون توهان طرف واجهائي رهيون آهن جيڪر انهن جي روح ڪي وري توهان زنده رکڻ جو فيصلو ڪيو ٿا ته ويل ايندبَ گڏ نہ تہ ٻي صورت ۾ انهن جي زندگي مان الوداع ڪرڻ جو آواز توهان جي معصوم ٻچن جي ڪنن تائين پهچي يا نہ پر خدا جي ٻي آواز احساس تي ضرور رسندو هوندو ۽ ان جي سزا نسل تباھ ڪري ڇڏيندي آهي.

هن وقت سڀن پارٽين کي گڏجي هڪ مڪمل رٿا بندي تي ڪم ڪرڻو پوندو جنهن جو مقصد صرف ۽ صرف انسانيت جي بچاءُ جي جنگ ئي هجي جنهن جو لاڀ اسان جي غريب مسڪين ماڻهن جي لاءِ ساڀيان جيان ثابت ٿئي. سنڌ اڳي ئي ٻين صوبن جي ڀيٽ ۾ هر معاملي ۾ پٺ تي پيل آهي. سنڌ گورنمنٽ جيتوڻيڪ ڪم جي نوعيت مان واقف ناهي تہ وفاقي گورنمنٽ ئي ترقي جي علم کي بلند ڪري ۽ بنا ڪنهن رنگ نسل ۽ فرق جي جستجو ۽ جذبي سان گڏ هن خطي پاڪستان کي ڪاميابين طرف گڏجي وٺي هلڻ جو وچن ورنائڻ گهرجي ۽ پنهنجي مسڪين ماڻهن جو روح ٻڌجون، ساھ ٻڌجون، ساٿي ٻڌجون.

# نا انصافين جو باب ڪڏهن بند ٿيندو؟

سنڌ سونهن آهي، سنڌ ساھ آهي، سنڌ عشق ۽ آس آهي، سنڌ سچائي ۽ سيپتا جو اهڃاڻ آهي. سنڌ صدين کان قائم آهي. سنڌ ڀٽائي جي ۽ سچل، سامي ۽ مخدوم جي آهي، سنڌ ۾ رهندڙ سنڌ جا مارو جسم ۽ روح منجھ آهن يا اڄا ٻيا مرگ جي بستر تي ڍير پيل جملا هر روز ڪنهن نه ڪنهن سٽيي محفلن ۾گونجندا رهن ٿا. انهن جي حقيقت جو ٻه سبق/ درس ڪنهن وٽ عملن آهي ٻه يا نه؟ يا هي سڀ پير، وڏيرا، پوتار، شاعر، اديب، ليڪڪ، عوامي نمائيندا، سرڪاري سطح تي عملدار، وڪيل ۽ ٻيا سڀ جو سڀ صرف خام خيالي ۽ مفاد پرستي واري دنيا ۾ رهن ٿا يا ڪجھ حقيقت تي مبني رٽا بندي جو ڪاغذي ڪاروائي کان هٽي ڪري ميدان ۾ عمل ڪرڻ جو ٻه سوچيندا. هميشه سنڌ ۾ هر معاملي جو پاڻي مٿي کان گذري وڃڻ جو ئي ڇو انتظار ڪندا آهن؟ اڳ ۾ئي اهڙا انيڪ اپاءُ وٺڻ لاءِ ڪا حڪمت عملي ڇو ڪونه جوڙي وڃي ٿي؟ ايڪويهين صدي ۾ ٿيندڙ شرمناڪ واقعن جو باب ڪڏهن بند ٿيندو؟ آڳاٽي سنڌ ۾ هر انسان وڏي شوق ۽ چاھ سان رهڻ پسندا ڪندا ها ۽ هندو برادري اڄ ڏينهن تائين امن پرست قوم رهي آهي. هنن سان ٿيندڙ ايترا هاڃا آخر ڪهڙي تاريخ رقم ڪرڻ جو سوچيو وڃي ٿو. اها سنڌ ياد ٿي اچي جڏهن مچ ڪچهريون، چاھ، محبت، امن ۽ ڀائيچاري جون عملي وکون سرعام کٽبيون هيون ۽ انهن جو اثر نوجوان نسلن لاءِ فائديمند ثابت ٿيندو هو. اڄوڪي سنڌ ۾ هر روز سوين تعداد ۾ ٿيندڙ واقعا آخر ڪنهن جي نظر مان جي گذرن ٻه ٿا ته سوشل ميڊيا يا ميسج ذريعي ۽ مهم ٻه صرف سوشل ميڊيا تائين ئي هلي ٿي. صرف شيئرنگ جي حد تائين. ان مان اهو نظر ٿو اچي ته انسانيت وڃي اها بچي آهي جنهن سان اسان ترقي ڪندڙ قوم بڻجڻ جو خواب ڏسي رهيا آهيون. هر ڪنهن کي هر ڳالھ جو پتو هوندي ٻه صحيح معنا ۾ عملي سرگرمين ۾ پري رهڻ ٻه عين شيطاني ڪم آهي.

تازو ئي سنڌ جي مختلف شهرن مان هندو ڀائرن جون نياڻيون زوري اغوا ڪري کين اسلام قبول ڪرايو ٿو وڃي. جيتوڻيڪ اسلام ۾ ڪا زبردستي ڪونهي. تنهن باوجود ٻه اهي ڪهڙا نام نهاد مسلمان آهن جنهن وٽ سواءِ هندو نياڻين کي اغوا ڪري اسلام قبول ڪرڻ جي ذميداري سونپي وئي آهي. حقيقي پس منظر عوام آڏو پيش ڪري هر معاملي جي چڱي ريت جاچ پڙتال ڪري کين انصاف فراهم ڪيو وڃي ۽ اسلام قبول

ڪرڻ جو اهو طريقو عين اسلامي ناهي ۽ نہ ئي اهي اسلامي ٿي سگهن ٿا. جيڪي حوس جي آڙ ۾ اسلام کي غلط استعمال ڪري امن پرست قوم هندو برادري جي احساسن ۽ شعور جي ائين بي رحمانا طور تذليل ڪري هڪ ظالم معاشري کي جنم ڏيڻ ۾ پيش رفت آهي. شاهہ لطيف تہ الله ۽ قرآن جي عشق سان اتم ۽ اعليٰ جذبن سان جڙيل هو.

جي تون بيت ڀانئين سي آيتون آهن.

انهن جي محنتن يا عبادتن جو محور ڪنهن کي اغوا ڪري مسلمان ڪرڻ تہ هو ئي ڪونہ. سڄي شاهہ جي رسالي يا سچل جي شاعري مخدوم طالب مولا جي عشق يا جيڪي بہ پير فقير اولياء الله جي فنون/ فڪر مان اسان کي اهڙي قسم جي تلقين ڪانہ ٿي ملي ۽ نہ وري اسلام ۾ اهڙي عمل جي ڪا رٿا يا ڳالهہ ملي ٿي. اسلام امن پرست دين آهي. جنهن جو خاص متن نبي حضرت محمد صلعم جن جي حديث مان لڳائي سگهجي ٿو تہ ”مسلمان اهو آهي جنهن جي هٿ ۽ زبان مان ٻي ڪنهن مسلمان کي تڪليف نہ پهچي“. ان مان درس اهو ٿو ملي تہ واقعي اها سختي سان تلقين آهي جنهن جي نہ ڪرڻ سان اسان جي عبادتن يا ذڪر تي ڪو خاص اثر ڪونہ ٿيندو. صرف هندن جي ئي نياڻين کي اغوا ڪرڻ سان مسلمان پنهنجو فرض ٿو سمجهي تہ اهو نہ ئي مسلمان آهي ۽ نہ وري فرض ٿو ادا ڪري بلڪ اهو هڪ ظالم ۽ جاهل آهي جنهن سان خد خدا نفرت ٿو ڪري، عقل ۽ علم واري جي خدا وٽ خاص انعام ۽ عزت آهي. مون کي حيرت ٿيندي آهي تہ اهڙا ماڻهو نياڻين کي اغوا ڪن ٿا جيڪي ڪنهن بہ طريقي سان مسلمان تہ نظر اچن ئي ڪونہ ٿا انهن کي تي نماز جا فرض يا غسل/ وضو جا فرض بہ ياد نہ هوندا. هي اهي درندا صفت انسان آهن جنهن جو وجود صرف جانور جي برابر تہ ڇا جانور کان بہ بدتر آهي. جنهن جي سوچن ۾ سنگين مايوسي آهي جنهن وٽ سواءِ ڏوهہ ڪرڻ کان علاوه ٻيو ڪجهہ ملي ئي نہ ٿو.

اهڙن ماڻهن کي سرعام ڦاسي چاڙهي عبرتناڪ سزا ڏني وڃي تہ جيئن آئنده اهڙو ڪير عمل ڪرڻ تہ نهيو سوچي بہ نہ سگهي. اسان جي سڪل سنڌ ۾ سڀ عهدا يا محڪما بہ ان سڪل وڻ جيان ٿي ويا آهن جتان ڪنهن کي تڪليف ۾ ڇانو جي بہ اميد ڪونهي

جيڪي سالن کان پينڊنگ (Pending) ۾ پيل ڪيس حل ناهن ڪرائي سگهيا اهي ڪهڙي ريت تازا جرم ڪندڙ ناپاڪ وجودن کي ڪيفر ڪردار تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندا. انهن مان ڪهڙي اميد رکي سگهجي ٿي. جڏهن سنڌ ۾ ٿرپارڪر ضلعي، مٺي، ڇاڇرو ۾ جانيون خطرناڪ بيمارين جي وڪڙ چڙهي موت سان وڃي مليا ها ڇا اهي منظر سيني کان وسري ويا آهن؟

سنڌ ۾ هر روز نئون معاملو ٻڌڻ/ ڏسڻ کان ملي ٿو هي سڀ اعليٰ عملدار حقيقي فرض ادا ڪرڻ ۾ مڪمل طاقت ڏيکارڻ کان ڇو ڪيٻائن ٿا؟ انهن جي سچائي ڪيترن گهرن ۾ خوشي جي لهر ۽ سنڌ مٿان اداسي ۽ ڏکن جا پاڇا هٽائي سگهي ٿي. هر روز جا هٽرادو پيدا ڪيل معاملا جنهن ۾ پاڻي جي کوٽ/ تعليمي ادارن کي بلڊنگس/ فرنيچر نہ ملڻ ۽ روڊن رستن کي ڀيهر تيار ڪرڻ سان ڪيترين ئي جانيون بچائڻ ۾ مدد ڏئي سگهن ٿا. پاڻي سان غريب هاري کي مزدوري نہ ملڻ ڪري خودڪشي جي انگن ۾ اضافو ٿيندو وڃي ٿو، تعليم صحيح سان نہ ملڻ ڪري نوجوانن کي انسانيت جي راهہ کان پري ڪري اهي ڪين غلط ڪمن ۾ مصروف ٿي وڃن ٿا، روڊن ۽ رستن تي هڪ ئي وقت وزني ٽرڪن ۽ ڪارن جو پاڻ ۾ ٽڪرجڻ سان ڪيترن خوشين کي تباهہ ٿيون ڪري ڇڏين. مقامي گورنمنٽ کي گهرجي تہ علم ۽ عقل جي نعمتن کي صحيح سان استعمال ڪندي هر معاملي کي زير بحث سان گڏ ان تي حڪمت عملي جوڙي سندن عمل ڪرڻ گهرجي. سنڌ ۾ رهندڙ هر شخص بي حس ٿي چڪو آهي جنهن وٽ سواءِ وائي حوالن جي ٻيو ڪجهہ ملي ئي ڪونہ ٿو. نوجوانن کي گهرجي تہ پڙهڻ/ پرجهڻ سان گڏ امن جي تنظيمن جا سفير ٿي ڪري ان سهٽي ۽ ساهہ ڏيندڙ سنڌ کي واپس آڻجي جيڪا اسان کان هميشہ لاءِ ناراض ٿي ڪنهن گار ۾ غمگينن جا آلاپ اڇاري ٿي.

# مارئي ۽ ماروي

سنڌ جي وجود ۾ جيڪا خوشبو رچيل آهي سا ڪنهن ڪنهن منجهه ئي پسي سگهجي ٿي. سنڌ ۾ رهندڙ سڀ سنڌي سنڌ آهن. سيني جي من ۾ سنڌ جي مٽي جي خوشبو ڀڪي ٿي. ان خوشبو جو واس ايترو تہ رنگيل آهي جو سنڌ ۾ رهندڙ ماروئڙن جي سوچن ۽ عملن ۾ ڏسي سگهجي ٿو. سنڌ ۾ هر قسم جا ماڻهو رهن ٿا جيڪي نيڪ ۽ بد جي مجموعي سانچي ۾سانديل ملندا. مارئي جي اوائلي زماني ۾ بہ عمر جهڙا بدبودار وجود هوندا ها تہ هن زماني ۾ بہ سندس جا پوئلڳ موجود آهن. پر جنهن بہ وجود ۾ مارن جو ڏک، سک، محبت، پيڙاهہ جون اندر مانداڻ مچيل رهي ٿو سا ئي مارئي جي ٻي روپ ۾ پسڻ ڪاڻ ملي سگهي ٿو. سنڌ جي ئي سچي، سپوت، سندر سوچن جي سون سان سلهاريل ڊاڪٽر ماروي پليجو بہ مارئي جهڙو ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ هر وقت ڪوشان آهي. سنڌ صدين ڪان مختلف معاملن جي وڙ چڙهيل آهي سنڌ سهڻي جو نصيب بہ ان غريب عورت جيان آهي. جنهن جي شادي ٿيڻ کان پوءِ گهروارن سان گڏ چاچا ۽ ماما بہ حق جتلائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. سنڌ جي سينڌ ڪي ميرو ڪرڻ انهن جي اولين ترجيح هوندي آهي. ڊاڪٽر ماروي ان بدڪردان ۽ بدگمانن وجودن لاء تلوار ڪان بہ تکي ثابت ٿيندي پئي اچي جيڪي غريب ۽ مسڪينن جي حقن تي ڌاڙي هڻڻ جي ناڪام ڪوشش ڪن ٿا.

ڊاڪٽر ماروي پليجو سماجي ڪارڪن هجڻ سان گڏ سياسي ڪمن ۾ بہ اڳيري رهي ٿي. ماروي پليجي جي سوچن ۾ سنڌ جي هڪ هڪ فرد جي اصلاح لاء من ۾ هلچل متل آهي. پنهنجي هڙان وڙان ڪري سماجي ڪمن ۽ غريبن جي ڀلائي خاطر وت وس آهر هر ڪم خلوصيت ۽ ڪمال/ جمال سان نڀائيندي ٿي اچي. مارئي جي روح ۾ غريبن مسڪينن جو پيار ۽ خيال سانديل هوندو هو اهڙي طرح ڊاڪٽر ماوري پليجو جي سيني ۾ بہ غريبن مسڪينن جو سور سانديل آهي. انهن سان ٿيل ازلي ناانصافيون جن ۾ ڳوٺن ۾ بنيادي تعليم ۽ اسپتالون يا ٻيا سکيا جا مرڪز جيڪي ڪاغذن ۾ تہ ملن ٿا پر حقيقت ۾ ڳوٺن جي سونهن بڻجڻ کان رهجي ويا. ان ئي سلسلي ۾ ٿر، ڪاڇو، ننگر، پارڪر، رتيديري ۽ سنڌ جي وستي وستي ۽ واهڻ واهڻ پنڌ ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو آهي. هن سنڌ جي سينڌ کي ميرو ٿيڻ ڪان بچائڻ لاءِ هر وقت عمل ۾

رهي ٿي. ڊاڪٽر ماروي پليجو جي شخصيت اڄ ان ملير جي مارئي جي سڪ لاهي ٿي جنهن وٽ هر انسان لاءِ من ۾ محبت سانديل هوندي هئي.

جيتوڻيڪ ماروي پليجو پيشي طور ڊاڪٽر آهي ۽ پنهنجي زندگي ۾ مختلف خوشين ۽ آرام جي رنگن سان رنگين زندگي بسر ڪرڻ جي باوجود به ان ملير جي مارئي جيان عطر، عنبر پلاون ۽ شربتن، پٽ پٽيهرن ۽ بخمل بافتن کان پري ٿي ڪري مالڪ حقيقي جي فرض کي اولين ترجيح ڏئي انسانن جي خدمت ڪرڻ جي پاڪ ڪم ۾ جستجو ۽ جنگ جوٽيندي رهي ٿي. تازو ئي ايڊز (AIDs Acquired Immune Deficiency Syndrome) جي خطرناڪ ۽ موتمار بيمارين جي جاڳرتا مهم ( awareness) ۾ مختلف ڳوٺن ۽ شهرن ۾ ننڍي پيماني تي پروگرام رکي کين بيماري بابت آگاهي ڏني. اهڙن انسانن لاءِ ئي شاهه لطيف جي هي سٽ پنهنجي خوشبو سان ٻهڪندڙ ملي ٿي.

ملير ماٽيائون، حڪم ساڻ حبيب جي

سنڌ ۾ جيتوڻيڪ عورتن سان هر ويساهه گهاتيون، انهن جي حقن کي لتاڙڻ جي ڪوشش ۽ حراسان ڪرڻ سان گڏ ڪارو ڪاري/ جبري زنا/ ننڍي عمر ۾ شادين جو هڪ عام رواج بڻجي چڪو آهي. ان باوجود به پنهنجي مصروف زندگي مان ڊاڪٽر ماروي ماٽهن جي وچ ۾ انهن جي معصوم پٽي تي پنهنجي تجربن ۽ مشاهدن ذريعي طبعي يا وري ذهني جوش ۽ ولولي کي سهٽو بنائڻ ۾ هر وقت مدد ڪندي رهي ٿي. اسان جي ڪيترن ئي ڳوٺن ۾اڄ ڏينهن تائين تعليم بهتر ناهي ته سگهي ڊاڪٽر ماروي انهن خاندانن سان تعليمي هم آهنگي/ ڏيتي ليتي بطور ڊاڪٽر انهن جا ننڍي پيماني تي معاملن کي حل ڪرڻ لاءِ محنتون ۽ جفاڪشون ڪندي رهي ٿي. ڊاڪٽر ماروي جو ڪم ۽ مقصد نيڪ آهي. جنهن جي انتها ان جي ابدي زندگي کي جنم ڏيڻ آهي سنڌ هن وقت مجموعي مسئلن جي ور چڙهيل آهي ماروي پنهنجي ساٿين سميت " تتي ٿڌي ڪاهه ڪانهي ويل ويهڻ جي " لطيف جي هن سٽ سان نيائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي آهي. اسان جي سنڌ صدين کان نڌڪي ۽ سڪل رهي آهي. ماروي جي جمود پريل حوصلن ۽ بي باڪ ڪردار سنڌ کي نئون جنم ڏنو آهي.

ڊاڪٽر ماروي پليجو هر وقت جهر/ جهنگ/ ٿر/ ڪاڇي ۽ ان وستي ۾ جتي منهنجا ماروئڙا شهزور رهن ٿا سا انهن کي حقيقتن کان واقف ڪرڻ جي عمل ۾ ڪوشان آهي. ڊاڪٽر ماروي پليجو حق ۽ سچ جي راهه تي جاڪوڙي ڪردار ادا ڪرڻ سان گڏ هڪ بهتر انسان پڻ آهي. جنهن وٽ اخلاق ۽ سهڻي ڪردار جي سيپيتا جو اهڃاڻ ملي ٿو. شخصيت ۾ شاهه ۽ عملن ۾ مڪمل درسگاهه جو وجود رکي ٿي. جنهن پنهنجن سنڌ جي ماڻهن سان بنا ڪنهن لالچ ۽ لوڀ جي انهن جي خدمت ۾ مشغول آهي. جيڪا نه آنڌي نه مانڌي مان واقف آهي نه ئي رستي ۾ فتي ڪيل رڪاوٽن جي ڪنڊن کان. ڊاڪٽر ماروي پليجو صرف ۽ صرف ان عشق مان واقف آهي جيڪو مخلوق خدا جي خدمتن ڪرڻ کان پوءِ حقيقي مالڪ جي ديدار لاءِ وانجهيل هوندو آهي. اهڙا ڪردار ڪجهه صدين جي گذرڻ کان پوءِ ئي ملندا آهي. اڄ سنڌ سر سبز ۽ ان ۾ ساهه سمايل آهي جيستائين اهڙيون ماروِيون زنده آهن. پنهنجي سنڌ کي ترقي ڏيارڻ ۾ هر وقت ڪوشان رهن ٿيون. ماروي جو ڪيل ڪم تاريخ جي سنهري ورقن ۾ لکيو ويندو ۽ ايندڙ نسلن لاءِ عملي زندگي ۾ ڪيل ڪم ساپ پوندو.

# ادب ۾ بي ادب اديب

حضرت محمد صلي الله عليہ وآله وسلم جن جو فرمان آهي تہ بهترين اخلاق گناهن کي ائين ڳاري ڇڏيندا آهن جئين پاڻي برف کي ڳاري ڇڏيندو آهي ۽ برو اخلاق انسان جي عملن کي ائين بگاڙي ڇڏيندو آهي جئين سرڪو ماکي کي بگاڙي ڇڏيندو آهي.
(طبراني)

ادب لفظ جي پنهنجي پنيان هڪ وسيع معنىٰ جو ڍڳ / ميڙ ملي ٿو. ادب صرف تخليقڪار جيڪو سرجي ٿو ان کان علاوه بہ هڪ الڳ اثر ۽ معنويت رکي ٿو ادب سماجي لڇڪ سان گڏ روين ۾ ڪردار جي ادا ڪرڻ کي بہ ادب چئجي ٿو. ادب معاشري جي هر عملي جدوجهد ۽ علمي بيهڪ جي ڪري ڪچن، پکن ذهنن تي بہ نمايان نظر اچي ٿو ادب انساني وجود جو ازل کان اڳ ۽ ابد کان بعد بہ خوشگوار زندگي گذارڻ جو ضامن هجي ٿو ادب تعليم، تمدن، ريتون ،رسمون، سياست، سياحت، فصاحت ۽ بلاغت جو هڪ انمول ميڙ آهي. ادب اصلاحي يا مثبت سوچن جي مدد سان لکڻ/ سرجڻ سان گڏ عملي ڪمن ۾ بہ ڏسي سگهجي ٿو ادب زندگي جو اهم حصو آهي جتي اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ ايندڙ گذريل، هلندڙ زندگي ڪهڙي نوعيت جي ٿي سگهي ٿي. حضرت شيخ سعديؒ جن جو قول آهي تہ جيڪو ماڻهو ننڍي هوندي بي ادب هوندو آهي اهو وڏي هوندي بہ بي ادب ئي رهندو.

جيڪو ادب لکجي ٿو ان جو متن/ مقصد عمل ڪرڻ ئي تہ آهي لکڻ جو اهم/ خاص ٻيو وري مقصد ڪهڙو آهي؟ ادب لکيو تہ بي حد وڃي ٿو پر عملي نظام ۾ گهٽ ئي نظر اچي ٿو سامهون/ روبرو ۽ پويان جيڪي نتيجا نڪرن ٿا انهن جي اصطلاحي لڇڪ ۾ جيڪر فرق ملندو تہ اهو منافق چئبو. قول ۽ فعل ۾ تضاد اڄڪلهہ جي انسانن ۾ عام رواج بڻجي چڪو آهي. هر انسان اديب آهي پيلي اهو صاحب ڪتاب هجي يا نہ ڇو تہ اڳاڻي زماني ۾ ادب هر معاملي ۾ مک ڪردار ادا ڪندو هو. مثال طور پاڻ جنهن کي تجريدي نظم/ نثراٽا نظم/ ون لائين/ هڪ سٽي نظم جيڪي آزاد نظمن جي صنف ۾ اچن ٿا اهي زير عمل ۽ قلم تاريخ جي ورقن ۾ نمايان نظر اچن ٿا. موهن جي دڙي مان مليل تختين تي لکيل ٻولي بہ آزاد ۽ هڪ سٽي نظم ئي سمجهيو وڃي ٿو. ادب

صرف انهن لاءِ ڪين آهي جيڪي علم عروض جي رڳ مان واقف هجن ادب تہ سهڻي اخلاقن/ سهڻي خيالن/ سهڻي عملن جي وجود جو سندر ۽ سپرين روپ آهي.

جيڪي ماڻهو ادب جي صنفن/ ڪم/ گهاريٽن تي مڪمل طبع آزمائي ڪري چڪا آهن/ ڪري رهيا آهن. اهي ئي جيڪڏهن عملي اخلاق کان آجا هجن تہ پوءِ انهن جو لکڻ معاشري ۾ ڪيتري حد تائين پکيڙ ڪري سگهي ٿو؟ يقينن ان جو ڪو بہ اثر نہ ٿيندو. لکڻيون جيڪي ڪتاب ۾ شامل هجن ٿيون سا مرگ جي بستر تي ساهہ ڏيڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ ٿو ٿي سگهي. عالمي ليول تي اسان جي معاشري کي ايتري محنتن ۽ جفاڪشن کان پوءِ بہ اها پذيرائي ڇو نہ ٿي ملي؟ سنڌ اندر ادبي تنظيمون الڳ الڳ بينڪون، طبقاتي سسٽم، معاشري ۾ ڪهڙو اثر ڏيڻ وڃي رهيا آهن؟ ڇو تہ اديب جڏهن بہ لکي ٿو تہ معاشري جي ئي پهلوئن تي لکي ٿو پر ان کان پوءِ معاشرتي معاملن ۾ بدڪردار/ هنيلو/ تڪبر سان سلهاڙيل ۽ بداخلاق هوندو تہ ان جو اثر پڙهندڙن تي قطعن نہ ٿيندو جيڪو ڪجهہ اسان لکون ٿا ڇا ان ڪيفيت مان پاڻ ڪڏهن گذريا آهيون. هتي ڪيفيت پيار ۽ عشق مان مراد ڪونهي هتي صرف ڳالهہ ان مجموعي عملن جي آهي جيڪا اسان ذميداري (معاشري کي بهتر بڻائڻ جي) سر تي کنئي آهي. ان جو ذڪر ڪجي ٿو. ادب لکڻ جي برعڪس سوچڻ کان پوءِ ٻيا اهم جزا زبان، اٿڻي، ويهڻي، ڳالهہ ٻولهہ، سڀ جو سڀ اوترا ئي خاص آهن جيترو اسان پاڪ خيالن جو ذڪر ڪندا آهيون. ڇا مجموعي معاملن ۾ اسان جي زبان يا هٿ ڪڏهن پاڪ رهيا آهن يا وري پاڻ ۾ ننڍن ننڍن معاملن کي وڌائي وڻ ڪري ان جو شيطاني شيوي سان ميوو کائڻ پسند ڪندا آهيون. ڇو تہ شيطان جو عمل بہ بي ادب جي ئي خاني ۾ اچي ٿو سالن جي ڪمائڻ صرف بي ادب جي باهہ جي هڪ جهلڪ تار تار ڪري ڇڏيو. بهگود گيتا جي باب ڇوٿون ۽ ٻيا ڪيترائي باب سٺن، عملن، روين ۽ ان مان ملندڙ نتيجن جو بيان ٿيل آهي ۽ ان سان گڏ عيسائين جي پاڪ ڪتاب انجيل ۾ پڻ مختلف هنڌن تي ان اخلاق ۽ ادب جي ڳالهہ ڪئي وئي آهي. جيڪا معاشري کي حقيقي ساهہ ڦوڪي ٿو قرآن ڪريم ۾ صاف ۽ چٽي اکرن سان بيان ٿيل آهي تہ توهان جا اعمال توهان جي نيتن تي منحصر ڪن ٿا يا ٻئي هنڌ تہ توهان مان ڀلي ۾ ڀلو انسان اهو آهي جنهن جا اخلاق ڀلا هجن.

هاڻي ڳالهہ جيڪا وڃي بچي تي سا اها تہ اسان جي وجود ۾ سوچڻ جي حد تائين پاڻ وڏا اڳواڻ ۽ مفتي هجون ٿا پر جڏهن ڏيتي/ ليتي ۽ روين ۾ ان جي برعڪس هجون

ته اسان پاڪ ڪتابن ۾ فرمانن کي پنهنجي ذهن ۾ ويهاري کين ٽاڪي جهنم/ نرڳ آهي ۽ اهو ئي خاص پهلو آهي جيڪو اسان جي انبار پبلش ٿيل ڪتابن ۾ عشق، پيار، ڏک، درد، اڌما، سور ته ملن ٿا پر وجودن جي اصلاح روين جي آسودگي، ميناج، گهٽ ئي نظر اچن ٿا ۽ وري ادبي محفلن ۾ علم ادب ۽ اخلاق تي ليڪچرار طور ويهي حوال ڪري گهر پيڙو ٿيون ٿا.

جيترو ادب هن صدي ۾ لکجي ٿو اوترو شايد ئي گذريل وقت ۾ لکيو ويو هجي پر ڪتابن جي انبار اٿلائڻ سان ذهني سوچن ۽ زباني ڳالهه ٻولهه ۾ ڪو خاص فرق نظر ڪو نه ٿو اچي وڏا وڏا ڪتاب گهرن جي ڪٻٽن/ لائبريرين ۾ پريا پيا آهن پر انهن ۾ جيڪي شيون سرجيون ويون آهن انهن جو انسان جي عملي ميدان/ زندگي ۾ رتي برابر به پسي ڪين سگهجي ٿو اها ڳالهه معاشري جي سيني انسانن کي پلي پٽ خبر آهي ته هر ڪو پنهنجي معيار مطابق ٻي کي ٻي ادب ڪوٺي ٿو. جيڪو ڪوٺي/ پڪاري ٿو اهو به ان وانگر ئي ٻڌجي وڃي ٿو شايد ان کي خبر ڪونهي ته ظرف جو دائرو ڪيترو وسيع رکڻ گهرجي. وڏن وڏن ادارن ۾ چيچڙ ۾ ميلن، ملاڪڙن، مشاعرن ۾ وڃڻ کان پوءِ بطور سينيئر ليکڪ يا شاعر طور ڪنهن سبب تحت ڪنهن به اديب سان رابطي جي ڪوشش ڪجي ٿي ته رويو منفي ڏسڻ کان ئي ملي ٿو مطلب پوءِ عام ماڻهو کي ڇو معيار ڏجي؟ جڏهن ته پاڻ کي تخليقڪار سمجهڻ وارا ان عمل کان آجا آهن. ادب صرف لکڻ تائين محدود ناهي موٽ ۾ عام ماڻهن کي ڇا ٿو ملي. لکڻ کان وڌيڪ حساب ڪتاب/ لهه وچڙ ۾ روين مان ئي اندازو لڳي وڃي ٿو ته فرق/ طبقاتي سسٽم جي اوسر کي هٿي ڏيڻ اڄڪلهه جي معاشري ۾ نظر اچي ٿو ۽ جيڪو لکندڙ بي ادب آهي ۽ منافق جو پاٺ پڙهي ادب جي ڳالهه ڪندو ته معاشرو اتي جو اتي بيٺو هوندو ۽ ان ۾ ڪا مثبت تبديلي ڪو نه نظر ايندي. جيترا ڪتاب هن وقت ڇپجي چڪا آهن جيڪر انهن کي پنهنجي زندگي ۾ عمل جي انس سان نڀائجي نه ٿو ته لکڻ ۽ وائي حوالن سان ته سيني ماڻهن جا ذهن پريا پيا آهن. اسان جي هن معاشري ۾ هر ڪو پاڻ کي صحيح سمجهي ٿو ۽ ٻين کي غلط اها هڪ ذهني بيماري آهي جڏهن ته انسانيت اها ئي آهي ته هن ڪمزور وجود وٽ سواءِ تنقيد جي ٻيو ڪجهه به ڪونهي، معاملو اگر دليلن سان نه ٿو ڏئي سگهجي ته لفاظي اصلاحي بيان ڏيڻ سان بي ادبي ۾ بغض ۾ ويتر معاملو وڌي وڃي ٿو. ادب لکندڙن کي مون پنهنجي زندگي ۾ بي ادب ئي ڏٺو

منهنجي زندگي اديبن ڪان سواءِ بہ عام وجودن سان ملاقات ٿيندي آهي. پر جنهن وٿ ذميداري هجي ۽ اهو ئي معمولي ڪمن ۾ وقت وڃائي تہ پوءِ هن نسل جو ڇا ٿيندو؟

هن وقت معاشرو مهان ۽ حد ڪان وڌيڪ بي ادبي من گهڙت ڳالهين جو هر جڳهہ تي پنهنجو ميلو مچائي بيٺيون آهن جنهن ملڪ ۾ سياسي يا ڪنهن بہ ذميدار شخص جا خاڪا ۽ گاريون ڏنيون وڃن تہ اتي فقيري ۽ درويشي ڪٿان ملندي ۽ عشق ۽ عقل جي جوڙ جا جادو ڪيئن ملندي ڏسنداسين. گذريل ولي يا بزرگن جهڙا ماڻهو اڄڪلهہ ڇو اڻ لڀ ملن ٿا ان جو ڪارڻ ڪڏهن ويهي ڪنهن سوچيو آهي ڪنهن بہ نہ؟ هن نازڪ صورتحال ڪي جيڪي بہ اديب دانشور آهن اهي بنا ڪنهن رنگ نسل ۽ فرق جي هڪ ئي پليٽ فارم تي محبت ۽ عزت جي فضا جي فڪر ڪي بلند ڪن تہ جيئن هن دور ڪان بعد ۾ اچڻ وارن مٿان امن ۽ محبت جي فضا برقرار هجي. خدا ذوالجلال هن خطي پاڪستان جو حامي و ناصر ٿئي.

# تعليمي تَخيل جي تَنّد تنوارينڌڙ ڪِردار خَالد حُسيِّن چَنا

خُدا جي ڪائنات ۾ سڀ کان ڀهريان عقّل تخليق ٿيو، مطلب شعور تخليق ٿي، ان شعور/ عقل کي سوچن جي شاهڪار ڇيهي سان سرگرم رکيو ويو تہ جئين انسان محنتن ۽ جفاڪشن جي ڀنور ۾ شعور جي ڏنل خاص نعمت کي زنده و جاويد رکندو اچي عين ممڪن آهي تہ مثبت سوچن کان هٽي ڪري منفي سوچن ۾ اهو ئي شعور بي راهہ روي جي واڳ کي جهلي ان تي پڻ عمل ڪرڻ جي بہ طاقت رکي ٿو. پر شعور جي مثبت سوچن هميشہ پالنا ڪئي آهي ۽ ڀرپاڪ بلندين تائين پهچائڻ ۾ مدد ڪئي آهي. اهو ئي شعور آهي جنهن جي ڪري نيڪ ۽ بد جي ڄاڻ ملي ٿي. سچي ۽ ڪوڙي جي سڃاڻ ملي ٿي. اعليٰ ۽ پست جي پهچان ملي ٿي. مطلب تہ شعور اهو علم آهي جنهن هن دنيا ۽ بعد واري دنيا جي مڪمل ضابطا اخلاق ۽ عمل جو درس ڏنو آهي. هاڻي اهو درس انسانن جي صورت ۾ ٻين انسانن تائين پهچائڻ جو هڪ عام ذريعو ٿي گذريو آهي.

شعور جي شهہ رڳ کان اصل ۾ جيڪو انسان واقف آهي ان مسلسل نسلن کي اصلاح جي مڪمل طور تي ذميداري نڀائيندي آهي. انهن ذميدار وجودن ۾ جتي تا ازل نبين، ولين، قطبن، صحابائن، ابدالن، محققن، تاريخدانن، علمائن، مفتين، اڪابر ۽ استادن جي روپ ۾ اسان جي سامهون يا وري خيالن/ ڪتابن جي ورقن ۽ سوچن ۾ انهن جي ڪم فن ۽ علم جا ٻرندڙ روشن ڏيئا اڄ ڏينهن تائين دنيا کي نت نون زاوين ۽ پيمانن جي پاند ۾ ڪامياب در ڪامياب ڪندا اچن ٿا. اهي ڪامياب وجود جيڪي علم جي امنگ سان ماحول جي رنگ ۽ ڍهنگ کي بدلائي ڪيترين بلندين تائين پهچايو اهو سڄو ڪمال شعور جو هو/ آهي/ هوندو. جن ۾ خد خدا کان وٺي حضرت محمد صلعم جنهن کي علم/ شعور جو شهر ۽ ان جي پياري سئوٽ حضرت علي ڪرم الله وجهہ کي علم جو دروازو سڏيو ويو. حضرت علي جن جي شخصيت ۽ ڪردار مان چڱي ريت واقف آهيون تہ هو فاتح خيبر ۽ بهادر ۽ وفادار شخصيت باڪردار هجڻ سان گڏ با اخلاق پڻ هيا پر شعور ۽ علم جي سکڻ واري مرحلي ۾ غلامي جي حد تائي وڃڻ اڄڪلهہ جي معاشري لاءِ هڪ انوکو سوال پڻ آهي. جڏهن پاڻ جن ڪنهن کان هڪ اکر بہ سکن ٿا تہ سندن اهو چوڻ ان انسان جڻ تہ مون کي غلام بڻائي ڇڏيو.

"Whosoever teaches me a single word subjugated or made me slave." (Hazrat Ali R.A)

ان ڳالهہ تي اگر غور ڪجي تہ جواب ملي ويندو. شعور ئي انسان کي اصل رتبو/ شان ۽ شوڪت مان واقف ڪرائي ٿو يا وري هي حديث ڏسو:

جيڪو استاد (Teacher) سان گڏ اٿندو ۽ ويهندو اهو باوقار ٿي ويندو آهي.
( حضرت علي رضي الله تعاليٰ)
(حوالو: تعجيليات حڪمت پيج ,340 چوٿي نمبر 36)

ان کان علاوه ڪوڙ سارا ڪردار اسان جي سامهون آهن جن ۾ حضرت علامه اقبالؒ حضرت قائد اعظم محمد علي جناحؒ،شيخ سعديؒ افلاطون، ارسطو، نيلسن منڊيلا، شاهہ سچل، سامي، بيدل ۽ بيڪس جيڪي اصل شعور جي شهہ رڳ کان واقف هيا جن جي سڄي زندگي علم جي ميدان ۾ پاڻ کي جستجو جي جهان ۾ محو رکيو. انهن پاڪ وجودن جنهن جي عمل ۾ مسلسل نيڪ مقصد لاءِ جدوجهد ۽ جفاڪشن سان پاڻ کي جاندار رکيو تن ۾ محترم استاد (Teacher) خالد حسين چنا پڻ شامل آهي. سر خالد حسين چنا 18 جنوري 1977 ۾ شهدادڪوٽ شهر ۾ محترم حاجي عبدالڪريم چنا جي گهر ۾ اک کولي. هِن جي اک کلڻ سان ڪيترن کي بند پيل بي علم اکين کي آسرو مليو، اميد ملي، انگ مليو، چاهہ مليو، رنگ مليو، راهہ ملي، رقص مليو، عڪس مليو، آهہ ملي، ڍهنگ مليو، سنگ مليو، ساهہ مليو، روپ مليو ۽ درس مليو سر خالد حسين بنيادي تعليم شهداد ڪوٽ جي ئي مقامي اسڪول گورنمنٽ مهراڻ پرائمري اسڪول مان حاصل ڪئي ۽ مقامي ڪاليج مان انٽرميڊيٽ ڪرڻ کان پوءِ سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو مان 1999 ۾ انگريزي ادب جي سند پڻ حاصل ڪئي.

اهو تعليم حاصل ڪرڻ جو سفر اسان جي اڳيان هڪ شاهڪار مثال بڻيل آهي ۽ شهدادڪوٽ شهر جي نوجوانن لاءِ هڪ بي مثال درس جيان اثر رکي ٿو جتي اڄ بہ تعليمي ادارن يا تعليمي سرگرمين ۾ سر خالد حسين چنا جي محنتن ۽ جستجو جو

ذڪر ڪيو ويندو آهي. سر خالد حسين چنا مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي ڄام شورو 2016 ۾ انگريزي لسانيات ۾ ماسٽر (M.S in English Linguistics) جي سند پڻ حاصل ڪئي. سر خالد تعليمي سرگرمين سان گڏوگڏ سماجي ڪمن ۾ پڻ اڳي کان اڳڀرا رهيا آهن. جنهن ذاتي تعليم پڙهن سان گڏ سماجي شعور ۽ سور کي به سيني ۾ سانڍي رکيو آهي.

"These Pains You feel are Messengers listen to Them"
<Rumi>

جنهن وٽ معاشري جو سور آهي، سوچ آهي، لوچ آهي، عشق آهي، "سو ئي پسيو جنين پاڻ سين" واري پاند ۾ پالڻهار جيان عمل پيڙا هجي ٿو يا وري هي ڏسو جم روحن جي چواڻي مطابق:

"Formal Education Will Make You Living Self Education Will Make you a Fortune"

سر خالد حسين چنا انسانيت روپ ۾ فرشتا صفت انسان آهي جنهن جي دل ۾ انسانن جي ڀلائي جو ورد جاري و ساري آهي. سر خالد حسين چنا زندگي جي ڏکين مرحلن کي پوئتي ڇڏيندي ڪيترن ئي نوجوان نسلن جي زندگي کي ڪامياب بڻايو آهي. سر خالد تعليمي ميدان ۾ استادن جو استاد ۽ سماجي ميدان ۾ رهبرن جو رهبر طور پنهنجي شخصيت کي علم ۽ عمل سان برقرار رکيو آهي. هن ماڻڪ موتي مثل انسان جي شخصيت ۽ ڪم تي ڳالهائڻ لاءِ هي هڪ ڪالم ته سمنڊ ۾ قطري مثل آهي. علم اهو واحد هٿيار آهي جنهن سان دنيا /ديس/ رنگ ۽ جبلت کي به تبديل ڪري سگهجي ٿو. نيلسن منڊيلا چوڻي مطابق علم اهو واحد طاقت ور هٿيار آهي جنهن سان توهان دنيا کي تبديل ڪري سگهو ٿا سر خالد حسين چنا جي فن/ فڪر/ ۽ ادبي/ تعليمي ڪم تي پاڻ نظر وجهون ته سنڌ جي گهڻ رخي شخصيتن جي نالن ۾ سر فهرست ملندو. ڪيترا ئي تعليم بابت مضمون سنڌ جي مختلف اخبارن ۽ ميگزينن ۾ پڻ شايع ٿي چڪا آهن. پنج عدد کان وڌيڪ ريسرچ پيپر بين الاقوامي جنرل (International Genral ) ۾ پڻ ڇپجي چڪا آهن. سنڌ جي مختلف سرگرمين ۾ هميشه پنهنجي تجربن جي ذريعي هڪ نواڻ آندي آهي. هن وقت سنڌ جي ادارن ۽ تعليمي عمل زبون ۽ سڪرات واري

حالت ۾ سڏڪن، اڏمن، آهُن، دانهن، سان مَرگ جي بستر تي پيل آهي. سنڌ گورنمنٽ ڪي گهرجي تہ ” تعليمي تخيل جي تند سان تنواريندڙ ڪردار خالد حسين چنا“ جي انيڪ ڪاوشن ڪي مد نظر رکي ڪري فڪر /فن/ عمل ڪان ڀرپور فائدو ورتو وڃي جيڪو ايندڙ نسلن ڪي بقا واري پاڳ سان برجهلو ڪنديون. سر خالد حسين چنا جي شخصيت سنڌ لاءِ هڪ ناپيد ۽ ناياب نگيني جيان آهي. جنهن جي چمڪ مان نڪرندڙ روشني صدين تائين جي سفر ڪي ساهہ بخشي سگهي ٿي.

سر خالد هن وقت سنڌ گريجوئيٽ ايسوسيئيشن (SGA) سنڌ جو سيڪريٽري جنرل طور خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي. 2013 ۾ سڳا طرفان تعليمي خدمتن جي حوالي سان ايوارڊ سان نوازيو ويو. شهداد ڪوٽ شهر ۾ قائم ٿيل ٻہ وڏا ادارا/ درسگاهون جيڪي اڄ ٻہ پنهنجي جاهہ و جلال سان تعليم ڪي هٿي وٺرائڻ لاءِ سرگرم عمل آهن. جن ۾ سچل سارو سچ ( Sachal Saro Sach) جو 1994 ۾ بنياد وڌو ۽ دريا خان هاءِ اسڪول جنهن جو بنياد 2001 ۾ پنهنجن شفقت ڀريل هٿن سان رکيو. سر خالد حسين چنا طبعيتن نهايت ئي نرم مزاج شفيق ۽ فقير منش موتين جي مالا سان مخمور آهي. جنهن جي سوچن ۾ هر وقت سنڌ جي نوجوانن ڪي ڪامياب ڏسڻ جي ولوڙ جو ولولو وائيڪو نظر ايندو آهي. سر سان اڪثر ملاقات ۾ گهڻو ڪجهہ سکڻ ڪان ملندو آهي. سر خالد حسين چنا سنڌ واسين جي لاءِ اڪثر پيغام ۾ سندن چوڻ هوندو آهي تہ پنهنجي ٻارن ڪي بهتر تعليم ڏيڻ سنڌ جي مستقبل ڪي روشن ڪيون هن جديد دور ۾ پنهنجي وطن جي حفاظت صرف تعليم ذريعي ئي ڪري سگهون ٿا ۽ پنهنجي دشمن ڪي مات صرف تعليم ذريعي ڏئي سگهون ٿا. سنڌ جي جهر جهنگ ۽ آس پاس جي اسڪولن جي مالڪي ڪريون ۽ تعليم سڌارڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيون.

سر خالد حسين سنڌ جو ارڏو ۽ دلير/ گهڻ رخي شخصيت جو مالڪ آهي. جنهن هميشہ تعليم سان عشق جي ڳالهہ ڪري دنيا جي خاص نقطي تي غور ڪرڻ جي صلاح ڏني آهي جنهن سان دنيا ڪي بدلائي سگهجي ٿي ۽ اهو نقطو تعليم آهي جنهن اسان جي روح ڪي سچي راهہ جو راهگير ڪري حقيقتن ڪان آشنا ڪرائي هن فاني دنيا مان بقا واري زندگي ڪي زنده ڪرڻ جو سبق ڏنو آهي. خداءِ ذوالجلال ڪان دعا آهي تہ روحاني پي جهڙي معطر وجود سر خالد حسين چنا ڪي زندگي ۾ وک وک تي ڪامياب ڪري ۽ وستي وستي ۽ واهڻ واهڻ تعليم جي درس پهچائڻ ۾ مدد ڪري تہ جئين ايندڙن

نسلن جي زندگي بهتر ٿي سگهي. سر خالد حسين چنا جن جو فن/ فڪر/ عمل ۽ نالي ڪي تاريخ جي سنهري ورقن ۾ لکيو ويندو ۽ جنهن جو درس معاشري ۾ رهندڙ انساني جانن کي ان مان ساب حاصل ٿيندو.

# گلشن لغاري جي ڪتاب وڇڙي ويل زندگي تي تنقيدي نظر

انگريزي ادب ۾ تنقيد جو عمل ريڙهه جي هڏي جو اثر رکي ٿي پر بدقسمتي سان سنڌي ادب ۾ تنقيد تي طعنا زني سنڌي ادب جي اصلاحي عمل کي روڪڻ ۾ نام نهاد اديبن جو وڏو هٿ آهي. جنهن سان گذريل سالن کان وٺي ايندڙ ڪيترن سالن تائين ادب ۾ ڪا نواڻ ۽ (Varieties) ڏسڻ کان ناهي ملي جيڪا بين الاقوامي ادب جي مقابلي کان ڪوهه سون پري آهي. تنقيد ادب ۾ ائين آهي جئين لفظ ادب مان جيڪڏهن الف ڪڍيو وڃي ته دب مفهوم نڪري ٿو ان جيان ئي تنقيد اگر ادب مان ڪڍي وئي ته ادب وڃي دب بچندو جنهن جي معنا مختلف نڪري ٿي زور يا ڇڪڻ آهي. سنڌي استعاري طور اسان استعمال ڪندا آهيون چانورن کي دٻ تي رکو. جڏهن تنقيد صرف ادب ئي ۾ نه بلڪ ڪنهن به عمل ۾ پنهنجي حصي جو ڪم ڪندي ته هر اها شي گمراهي کان بچي ويندي.

گلشن لغاري جو هي ڪتاب ڪويتا پبليڪيشن حيدرآباد مان سال 2009 ۾ شايع ٿيو هو جنهن جي قيمت 150 روپيا آهي ۽ 168 صفحن تي هي ڪتاب مشتمل آهي. ڪتاب جو سرورق کان وٺي نالي ۾ وڏو فرق آهي. وڇڙي ويل زندگي نالي جو مفهوم پاڻ ڪيون ته زندگي الوداع ڪري وئي مطلب موت جي عمل ۾ داخل ٿي وئي پر هتي شاعره حال حيات ۽ زندگي سان گڏ رهي ٿي ۽ وڇڙڻ کان اڳ به زندگي آهي ۽ بعد ۾ به هڪ مستقل عمل جاري آهي. آسان فهم ۾ ته خوشي کان بعد به زندگي آهي ۽ اڳ ۾ به روئڻ جي دوران به زندگي آهي ته ڏکن کان بعد ۾ به، هاڻي هتي شاعره کهڙي زندگي جي ڳالهه ڪئي آهي اهو فهم سمجهه کان ٻاهر آهي. مون کي ته زوري مڙهيل خيال ٿو لڳي. جنهن نالي جي سونهن وڃائي ڇڏي آهي. جڏهن زندگي وڇڙي/ ختم ٿي وڃي ٿي ته ان کي صرف وڻن جي سڪل پنن سان مشابهت ڏيڻ به عجيب لڳو وڻن جي پنن مان زندگي کي مشابهت ڏيڻ به مونجهارو آهي اتي ائين ٿي سگهي پيو" پن ڇڻ ۾". هن ڪتاب جو مهاڳ اقبال رند لکيو آهي ۽ امر سنڌو، پشپا ولڀ ۽ آدرش اياز تاثرن جي تند تنواري آهي. بيڪ ٽائيٽل مرحوم حسن درس لکيو آهي. اقبال رند جو مهاڳ پرپرو لکيل آهي جنهن ۾ هن مختلف زاوين کي زير بحث آندو آهي جن ۾ هن زندگي ۽ زندگي سان لاڳاپيل معاملا، اندروني لوڇ، مستقبل جي اونداهي، نااميدي، فرار،

ويڳاڙپ، ڪتنب جي ٽوڙ فوڙ، قومي معاملا، گُهٽ، ٻوسٽ، عدم تحفظ ۽ ٻيائي وغيره تي سٺي نظر سان پنهنجو فرض نڀايو آهي. اڳتي جڏهن ٻين ليکڪن جي تاثر تي نظر وجهجي ٿو ته ليکڪن صرف ساراهه ئي ڪئي آهي جيڪا مون کي اساراهه لڳي. ڇو ته اهي صرف تجزيا نگار آهن تنقيد جي تند مان واقف نه هجڻ ڪري ڪتاب مڪمل طور تي تنقيد ڏانهن وانجهائي رهيو هو/آهي. اقبال رند تنقيد کان هٽي چند بندن تي تعريفي ليک لکيو آهي ڳالهه سمجهه کان ٻاهر آهي. هن ڪتاب سان شاعره کي گذرنڌڙ ڪيفيت مٿان همدري جو زيور پارايو ويو آهي جيڪو ادب جي واڌ ويجهه ۾ ڪو اضافو ڪرڻ کان قاصر رهيو آهي.

گلشن لغاري جي هن ڪتاب ۾ غزل، نظم، وايون، چوسٽا، اٺ سٽو ۽ بيت شامل آهن. جيڪي مجموعي طور تي تمام سهٽا ۽ سنجيدگي سان اوتيا ويا آهن. پر انسان آهي ڪجهه ڪميون ۽ پيشيون رهجي وڃڻ جو خدشو هميشه رهندو آهي.

"نعت رسول مقبول صلعم "ڏاڍو سادي ۽ سلوٽي فهم سان خوبصورت سرجيل آهي پر پهرين بند ۾ لفظي مفهوم جي مونجهاري سموري بند جي معني تي سواليه نشان اڀاريو آهي.

سچا سائين صہ! اوهان جي ئي سهاري تا تڳون ورنا
جئيڻ جهڙا ڪٿي آهيون رحم جي ڪا نظر ڪريو
(صفحو: نمبر 25 )

اتي لفظ تڳون انسان جي اقدار ۾ فرق جو ڏيک ڏئي ٿو تڳڻ اصل ۾ پکي پکڻ لاءِ استعمال ٿيندو آهي. گرامر ۾، پر اتي ان لفظ جي استمال بدران " سهاري ئي رهون ورنا" يا اهڙي طرح سهاري ئي زنده آهيون جو جوڙ لڳي ها ته انسان ۽ جانور جي معنا ۾ فرق به ختم ٿي وڃي ها ۽ مفهوم به سمجهه اچي وڃي ها. باقي نعت ۾ دعائون آهن. اميدون آهن آسون ۽ باسون آهن.

دل تي دڙڪي ته درد پيي ٿيندو

ماڻهو پٿر يا لوهہ ڪونهي ڪو
(صفحو نمبر : 29 )

هاڻي مٿين سموري سٽ جي ڪري هينين سٽ تي بہ اثر پيو آهي دل عام طور تي هر وقت دڙڪندي آهي. خوشي هجي يا غم سڪون هجي يا پريشاني دل جو ڪم ئي دڙڪڻ آهي. اتي صرف درد سان تشبيهہ ڏيڻ عجيب لڳو. اتي لفظ ڪڙڪي/ سرڪي/ تڙپي پوي ها تہ سهڻو لڳي ها. هن ڪتاب ۾ ڪجهہ اهڙا بند بہ آهن جن مون ڪي حيرت ۾ وڌو ۽ اتساهہ پڻ ڏنو. سموري ڪتاب ۾ مجموعي طور تي مايوسي ئي ڇانيل آهي غم ۽ شڪايتن جا انبار ملن ٿا رسمي شاعري ئي ڪئي وئي آهي. پر ڪجهہ اهڙا خيال آهن جيڪي وزن دار ۽ خوبصورت پڻ آهي اڃو تہ ان خوبصورت پٽي جي پڪار ٻڌون.

دل جو ديپ اجهامڻ تي
ڪين اجهاڻي آهي آس

يقينن حقيقت تي مبني ۽ خيال جي پختگي بند مان ڇٽي ٿي. ڪمال جون سٽون آهن آس تہ ڪٺي ئي ناهي بيان ڪرڻ جو انداز سهڻو لڳو.

ذلتن جو زهر پياري هر هر
جبرن ڇو جياريا وياسين
(صفحو: 35)

مٿين بند ۾ مونجهارو آهي اشارتن بيان ڪيو ويو آهي پر ان ۾ مايوسي جي اٿاهہ گهرائي جي رچنا بيان ٿيل آهي. اسرندڙ نوجوانن اديبن کي جيڪڏهن اهڙي طرح جا غزل مليا تہ انهن جي پڙهڻ سان خاص نواڻ جي ڪمي محسوس ٿيندي. سنڌي ادب ۾ وڃي رڳو مايوسي ۽ غم بچيو آهي ان ڪيفتن کي بيان ڪرڻ کان علاوه اصلاحي/ انقلابي/ تعليمي گهاريتا تخليق ڪيا وڃن تہ سنڌ ادب ۽ عمل ۾ نواڻ پيدا ٿي سگهي ٿي.

زور سارا هوا لڳايا پر
گل کان خوشبو ڪڏهن کساڻي آ

(صفحو : 39)

گل ۾ خوشبو اندر سمايل هوندي آهي گل ميڃي ته ڪونهي جو ڀاڃي نه مليس ته مري وڃي. گل اندر خوشبو رکيل ته ڪونهي جو ڪير اڇي ڪسي وڃي يا هوا جي زور تي ڪري يا ڊهي پوي. اتي خيال زوري مڙهيل ٿو لڳي. جيڪو مڪمل مونجهاري ۽ حقيقتن کان هٽي ڪري اوتيو ويو آهي . اتي لفظ اماڻي آ ۽ مٿين سٽ ۾" هوا جو زور جو وڏي آيو " چئجي ها ته اڃا سهڻو لڳي سگهي پيو.

شڪل شيطان جي ۾ هر طرف انسان آ مليو

فرشتو پاڻ ڪوئيندي هتي شيطان آ مليو

(صفحو : 42)

هن سموري غزل ۾ انسان جي قدرن کي پامال ڪيو ويو آهي شاعره جي ڪاوڙ ڪنهن هڪ انسان تي ٿي سگهي پئي پر فرشتن ته ڪڏهن اعلان ناهي ڪيو ته اسان شيطان بڻجي ويا آهيون ۽ سڀن کي هڪ جهڙو سمجهڻ ميچوئرٽي ناهي ۽ هڪ مڪمل بنا دليل جي الزام آهي. هر طرف شيطان ۽ هر انسان جي استعاري ۾ عجيب نفرتن جو ٻج پوکيو ويو آهي. بدبو زدا مروج ٿيل ڪڏي رسم کي جديد ادب جو حصو نه ٿا چئي سگهون. شاعره پاڻ هڪ انسان آهي ۽ اتي هر انسان ۾ شاعرا به شامل آهي. ان سموري غزل کي ڪنهن هڪ انسان طرف اشارتن نياءُ ڪجي ها ته خوب نکري پوي ها ۽ غزل وڌيڪ مزو ڏي ها. هن ڪتاب ۾ اهڙيون ڪوڙ ساٽريون نظمن ۾ به مونجهارا ۽ چڪون آهن. جن تي اڃان اصلاحي تنقيد ڪري سگهجي ٿي. خالي نيڻ پڃرا نظم جو نالو آهي نالو خوبصورت رکيل آهي ان سموري نظم جي مين ٿيم سندر جڙيل آهي پر هڪ سٽ ۾ زوري مڙهيل خيال جنهن جي ڪا معني يا مفهوم نه ٿي نکري.

جن منهنجي نيڻن منجھ رهي

ٿي نند جا موتي چڳيا

(صفحو : 73)

ننڊ هڪ ازلي ڪيفيت آهي نہ ڪي مادي يا جسم جو موتي چڱي يا ڪٽي يا وٺي سگهي. ننڊ پاڻي جا قطرا بہ ڪونهن جو موتين سان مشابهت ڏجي. اتي اهڙي طرح سٺ سهٽي لڳي سگهي پئي ” سپنا خوب پئي سانديا “ . اڄان بہ وڏيڪ ڪجهہ شيون رهجي ويو آهن جن تي مڪمل اصلاحي تنقيد ڪري سگهجي ٿي.

# عبدالواحد سومرو جون ڪهاڻيون

ڪهاڻي هڪ ڏکي اميد جي ڪسجڻ جو نالو آهي. اميد جيڪا وڇوڙن جا ولر ڪري ڪردارن کي وھ جا ڏڪ پيئڻ تي مجبور ٿي ڪري، اميد جيڪا سونهن جي خاموش انتظار ۾ گذاريل پلن کي محراب جي معطر وجود جي اچڻ جو اعلان ٿي ڪري، اميد جيڪا انيڪ احساسن کي لالچ جي پئيراڊائيز ۾ پير پائڻ کان پوءِ هڪ سچي ۽ انوکي احساس کي الوپ ٿي ڪري، انهن احساسن/ خيالن/ اميدن جو پاش پاش ٿيڻ. عبدالواحد سومري جو هي ڪهاڻين جو ڪتاب ” ڌرتي جو پٽ “ ان ماحول کي وائکو ڪيو آهي، جيڪو اسان سيني جي نظرن مان ۽ ذڪر مان ته گذريو هوندو پر ڪنهن اهڙي ريت لفظن ۾ بيان نه ڪيو هوندو.

واحد سومرو جو هي ڪتاب گهٽ ۾ احساسن جي هڪ مڪمل ۽ اڻ ڪٽندڙ درسگاھ آهي، جنهن جي قيمت هڪڙي ڪتاب ۾ نه ٿي چڪائي سگهجي، عبدالواحد سومرو جيتوڻيڪ صاحب ڪتاب هجڻ سان گڏ صاحب نظر ليکڪ به آهي جنهن ڪراچي جهڙي پرپانڪ ۽ اجگر شهر ۾ ويهي پانت پانت جي ڪردارن کي چڱي ريت پسي ۽ ان کي ڪهاڻين ۾ پروڙي ان حقيقتن کان خبردار ڪيو آهي، جنهن ماحول کي گهٽي پاڳي برائين/ ظلم/ وحشت جي طرف ونئي وڃي رهيا آهن. ڪهاڻيون ڪَلجُڳ جو ٻيو روپ آهن. جنهن سان ماحول کي معطر ڪري سگهجي ٿو. عبدالواحد جي هن ڪتاب ۾ اهي ڪهاڻيون اوتيل آهن جيڪي منهنجي دل تي هڪ گهري اثر ڇڏڻ سان گڏ پڙهندرن کي پڻ حيران ڪيو هوندو. جنهن سنڌ ۾ اسان رهون ٿا ان سنڌ ۽ آڳاٽي سنڌ ۾ ڏينهن ۽ رات جو فرق آهي، ذات ۽ پات جو فرق آهي، اوچ ۽ نيچ جو فرق آهي، وڏي ۽ ننڍي هجڻ جو فرق آهي، محبت ۽ پيار ۾ فرق آهي، سوچ ۽ ويچار ۾ فرق آهي. مطلب ته هر هڪ راز و نياز ۾ فرق آهي ۽ اهو ئي فرق آهي جو اڄوڪي سنڌ ڌوڙ ۽ ڌڪاءُ جي وڙ چڙهي وئي آهي. جنهن ۾ نه پنهنجي ۽ پرائن جي خبر ٿي پوي نه ئي پوڙهي ۽ پڪي جي. سرعام ظلم/ بربريت چاپلوسي/ چغلخوري طعنا زني/ ننوليون ۽ لالچن جي لالي هر ڇهري ۾ ڇهڪات ڪندي نظر اچي ٿي.

مون کي اها سنڌ ياد ٿي اچي جتي هڪڙي ويس ۽ ديس جي ڳالھ ٿيندي هئي، جتي پيار ۽ صرف پيار هوندو هو، جتي ماڻهپي جي مانار سان لالچ ۽ لوڀ کي لت لڳل هوندي

هئي، جتي ساهه ۽ ويساهه جي سڪ ۾ صدين جو پنڌ به سرس ۽ سهڻو لڳندو هو. عبدالواحد سومرو ان سنڌ جي ڳالهه ڪندي ٿڪجي نه ٿو. واحد جي احساسن جي ولوڙ ان ڪي سچ ۽ حق جي راهه جو رهبر هجڻ جو سنديسو آڻن ٿا. واحد ” ڌرتي جو پٽ“ ڪتاب ۾ اهي ڪهاڻيون سرجيون آهن جيڪي روز مرهه جي زندگي ۾ اعلانيل ۽ اڻ اعلانيل آلاپ آهن، جيڪي غمگين دلين جو درمان آهن جيڪي غريب ۽ مسڪين جو آواز آهن جيڪي پيار ۽ محبت جي واس جو وهه خوف منجهه پئيڻ تي مجبور آهن. واحد جي ڪتاب جي ڪهاڻين جو ڪجهه حصو توهان جي آڏو پيش ڪيان جنهن منهنجي لڱن ڪي سيسڙاٽ جي سڌ سان سروڪار ڪيو.

منهنجا ماءُ پي جيڪي ڪارپوريٽڊ سوچ جا مالڪ، صرف نفعي جا متلاشي، جن وٽ اهي احساس ڪٿي؟ هو ته رڳو ڪار بنگلي جا مشتاق هئا. پارٽين ڪائڻ ۽ ڪارائڻ جا شوقين هئا. انهن ڪي ڪنهن جي دلي پاوناڻ سان ڪهڙو سروڪار؟ ۽ مان هڪ اهڙي ماڻهو سان ٻڌي ويم جنهن ڪي ڊرنڪنگ ڪان سواءِ ڪنهن به شي جو شوق ڪو نه هو. جڏهن پلنگ گهر آيو ته ماءُ چيو:

تنهنجي گهوٽ تولاءِ مهانگو پلنگ ورتو آهي اهو تو وارو مجنون تو ڪي ڇا ڏين ها؟ ان جملي سان منهنجي دل سان گڏ اکيون به پٽجي ويون. امان ڪي اهو مهانگو پلنگ ته نظر آيو، پر ڌي جي ڪرت وهي پيو اهو ان ڪي ڪير ڏيکاري؟

مٿيون سٽون ڪهاڻي”نئون پلنگ“ مان ورتل آهن. هي صرف سٽون ناهن هن ۾ حسين احساسن ڪي مَرگ جي بستر تي سينگارجڻ جو سنيهو آڻن ٿيون. اسان جو معاشري هر هڪ شي ۾ خلوص ڪان خالي ملي ٿي، الائي جا ڪهڙي نظر لڳي وين يا ڪو نانگ سراپي ويو آهي. جنهن به دل ۾ پير رک ته رڄ ئي رڄ ۽ سڃ ئي سڃ، آخر ڪيستائين جڄهي علم حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ به احساس ڪان اڙهانگا رهنداسين. ماڻهن جي احساسن جو قدر اسان ڪان ڪوهه پري ٿي رهيو آهي ۽ اسان جون دليون دز ۽ ڌوڙ ۾ دٻجي رهيو آهن. واحد سومري جي ڪتاب جو سموريون ئي ڪهاڻيون بيش بها موتي جيان آهي جن ۾ مهاڳ، ڌرتي جو پٽ، سرنج، چنڊٽي، نئون پلنگ، پيچو، ڪباب، پئيرڊائيز تي ورتل آخري چمي، بيروزگار ماءُ ۽ آرڊر، ڪلارڪ، پاٽي، ڌرتي جو پٽ ۽ ٻيون شامل آهن. سنڌ سونهن آهي، سنڌ ساهه آهي، سنڌ عشق ۽ آس آهي، سنڌ سچائي ۽ سيپتا جو اهڃاڻ آهي. سنڌ صدين ڪان قائم آهي، سنڌ ڀٽائي جي ۽ سچل، سامي ۽ مخدوم جي

آهي. سنڌ ۾ رهندڙ سنڌ جا مارو جسم ۽ روح منجهه آهن. يا اڄا ٻيا مرگهه جي بستر تي ڍير پيل جملا هر روز ڪنهن نه ڪنهن سٽيي محفلن ۾ گونجندا رهن ٿا. اسان جا وڏا وڏا اديب ۽ شاعر صرف لفاظي تقريرون ڪري ماحول کي جنت بڻائڻ جو ڳالهيون چو ڪندا آهن؟ عملن جستجو ڪرڻ کان ڇو لنوائين ٿا؟ ننڍي کان ننڍي پيماني جو ڪم هجي يا وڏي پيماني جو ڪم جڏهن ڪنهن جي مدد ڪرڻ يا ادبي ڪم يا محفلن ۾ اچڻ يا وڃڻ ۽ ليتي ڏيتي جي ڳالهه تي ڪجي ته يزيد جا يار ۽ رهزنن جا راهگير ئي ملن ٿا. اهڙو لکڻ کهڙي ڪم جو جنهن وٽ عمل ئي نه هجي.

واحد سومري ”مهاڳ“ ڪهاڻي ۾ کين اصلاحي تنقيد جي تحت سان تلخ حقيقت تي مبني ڪهاڻي سرجي کين انهن جي ڪڌن عملن کان چڱي ريت واڻڪو ڪرڻ تي جس هجي. جيڪا بذات خود منهنجي بلڪ هر ان سچي ۽ کري انسان جي دل جي ڳالهه آهي. اسان جي ادبي لڏي ۾ اهڙا لالچي ۽ لاغرض اديب تنظيمن جي آڙ ۾ پنهنجي ذات ۽ ايندڙ نسلن کي نيست ۽ نابود ڪرڻ جي چڪر ۾ آهن ۽ ان ڳالهه کان غافل آهن ته اسان تاريخ ۾ کهڙن لفظن سان سڃاتا وينداسين. تاريخ ڪنهن کي به معاف ناهي ڪندي. مهاڳ لکڻ واري عمل کان مان پاڻ پلي پيت خبر رکان ٿو ته نام نهاد/ وڏا وڏا اديب کهڙي ريت غريب اديبن سان جنون ڪندا آهن. خدار پنهنجي مفاد خاطر اهڙي دوکيبازي کان بچو جنهن سان توهان جي شخصيت صرف خالي ڏيکاءُ ۾ ڏکي ڏکي دٻجي نه وڃي. واحد سومرو ايڪويهين صدي جو نهايت ئي سهڻو ۽ سگهارو ڪهاڻيڪار/ ليکڪ آهي واحد ۽ ڪهاڻين جو رشتو ائين آهي جئين عاشق ۽ معشوق جو هوندو آهي. جئين هير ۽ رانجهي جو، جئين ليلا جو مجنون سان ۽ مڇي جو پاڻي سان. واحد پاڻ هڪ اگهم ڪهاڻي آهي ڪنهن شاعر چيو آهي ته:
انت بحر دي خبر نه ڪائي رنگي رنگ بڻايم الا آدمي بڻايم
ان انت ۽ بحر جو چمڪندڙ موتي آهي جنهن کي هر ڪو پڙهڻ ۽ پڙجهڻ چاهيندو آهي. واحد جو هي ڪتاب ”ڌرتي جو پٽ“ مرڪ پبليڪيشن ڪراچي جي سرواڻ مرتضي لغاري جي محنتن سان پڙهن ڪاڻ مليو. جيڪو 128 صفحن تي مشتمل آهي هن ڪتاب جي قيمت 200 روپيا آهي. واحد سومرو هن دور جو دلبر ڪهاڻيڪار آهي جنهن جي دل ان سنڌ جي انتظار ۾ اڄا زنده آهي جيڪا سين سنڌين لاءِ قرار ۽ چين جو سبب بڻجي نه ڪي ظلم ۽ دوکيبازي جي آلودگي جي آس ۾ مست سنڌ .

# پسيو جنين پاڻ سين

عشق ۽ عقل جي ميلي ۾ مات عقل کي ئي ملي آهي. عشق محبت جي متل آڙاهه ۾ اکيون بند ڪري ٽپو ڏيندو آهي ۽ مهراڻ جي مها موج ۾”مَنم مَحوِ خَيال اُو نَمي دانَم ڪُجا رَفتم“ جي مَست پئور ۾ پَسم تي ويندو آهي. اتي وري عقل ڇَنڊي ڦُوڪي قدم کڻڻ تي تلقين ڪري ٿو ۽ سنجيدگي سان ساهه کڻڻ جو سپنو ڏيکاري ٿو هن ماحول ۾ ٻه ڪي اهڙا ڪردر آهن. جيڪي پاڻ کي پسڻ کان پوءِ انسانن جو درد سيني ۾ سانڍي انهن جو اظهار مختلف طريقن سان ڪن ٿا ۽ اهي ئي مالڪ جي مخلوق جي دردن جي دردِيلي دانهن سان گڏ دانهين ٿا. خالده منير ٻه انهن پرپانڪ ۽ پلوڙ ڪردارن مان هڪ آهي خالده پنهنجي نثري نظمن ۾ بي نظير/ بي مثال نثر سرجي ٿي مختلف زاوين تي طبع آزمائي ڪري ٿي ماحول ۾ وڌندڙ ناانصافي، ٻيائين، ظلم، ۽ درد ڪٿائن جي درمانن جو داستان سندس جي نثري نظمن ۾ پڙهي سگهون ٿا. پاڻ کي پروڙي پاڪ ۽ پوتر من مان نڪرندڙ لفظن جي روپ ۾ سفيد ۽ سچي موتين سان ماحول کي معطر ڪري ٿي.

نثري نظمن جي اوسر ويهين صدي کان اڄ تائين پنهنجي سهڻي بيهڪ سان بيٺل آهي جديد نظمن جيڪا ترقي ڪئي آهي سا ٻي ڪنهن صنف شايد ئي ڪئي هجي جديد نظم جا ڪي ئي روپ سامهون آيا آهن جن مان نثري نظم( Prose Poem) ٻه جديد نظم جي اصناف سخن مان هڪ آهي. جديد نظم ۾ نثري نظم ٻه چڱو خاصو اپري آيو آهي. نثري نظم چار قسمن جي ڪمان ۾ ڪارگر ملن ٿا.

(1)ادب لطيف ( 2) شاعراڻو نثر /نظمي نثر
(3) نثري نظم (4 ) تجريدي نظم

عالمي ادب کان وني سنڌي ادب ۾ نثري نظمن جو مختصر تاريخي پس منظر ڪجهه هن ريت آهي. ادبي تاريخن جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته نثري نظم جو وجود

تمام پراڻو آهي. جنهن جا نقش ۽ عڪس آڳاٽي زماني جي لکڻين مان نمايان نظر اچن ٿا. سنڌ ۽ هند کان علاوه انگريزي ادب جي لکڻين ۾ به اهڙو اظهار ملي ٿو. مصر جي قديم ادب ۾ پئپرس (Papyrus) مان تيار ٿيل ڪاغذ تي چٽيل ملي ٿو ۽ ان کان علاوه موهن جي دڙي مان لڌل تختين ۽ ديوارن تي لکيل تحريرن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ان تي لکيل ٻولي نثر ۽ نظم جو گڏيل سنگم تي سگهي ٿو ڇو ته قديم زماني ۾ انسان جو اظهار به نظماڻي/ نثراڻي انداز ۾ هوندو هو ۽ اڄ به اسان غير عروضي شاعري جي اظهار کي آزاد صنفن جي ضمري ۾ آڻي سگهون ٿا. روز مره جي گفتگو ۾ ڪٿي آزاد نثري نظم ملي ٿو ته ڪٿي نثر جي نظر سان نمايان ملي ٿو ڇو ته هڪ لائن (One line) به جديد نظمن جي صنفن مان هڪ صنف آهي.

خالده منير سنڌ جي ننڍي ضلعي ڳوٺ راڄو نظاماڻي جهرڪ ۾ محمد عمر سمون جي گهر ۾ اک کولي، پرائمري تعليم پنهنجي ئي ڳوٺ جي اسڪول گورنمنٽ گرلس پرائمري نظاماڻي مان حاصل ڪئي ۽ سيڪنڊري تعليم گورنمنٽ هاءِ اسڪول جهرڪ ۽ هائير سيڪنڊري گورنمنٽ ڊگري ڪاليج ٺٽو مان ماڻي ۽ علامه اقبال اوپن يونيورسٽي مان ماسٽر جي سند حاصل ڪئي. خالده نهايت ئي شفيق ۽ فقير منش طبعيت جي مالڪا آهي. اندر جا احساس ملوڪ موتين جي مالها سان مهڪيل ملن ٿا. خالده پنهنجي ڳوٺ ۾ ئي رضاڪارڻي طور ڳوٺ جي نياڻين کي تعليم جي زيور سان آراسته ڪرڻ ۾ مدد ڪئي ۽ مختلف اين جي اوز (NGOs) جهڙوڪ هينڊز (Hands) رورل ايريا ڊويلپمينٽ آرگنائيزيشن (RADO) سي ايس ايس پي (CSSP) ۾ پڻ صدارتي عهدي تي ڪم ڪري چڪي/ رهي آهي. ان سان گڏوگڏ عورتن جي عالمي تنظيم سرتيون جي رڪن پڻ آهي. هڪ ئي وقت مختلف سماجي تنظيمن سان وابسته هجڻ ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته مسلسل محنتي/ جاکوڙي خالده معاشري جي ڀلائي خاطر پاڻ پتوڙي رهي آهي. جنهن وٽ ماروئڙن سان ٿيل ويساهه گهاتي ۽ انهن جي بنيادي حقن جي حاصلات لاءِ ڪم ڪرڻ جي اڻ تڻ ۾ مگن ملي ٿي. خالده حالات حاضره جا معاملا جهڙوڪ: پاڻي جي کوٽ، بدامني، قرلت، نياڻين سان ٿيندڙ ظلم ۽ زيادتين ۽ ٻيا ڪيترائي معاملا نظمن ۾ زير قلم ملن ٿا. پاڻ اڇو ته سندس جي سيني ۾ متل آڙاهه جو ڪربلائي ڪاڪ/ مقتل پسون.

اسين اڇون ٿا،

سجائي ڇڏ مقتل پلا،
ڇو ڪئي اٿئي،
سنڌ سموري ڪربلا،
تڙپن ٿا ٻچا اسان جا،
پاڻي جي هڪ هڪ ڦڙي لاءِ،
بدين ٺٽو جهول ۾ جوهي،
ڪاڇي ۾ سڄي سنڌ جا،
اسين اچون ٿا،
سجائي ڇڏ مقتل پلا،
ڏس تون تاريخ جا،
ورق سڀ ورائي وري،
ڪلهه بہ بلاول گهوٽ هو،
اوهان گهاٽي ۾ جو پيڙهيو،
مُڙي ڏس ميدان ڏي،
جوان اڄ بہ تيار آهن،
اسين اچون ٿا،
سجائي ڇڏ مقتل پلا،
ڪيستائين هي ٻيڙيون،
هٿڪريون ۾ زندان هي،
آهن تحفا اسان لاءِ،
اسين اچون ٿا،
سجائي ڇڏ مقتل پلا،
اسان اڄ بہ آهيون،
حسيني دور ۾،
۽ يزيد جي چنبي ۾،
زينب جي چادر جيان،
نياڻين اسانجين جا،
لٽا رودن تي ليڙون ٿيا،

اسين اڇون ٿا،
سجائي ڇڏ مقتل ڀلا.

مٿين سموري آزاد نثري نظم ۾ مختلف زاوين جي پيشڪش ملي. ٿي جيتوڻيڪ سنڌ اندر ڏينهن رات روڄ/ راڙو ۽ بربريت جي باھ ڀڙڪي ٿي. جنهن جي ڪٿڻ جو انت ملي ئي نہ ٿو پر اتي پنهنجي وت/ وس آهر خالده پنهنجي لڪٽين سان پروڙ ٿيل سينن ۽ زخمي ٿيل دلين جو نظمن ذريعي ڀرجهلو بڻيل هجي ٿي. اڄوڪو دور واقعي يزيدي دور جيان آهي. جتي ڪيترن ئي زينبن جي عزت ۽ آبرو کي پائمال ڪيو ٿو وڃي. اتي هن پنهنجي فن/ فڪر سان عشق ڪري محنتن/ جفاڪشن سان نظمن ذريعي سحر انگيز رُت جو مزو ونڊرايو آهي. خالده پنهنجي پاڻ ڪي محبت ۽ نماڻائپ جي آئيني ۾ پسي چڪي آهي تڏهن تہ ماڻهن جي دردن/ سورن/ اڌمن/ لڙڪن جي ڳالھ ٿي ڪري ۽ اها ئي انسانيت آهي. جنهن جي انسيت مختلف روپن/ رنگن ۾ ملي ٿي ۽ خالده جي سندر احساسن ۾ پڻ خالده سنڌ جي نياڻين سان ٿيندڙ انيائن جا آلاپ هن ريت آلاپي ٿي.

ڪلھ جا ٿي قبر ڪشائي،
ڳاڙهي ڪنوار جي ٿي پڌرائي،
هٿن تي مهيندي،
ٻانهن ۾ ڳانا،
سونهن سارو سنسار سمايل،
پر انگ انگ گهايل گهايل،
هن پيار ڪيو هو،
راڪاسي هن راڄ ۾،
ڪنهن خوني بگهڙ خار ڪري،
هن لئہ قبر جي سيج سجائي،
هن جا خواب قتلام ٿيا،
رشتا سارا بي نام ٿيا،
هي ٽرڙا ماڻهو،
هي نندڙا ماڻهو،

ڪيسين ڪندا رهندا،
پريت تي مارا ماڻهو،
پيار تي پيي ڪوئينندا،
ڪاري ۽ ڪارا ماڻهو،
جنهن نگري ۾ جائين،
تنهن نگري ۾ پيار ڪرڻ،
آ پاپ بنيل ڏي راڻي،
چو نہ ٻڌائي آ توکي،
اها ڳالهہ امان بابا پياري.

خالده منير جي نظمن/ احساسن مان خلد/ جنت جي سڳداسي هڳاءُ جي همدردي ملي تي هن دجالي دور ۾ اهڙين بي باڪ بهادر تخليقڪارن کي سلام پيش ڪجي ٿو. خالده جو روح برابري جي بانسري سان سُر آلاپي ٿو. مون سان خالده جي ٿيل گفتگو ۾ سندس جو چوڻ آهي تہ نياڻين کي بنا ڪنهن فرق جي تعليم ڏني وڃي ۽ معاشري جي ڀلائي خاطر عورت/ مرد جي فرق کي ختم ڪري سماجي بهتري ۾ مڪمل حصو وٺڻ گهرجي. آخر ۾ دعا آهي مالڪ دو جهان خالده منير کي سنڌي ادب ۾ ائين ئي مختلف صنفن ۾ ترقي ڏي ۽ سنڌ سان عشق جي انسيت برقرار رکي. ان عشق ئي خالده جهڙين حساس شاعرن کي ماحول ۾ رهندڙ مانگر مڇن سان مهاڏو اٽڪائڻ تي مست/ محو ڪيو آهي ۽ پنهنجي لکڻين وسيلي معاشري جي دشمنن جي منهن تي موچڙو آهي. خالده سماج جي ريزا ريزا ڪيل روح کي نظمن ذريعي ڳتي ستي ڳاهہ ڪيو آهي ۽ ان جو لاڀ ايندڙ نسلن جي زندگي کي تربيتي تند سان تن/ من معطر ڪرڻ جو اثر رکن ٿا. شال سڄي زندگي شاد و آباد رهي.

# سڪندر هاڙهو جي ڪتاب مينهن ڪٽيون تي تبصرو

هن ڪائنات جو وجود هر عام ماڻهن لاءِ اثاثو رهي آهي. هتان جا رهندڙ ماڻهو ڪنهن نہ ڪنهن ضرورت جي وقت ڪائنات ۾ پيدا ٿيندڙ شيءِ ڪان وقتن بہ وقتن فائدو حاصل ڪيو آهي. هن ڪائنات ۾ محنت اثاثن جي مجموعي شڪل تي مشتمل آهي. هنن اثاثن مان هڪ اسان جو محبوب سڄڻ پر جوش محنتي تڪليفن ڪي منهن ڏيڻ جي صلاحيت رکندڙ باهمٿ يارن جو يار هڏ ڏوکي همدرد ڀاءُ سڪندر هاڙهو آهي. سڪندر سان منهنجي ملاقات ڪي ٿورو ئي وقت ٿيو آهي، پوءِ رابطا دوستي ۾ تبديل ٿي ويا. پر عرصي ڪي محبتن جي مقابلي ۾ پيٽ نہ ٿي ڏئي سگهجي. هن جڏهن بہ پنهنجي خيال جو اظهار ڪيو تہ هن جي زبان تي انمول لفظن موتي جي صورت اختيار ڪئي. خيال جي بلندي، سگهاري سوچ ۽ فڪر جي ثابتي ڏئي ٿي. گذريل وقت هڪ اهڙو سچائي ۽ حوصلا افزائي جو رهيو جنهن هميشہ مايوسي جا دروازا بند ڪري نئين راهن جو روشن ڏيئو پيدا ڪيو. تازو سڪندر هاڙهي جو نئون ڇپيل ڪتاب "مينهن ڪٽيون" شايع ٿيو آهي.

سڪندر جو ڪتاب اونداهي سماج ۾ روشني جو ڪرڻو آهي، سڪندر جي سرگرمي جمود ۾ ماڻهن جا ذهن ڪڙڪائڻ جو ڪردار ادا ڪري ٿي، شهداد ڪوٽ ادبي حوالي سان ڪيتري ئي عرصي ڪان مانار جو شڪار رهيو آهي، سڪندر شاعري جو ڪتاب شايع ڪرائي پنهنجي سجاڳي جو ثبوت ڏنو آهي. سندس ڪتاب هتن ۾ ڏسي اتساهہ پيدا ٿئي ٿو. من ۾ هلچل مچي ٿہ تہ پاڻ بہ ڪجهہ ڪري ڏيکارجي، سڪندرجي لکٽي ۾ رس چس آهي. سندس ڪتاب تي لکڻ لاءِ وقت جي ضرورت آهي. مون هڪ نظر پڙهي مختصر لکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

# احمد سولنگي جو نظم تنقيد جي ترازيءَ ۾

نظم فني ۽ فڪري حوالي سان پابند به ٿي سگهي ٿو ۽ آزاد به، آزاد نظم جي ڪا حد مقرر نه هوندي آهي. آزاد ڪي پاڻ آزاد فضا ۾ گهڻ رخي ويس پارائي عقاب جيان اڏام ڏئي سگهون ٿا. قديم زماني ۾ عربن ڪان وٺي ايران ۽ فرانس جي ادب ۾ نظم ون لائين ( One Line ) هڪ سٽ جو به تخليق ٿيو يا موئن جي دڙي جي زماني ۾ جيڪا ڳالهه ٻولهه ٿيندي هئي ان کي به ڪجهه ليکڪن آزاد نظم جي ضمري ۾ آڻن ٿا. ان ڪان علاوه قرآن جي آيتن کي به هڪ سٽي نظم چئي سگهون ٿا. احمد سولنگي هڪ سٺو غزل گو شاعر ۽ نثر نويس آهي. پنهنجي شاعري ۾ مختلف ورائيٽيون (Varieties) سان گهاريتا تخليق ڪرڻ جو ڏانو ۽ ڏات به آهي. پر جڏهن سنڌي لفظن جو مفهوم ان معني سان نه ٿو نهڪي ته خيال سان گڏ جمالياتي حسناڪين جو سينو پڙوڻ ٿو ٿي پوي جنهن سان بند جي پاڻ ۾ جوڙجڪ متاثر ٿئي ٿي. مون مطالعي دوران هڪ ميگزين جي پيج تي نظم پڙهيو جيڪو هن ريت آهي.

ڀُڳل مُن، آئينا، موتي،
سوين شيشا گريون آهن.

ڀُڳل مُن هڪ چانورن جو به قسم آهي يا اڌ ڀڳ دال مڱن جي يا چڻن جي ٿيندي آهي پر جڏهن ڪاما نشاني سان گڏ آئينه موتي به ڀُڳل جي اثر هيٺ اچن ٿا جنهن جي ڪا معني ڪونه ٿي نهڪي آئينه ۽ موتي کهڙي حوالي سان ڀُڳل ٿي سگهن ٿا. هتي زوري مڙهيل خيال ٿو لڳي جنهن سان بنياد کي ڪچو ڪري ڇڏي ٿو. ڀُڳل مُن جي جڳهه تي ٽٽل دل يا من لکجي ها ته شروعات سهڻي نموني ٿي سگهي پئي. يا وري هي ڏسو:

محبت جو مناسب ڪي
ڪتي چاره گريون آهن

محبت هڪ جذبات ۽ احساس جو نالو آهي ان کي ميلاپ جي ارڪان ۾ ساڳيو ئي لفظ يا جذبات جي مد ۾ آڻبو ته سهڻو ٿي پوندو چارا لفظ جانورن کي گاهه ڪارائڻ جي مشابهت رکي ٿو. هتي لفظ وارا معني وار يا ڏينهن کي چئجي ٿو مناسب وقت يا

ڏينهن تي سگهي ٿو. باقي چارا/ گاهه ڏيڻ جي اسلوب سان نهڪي ٿو. هينئن بندن ۾ اٿاهه گهرائي آهي ۽ پيماني ۾ ڀرپور وزن رکي ٿو.

سوا پاڻي هلي جيڪا
اها ٻيڙي ڪٽي آهي

پيڻ ۽ ڊيڊ جو ناتو
مهاڻن ڪان متي آهي

ڪليل ميدان تي پيرا
هوا جا ڪنهن ڏنا آهن

ندي تي پير پنڇي جا
ڪڏهن ڪنهن ٻه ڪيا آهن

متين خيالن جي سطح گري سرجيل آهي. جيڪا احمد سولنگي جي خاص خوبين منجهان هڪ خوبصورت خوبين مان هڪ آهي. پيڻ ۽ ڊيڊ جو ناتو اتي ٻئي لفظ مونث جي مشهابت ڏيکارن ٿا پاڻ اڪثر سنڌي ٻولي ۾ ڊيڊ کي مادي/ فيمينائين جي نظر ۾ پرکيون ٿا. هن نظم ۾ ٻنهن جو پاڻ ۾ محبت جو ڪيڏو نه سندر احساس اوتيل آهي. جيڪو من کي موهي ٿو ۽ رومانوي احساس ۾ منفرد بيهڪ جي پايا تڪميل ڪري ٿو. پيڻ ٻه مادي اشڪال جي منجهندار جو من موهيندڙ عڪس آهي. احمد سولنگي هن سٽ ۾ ٻه جمالياتي جوهر کي نت نئين جوت بخشي آهي. يقينن ندي جي پاڻي تي مختلف قسمن جا پکي پانڊيئرا تي اڇي پر هڻن ٿا. ان ڏس ۾ اتي اسان کان ڪن پل ۾ اوجهل ٿي وڃن ٿا پر روح کي جهرجهري وجهي وڃن ٿا جئين پاڻي ۾ جيڪي ٽڪڙو عڪس/ جهرمڙ/ ويوز(Vibratory Waves) جا تجلا ڏسڻ کان ملندا آهن. جيڪي اڻ ڪٽ پاڻي جي بهاءُ سان پاڻ کان اوجهل ٿي ويندا آهن. يقينن انهن جو ڪَچڻ يا تورڻ پنهنجي بساط کان متانهون آهي. احمد سولنگي جو مختلف زاوين ۾ شاعري جي صنفن تي ڪم ڪرڻ سندس جو ساراهه جوڳو عمل آهي. اسان کي ٻولي ۽ ادب جي بقا لاءِ گڏجي

وڪ ڪٽٽي پوندي. ٽي ايس ايلٽ جو هڪ جملو آهي تہ تنقيد ادب لاءِ ائين ضروري آهي جئين انسان لاءِ آڪسيجن، آڪسيجن نہ ڏيڻ سان جسم جي ڇا حالت ٿيندي اهو اسان پاڻ اندازو ڪري سگهون ٿا. تنقيد جو وجود ادب سان پلئہ پاند رهيو آهي. ڪرڪيٽ جي راند هڪ گول سرڪل پاڻ جنهن کي انگلش ۾ بائونڊري(Boundary) چوندا آهيون. ان ئي گول سرڪل جي اندر ئي ڪرڪيٽ جو کيڏڻ خوبصورت لڳندو آهي. ان کان ٻاهر ڪرڪيٽ اصولن نہ کيڏي ويندي. چو تہ گول سرڪل ان کي جان ۽ روح ٿو وجهي ۽ ته‍ڏهن وجي اسڪور ۽ ٻيا مرحلا طئي ٿين ٿا. اهڙي ريت بين الاقوامي ادب جو دنيا ۾ اثر رهجي وڃڻ ۾ تنقيد جو وڏو هٿ آهي. اسان وٽ سنڌي ادب ۾ تنقيد براءِ اصلاح جي ڪوٽ ڪڏهن پوري ٿيندي ان جو فلحال نہ ٿو چئي سگهجي. هينئين بند ۾ بہ ڪجهہ فني ڪچائي محسوس ٿي اچو تہ ان جي بيهڪ جا بہ پرجهلا ٿيون.

چٽن تـــا ڪنـپ وڻ وڻ مان
وٽن ۾ ڪوڪ گهائي وئي

هڪ بهترين تر جيان تشنگي سان ڀرپور احساس آهي. خيالن جي سني پختگي آهي پر لفظي معنويت جي ڦير ڦار ۾ احساس جي تہ ڪمي پوري ٿئي ٿي پر جڏهن لفظن جو پاڻ ۾ نهڪڻ وارو عمل رڪجي وڃي ٿو. تہ اهو گهرو اثر وڃائي ويهي ٿو. اسان بنيادي مشابهت وڻ کي پن سان ڏيندا آهيون. چو تہ وڻ پنن سان سجاتو ويندو آهي نہ ڪي ڪنين سان شتر مرغ کي ڪنين سا هتي تشبيهہ آڻي سگهجي ٿي پئي چو تہ ان پکي جو قد بہ اڏ وڻ تائين آساني سان ٿي سگهي ٿو ۽ هينئين بند ۾ ڪوڪ بہ پکي يا جانور ڪندو آهي وٽن جي ڪوڪ مون ڪڏهن ناهي ٻڌي.

هوا سان جيڪر پيماني ۾ آڻيون تہ هوا جي ڪوڪ ٿي سگهي ٿي جنهن جا هم معني سور، ڦوڪ، آلاپ، سڏ ان ڊانچي ۾ آڻي سگهجن ٿا. يا وري هي ڏسو

وٽن جئين رات کي ڏوڏيو
حصي جو ڏينهن ڪائي ويا

بند ۾ رچاءُ ڪمال جو آهي، خيال بہ اتم آهي، پر لفظ ڏوڏيو بدران چوريو/ چرپر/ وڌڻ / وڌاءُ رڪجي ها تہ بهتر هو ڏوڏڻ سان رات يا ڪا بہ شي اتي جو اتي ئي رهي ٿي( Static) حالت ۾ (Dyanamic) حالت چر پر يا چورڻ جي ضمري ۾ اچي ٿي. جيڪا اڳتي پڻ وڌي ٿي جڳهہ بہ مٽائي ٿي. ڏوڏڻ هڪ حد اندر مجبور آهي. هينئين بند ۾ بہ فني/ فڪري بيهڪ ڪمال جي آهي. پر حقيقت تي مبني خيال بيهارڻ ۾ سر احمد سولنگي ٿورو هٽي ويو آهي. سج وسعتي جي واءُ سان وري/ لڙي/ حرڪت ڪري ٿو. فارورڊ(Forword) ٿئي ٿو. ان جي ڪا حد ناهي حقيقت ڪي حد اندر بيان نہ ٿو ڪري سگهجي. لڪائي سج ڪاري ۾

نڪي منهن مير سان ملبو
زمانو جيڪڏهن پيري
تہ ابتي پير سان هلبو

مٿينون گهاريتو خيالن/ فني/ فڪري آزاداڻي انداز ۾ چڱي ريت سرجيل آهي ۽ زماني جي ڳالهہ چند سٽن جي اندر بيهارڻ جو ڪارج بہ ڪمال لڳو. احمد سولنگي جي سموري شاعري گهاريتا نواڻ آڻڻ جي نويد آهن. سندس جي خيالن ۾ انيڪ منفرد نت نوان پيمانا ملن ٿا. جيڪي نوجوانن لاءِ ادب ۾ طبع آزمائي لاءِ نوان گس کوليا آهن. ارڪان تہ ساڳيا ئي هوندا پر ان فارميٽ ۾ ڪا نئين تخليق جو وجود ۾ اچڻ سنڌي ادب لاءِ ڪارگر ثابت ٿيندو.

# ادبي آلاپ آلاپيندڙ اظهر امر

دنيا جو دنگل ازل کان وٺي هر محور ۾ محو آهي. انيڪ زندگيون جنم وٺن ٿيون ۽ ختم ٿين ٿيون. مقصد حيات کان ڪير به واقف ناهي جيڪر آهين ته خاموشي جي خمار ۾ مست آهه. سڄي دنيا جو هڪ ئي مضمون آهي. جنهن تي پوري دنيا جو ذرو ذرو ٻاڙي ٿو. اهو مضمون امن/ سک/ شانتي جو مضمون آهي. جنهن جي نچوڙ تي هي دنيا وجود ۾ آئي، امن جي گهرائي ۾ ويندا سين ته ته اهو هڪ آئين/ دستور آهي جنهن ۾ هر هڪ ذري جي تقدس ڪي پائما ٿيڻ کان بچاءُ جا نڪتا/ شقون/ آرٽيڪلز آهن. انهن نڪتن تي عمل ڪري دنيا ۾ امن جي فضا برقرار رکي سگهجي ٿو. امن ادب ۽ اخلاق جي دائري ۾ دلاور بڻجي عمل ڪندو آهي. ابليس دنيا جو واحد فرد هو جنهن امن جي دستور کي گستاخي جي هوا سان لوڏي ڇڏيو ۽ دنيا ۾ ڀهريون مردود ۽ جاهل بڻجي ويو.

ان کان اڄ ڏينهن تائين امن جي مضمون ۾ گستاخي جي لهر نظر اچي ٿي جنهن سان مقصد حيات کان پيدا ٿيل وجود پاسيرو ٿي ويا آهن. پر اهي وجود جنهن وٽ شعور جي شهه رڳ ۾ ساهه آهي ۽ امن جي پرچار ڪن ٿا ته اهي انسانيت سان چاهه جو نعرو بلند ڪن ٿا جن سان امن جي مضمون جي آتما سڪون ۾ رهي ٿي. دنيا ۾ مختلف مضمون سوچن ۾ اچڻ کان بعد لکجن ٿا لکڻ کان بعد ان کي عملي صورت ۾ آڻڻ جو پڻ تذڪرو اچي ٿو پنهنجي زندگي کي خوبصورت بڻائڻ لاءِ ڪنهن نه مضمون تي عمل ڪري سک جو ساهه کڻي سگهجي ٿو. اهي لکندڙ عام ماڻهو کان سوچن ۽ عمل ۾ تورو مٿانهون درجو رکن ٿا ان ماڻهن ۾ اظهر امر جو نالو به سر فهرست آهي جنهن پنهنجي اڌ ڄمار امن جي مضمون ۾ اڻ ٿڪندڙ جاکوڙ ڪئي آهي.

اظهر امر جي ادبي ڪالمن ۾ محبت ۽ امن جي ڳالهه ملي ٿي سنڌ ۾ نوجوانن لکڻ کي پنهنجو ايمان سمجهي لکيو آهي. سچائي سان لکيو آهي پرپور عشق کي فضا قائم ڪري لکيو آهي. انهن نوجوانن ۾ اظهر امر پاڻ کي خوب مڃرايو آهي آهي اظهر زرعي يونيورسٽي ٽنڊو ڄام جو شاگرد آهي. پر مون کان هڪ ڳالهه حيرت وجهندي آهيان به قائد عوام يونيورسٽي جو شاگرد آهيان مون ڪڏهن به يونيورسٽي ۾ پڙهڻ دوران ادب ڏانهن راغب نه هيس لکڻ ته نهيو پر ڪڏهن اهڙي ادبي سوچون به نه ايندون

هيون. جنهن کي شاعري يا نثر جو رنگ ڏئي سگهجي. پاس آئوٽ ڪا بعد وڃي ڪجھ لکيو سين. پر اظهر امر پڙهڻ جي دوران پنهنجي ادبي عشق کي زنده رکيو ۽ سنڌي ادب ۾ هن وقت تائين مجموعي تعداد ۾ ڪالم مختلف اخبارن ۾ ڇپجڻ کان بعد هڪ ڪتاب جڏهن خيالن جاڳن تا جي نالي سان پڻ ڏئي چڪو آهي.

اظهر امر مسلسل درد جي دروازي ۾ گذري ٿو درد جو دروازو دل جو درمان هوندو آهي جيڪو به رخ پسيندو آهي. انهن ٻن رخن کي قائم رکڻ اظهر امر جي مهارت آهي. اظهر امر جي هن ڪتاب ۾ 20 کن مضمون شامل آهن. جيڪي مختلف سنڌ جي شاعرن ليکڪن جي آيل ڪتابن تي تبصرن ۽ مقالن جي شڪل ۾ آهن. هن ڪالمن ۾ ڀرپور نياء ڪيو آهي. مسلدل لکڻ جي سور کان آءُ چڱي ريت واقف آهيان ۽ پنهنجو پاڻ لکڻ ۽ سمجھڻ ۽ سنڌي گرامر سان گڏ بيهڪ کي سهڻو ڪري پيش ڪرڻ جو اظهر ڄاڻو گر آهي. جيتوڻيڪ هڪ ڏک جي ڳالھ اها آهي ته نوجوانن وڏن اديبن جو الائي ڪهڙو ڏوھ ڪيو آهي جو ادبي جوهر هجڻ جي باوجود ادبي گفتگو ڪرڻ ڪيٻائيندا آهن. اڃان به ويتر مايوس ڪن گفتگو ڪري سکن واري عمل کي تنقيد جي تيرن سان دل مان نڪتل اڌ ڳاڀرن اڇارن کي چيري چاڪ ڪري ڇڏين ٿا سيکارڻ ته پري رهيو. هن گذريل ڏهن سالن ۾ نوجوان ليکڪ پنهنجي وت وس آهر پاڻ علم جي سڄ کي جوت بخشي آهي. باقي اميد ڪنهن مان به نه ٿي رکجي سگهي.

اظهر امر جي هن تازي آيل ڪتاب جي مطالعو ڪندي مون کي مضمونن ۾ مستقبل جي ادبي رت کي قائم ڪري ان تي عمل جو وظيفو پڻ شامل آهي جنهن تي ايندڙ نوجوان ڪتاب کي هان سان سانديي گهڻو ڪجھ سکي سگهن ٿا. ادب ۾ ڪم ڪرڻ سان ۽ مواد کي شايع ڪرڻ سان ٻين کي سکڻ جو موقعو ملي ٿو اظهر امر جي هن ڪتاب ۾ اهو موقعو موجود آهي جنهن مان هر شوق رکندڙ کي مضمون لکڻ جي چڱي ريت شناسائي حاصل ٿي سگهي ٿي. جن اديبن تي هن لکيو آهي اسان هنن کي پڙهي ڪري ئي لکڻ شروع ڪيو هو. اڄ الله جي فضل سان هن وسيع سمنڊ ۾ قطري جيان شامل آهيون. اظهر امر به هن وسيع سمنڊ جو مطالعو رکي ٿو. جنهن پنهنجي ڪتاب ۾ ادب جي گلدستي کي کولي بيان ڪيو آهي. ان جي خوشبو وستي وستي واهڻ واهڻ مضمونن جي صورت ۾ پهچائي آهي. اظهر امر جي ڪتاب اچڻ جي مون کي بي حد خوشي ان ڪري به آهي ته اظهر سان گهڻ وقت ۾ صدين جو ناتو قائم ٿي

ويو هو ۽ دوست ڀاءُ جيان هوندا آهن. ان جي محنت جو رنگ ۾ مان به رڱجي ويو آهيان.

دوستن جي ڪاميابي حقيقت ۾ پنهنجي ڪاميابي هوندي آهي. خدا کان دعا آهي ته اظهر امر پنهنجي ادبي عشق جي آتش ڪي لفظن جي هڳاءُ سان درد سان پريل آلاپ آلاپيندو. جنهن سان سنڌي ادب ۾ پنهنجي وس آهر تاريخ جي سنهري لفظن ۾ نالو سرجيندو.

# ٻاٽ مان لاٽ ٻارينڌڙ شاعره خالده سحر

شاعري جي گُوناگون سمنڊ جون ڇُوليون مَن جي مَڌھم ماڳ ڪي مَست ڪن ٿيون. شاعري روح جي رمز ڪي سجاڳي ٿي. تڏھن ئي تہ شاعر/ شاعره مان نڪرندڙ ازلي خيال پاڻ سان گڏ روح جي غذا آڻي ان روح ۾ رمل جي اٿل پٿل ۾ ٻرندڙ جوالا مکي جي مثان جڏھن پوي ٿي تہ من مخمور ٿي پوي ٿو. شاعري جي گُوناگون سمنڊ جي ڇولين مان محسوس ٿيندڙ ھڳاءُ جو ھنيلو عڪس لاڙڪاڻي جي پلوڙ ۾ نڪور شاعري اوتيندڙ وڪيل خالده سحر جي دل تي بہ ڇاپ ڇڏي آھي. خالده سنڌ جي اترانھين پٽي ۾ واقع لاڙڪاڻي شھر سان تعلق رکڻ جو ٻيو سبب اھو بہ آھي تہ ڇھ ھزار سالن کان وٺي اڄ ڏينھن تائين موھن جي وادي جو واس ۾ سندرتا بہ من ۾ خم پيل نظري ٿي.

خالده سحر سونھن جي سھڻي، ستابي نوجوان شاعره لاڙڪاڻي ۾ پنھنجي پيءُ شير علي سومري جي گھر ۾ اک کولي، پنھنجي بنيادي ۽ ھائير سيڪنڊري تعليم مقامي اسڪول ۾ ڪاليج مان حاصل ڪئي ۽ ان سان گڏ وڪالت جي سَند لاڙڪاڻي جي لاڪاليج مان ماڻي ورتي. خيرپور يونيورسٽي مان ايم اي جي سند پڻ حاصل ڪئي. اڄ جي دجالي دور ۾ جتي ناانصافيون تہ ھر صبح جو ڪاريھر جي روپ ۾ وڏي سانت سان ڏنگين ٿيون جو اھو ڏينھن خالي ڪونھي جا غريبن سان ڏاڍ مڙسي جي زور تي سندن احساسن کي مروڙيو وڃي ٿو.

وڪالت سان خالده جو پيچ لڳڻ ان ڳالھ جو ثبوت آھي تہ روز روز جي واقعن کي ڏسڻ ۽ ٻڌڻ بہ خالده جي احساسن کي سرمست ڪري شاعري ڪرڻ تي مجبور ٿو ڪري ڇڏي. عورتن جو ھر فيلڊ ۾ اڳتي اچڻ سنڌ جو مستقبل سنوارڻ جي خوبصورت نويد ڏئي ٿو. خالده بہ انھن ٻي باڪ عورتن جيان مختلف اين جو اوز ۽ پرائيويٽ ادارن ۾ خدمت ڪري چڪي آھي. جن ۾ پريات وومين ڊولپمينٽ سوسائٽي، اين ڊي ايس، ايڪٽيڊ آڪسفيم، او پي ايم، ايچ آر ڊي ايس ۽ آءِ سيپ وغيره شامل آھن. گذريل زماني ۾ عورتن کي صرف گھر جي ٻورچيخاني تائين محدود رکيو ويندو ھو ۽ عورت گھر ۾ ٻارن جي تربيت ڪرڻ ۽ گھر جي ماحول کي صاف سٿرو ڪرڻ ۾ مھارت رکي ٿي ۽ اھا ان ڳالھ جو ثبوت آھي تہ جڏھن مردن جي معاشري ۾ ڪنھن بہ محڪمي ۾

ڪم ڪرڻ جي نتيجي ۾ مختلف جوهر ڏيکاري ان جي سونهن ۽ سينگار ڪي پڻ سندرتا بخشي ڇڏين ٿيون.

خالده هن وقت لاڙڪاڻي جي ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن ڪورٽ ۾ وڪالت جي خدمت سرانجام ڏئي رهي آهي. خالده پنهنجي ذاتي زندگي ۾ ڪامياب عورتن جي سرفهرست رهي آهي ۽ ان سان گڏ شاعري جي شاخ جو شاهڪار اولرو پڻ. پنهنجي احساسن ڪي قلمبند پنهنجي 2009 ۾ شايع ٿيل ڪتاب ” آڇيو گهرجي “ ۾ ڪيو آهي. خالده جي هن ڪتاب ۾ اهڙا ته منفرد خيال اوتيل ملن ٿا جيڪي واقعي آڇيي لاءِ اڻ تڻ ۾ آهن. آزاد خيالن ۽ زندگي ۾ رهڻ واري هن شاعره وٽ سنڌ ڪي سونهن سان سلهاڙيل فن ۽ فڪر آهي. جنهن نوجوان نسلن جي بهتري جي ذميداري جو سانگو سر سان لائي ڇڏيو آهي. خالده سهڻي سرجڻهار ته آهي ئي پر ان سان گڏ هڪ ٻاجهاري طبعيت جي مالڪ پڻ آهي. من ملوڪيت ۽ مُشڪ امبر سان مهڪيل اٿس. گهنگهور غمن ۽ سڪ جي ساگر سان اندر جرڪيل اٿس. شاعري ۾ سونهن جو سيپتا اهڃاڻ ملي ٿو. غمن جي غار ۾ غم ٿيل گهوگهٽ ٻڌي سگهجي ٿو، اڄو ته دانهن ڪي دل جي دروازي مان گذاري روح ڪي جاڳايون ۽ ان دانهن ڪي سريلي ساز جي سڪ سان ورنايون.

گيت ڪي مِليو نئون آ ساز ٻيهر
نازُ پنهنجو، شوخ سو انداز ٻيهر

قيد مان دل جو پکي آزاد ٿي اڄ
ٿو ڪري آڪاش ۾ پرواز ٻيهر

ها ٻنا پازيب جي ئي مون ٻڌو آ
پير مان ڇم ڇم سندو آواز ٻيهر
راز شايد سڀ عيان ڪرٽا اٿس جو
دل گهري ٿي ڪو نئون همراز ٻيهر

ظلمتن جي رات ڪاري ڳڙ ڪٽايون
اٿ امن جو ٿا ڪيون آغاز ٻيهر

متين سٽن ۾ نماڻان راز ٻه پاڻ کي ڳولهن ٿا تہ ڪٿ وري ظلمتن جي ڪاري رات جو آغاز ٿو ٿئي. سموري غزل ۾ خيالن جي منفرد عڪس بندي ڪرڻ مان پتو ٿو پوي تہ شاعره وٽ معاشري ۾ ڪرڻ لاءِ گھڻو ڪجھ سيني ۾ سانديل آهي. خالده جي غزل جي هن سٽ "قيد مان دل جو پکي آزاد ٿي ٿو ڪري آڪاش ۾ پرواز ٻيهر" مون کي ننڊ مان جاڳ ڏني آهي. دل ڪيترن ئي مورتن سان مهڪيل ملندي. ڪٿي دل آزاد تہ ڪٿي قيد، دل ازلي تہ جسم جي پڃري ۾ قيد ئي آهي پر خيالن جي اڻ تڻ ان کي آزاد اڏما/ سپنا/ ڏنا آهن يا وري هي ڏسو" ها بنا پازيب جي ئي مون ٻڌو آ پير مان ڇم ڇم جو آواز ٻيهر " ڪيڏو نہ گهرائي جي زخم سان گھايل خيال اٿس. جيڪو سوچن جي سرچشمي سان سرٻات ڪندو ٿو وتي. يقينن پختي دل رکندڙ شاعره پنهنجي پختي خيالن سان ٻہ ادب ۾ پختي بيهڪ جي پٽ بيهاري ڇڏي آهي. خالده پنهنجي فن ۽ فڪر جي زيور سان مڪمل آراستا آهي. هن پنهنجي فن سان اڻانگو عشق ڪيو آهي. جيڪو خواب جي پايا تڪميل تي پهچائڻ لاءِ بي وس ٻڌيل آهي.

هاءِ اوڙڪُ ! سوا تام سپ خواب هن
خاص ڇِيدَه ڪٿي عام سپ خواب هن

تيج تعبير جو پوءِ پسبو رڏل
هاڻ تعميل ۾ نام سپ خواب هن

ٿي نہ ير ير الا سي تہ وکري وڃن
آرسي نيڻ ۾ خام سپ خواب هن

اڳيرو ٿي ڇڏي نيٺ هرڪو ويو
مارڳي ساڻ هر گام سپ خواب هن

تون نہ بيدار تِن ڪي وري ڪر سحر
مس تہ ٿڪجي سُتا شام سپ خواب هن

ڪيتري نہ پياسي دانهن آهي ” هاءِ اوڙڪ“ ! هڪ اڌوري خواب جو آخري پل جڏهن تہ خواب اجا پنڌ ۾ ئي آهي ۽ ان جي آخري پل جي پاونا مان پهريان پار ٿيڻ ايترو سولو ڪين آهي. سموري غزل ۾ هن نوجوان ۽ خوبصورت شاعره نڪور منظر بيان ڪيو آهي. هڪ منجمند منظر جنهن جي بيساکي پيوت بٽيل آهي. جنهن وٺ نج سپنا آهن ۽ جيڪر اهي سپنا ساپيان ماڻين تہ ماڳ معطر ٿي پوي. ماڻ مور ٿي دل جي ويران رڻ تي خوشي ۾ نچي/ ڪُڏي ساهہ جو انت آٽي چڏي. مورٽي جهڙي شاعره من ۾ معاشري جي پلئي، پيار ۽ محبت جو ٻور ٻڪي ويني آهي. جا مهل اچڻ جي انتظار ۾ آهي تہ جلد ئي پيار جا پکي ديس ۾ ويڳاڻن ٿيڻ کان بچي پون اهي پيار جو پوپريون پر هٽندي ڪڏهن گم نہ ٿين.

يَرِپاسي
غوغاءُ جو گِردباد!
جنهن جي،
گردش جي،
ور چڙهي،
مون منجهہ رهندڙ،
سُخُن رَسُ چوڪري،
سانت نگر ۾،
گم ٿي وئي!....

مالڪ ٻاجهاري کان دعا آهي تہ خالده جهڙي پاڪ ۽ پوتر سوچن جي سلڇڻي شاعره جنهن جو اندر ان پيغام سان پروڙ رکي ٿو تہ پنهنجي نياڻين کي تعليمي زيور سان آراستہ ڪيو ۽ پنهنجي پٽن جيان انهن کي معاشري ۾ برابري جا حقوق ڏيو.شال اهي

سندر سپنا سايبان تي معاشري جي اک ۾ خوبصورتي جو ڪجل ٻڻجن ۽ ان دعا سان گڏ مالڪ قربدار هن شاعره جي قلم ۽ خيال ۾ اونهائي جو عڪس ڇٽي جنهن سان ادب جي ڪيتر ۾ اجا ٻه اسرڻ جي عمل ۾ سگهارو مواد شامل ٿي سگهي.

# ڪھاڻين جو ڪاريگر ھوش محمد ڀٽي

جڏھن اسان لفظ ڪھاڻي يا افسانو استعمال ڪندا آھيون تہ ان مان اسان جو مقصد مختصر افسانو يا مختصر ڪھاڻي ھوندو آھي. جنھن کي انگريزي ۾ شارٽ اسٽوري (Short Story) چيو ويندو آھي. افسانو يا ڪھاڻي انساني مسئلن (Problems) جذباتن (Emotions ), محبتن (Love), نفرتن(Odiousness), خواھشن (Desires)وغيره جي ترجمان ھوندي آھي. ارڙھين صدي عيسوي ۾ افساني لکڻ جو رواج پئجي چڪو ھو ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ ھن صنف ايتري تہ ترقي ڪئي جو دنيا جي ادب تي ڇانئجي وئي. "آمريڪي افسانہ نگار ايڊ گرايلن مطابق افسانو اھا ڪھاڻي آھي جيڪا اڌ ڪلاڪ کان وٺي ٻن ڪلاڪن اندر پڙھي سگھجي". مطلب تہ ڪھاڻي ماحول ۾ ٿيندڙ ھر روز جا واقعا جيڪو ڪھاڻيڪار پنھنجي عقابي اک سان پسي ٿو سا سرجڻ جي سھڻي پيماني مان گذاري ڪري من جي ماڳ کي معطر ڪري، سا ئي ڪھاڻي سني پذيرائي ماڻي سگھندي. انسان جي زندگي ڪيترن ئي تجربن ۽ واقعن جو مجموعو آھي.

افسانا نگار انھن مان ڪو ھڪ واقعو يا مسئلو ڪڍي ٿو ۽ ان کي پرپور تاثر سان پڙھندڙن تائين پھچائي ٿو. ان مکيہ مسئلي جي ارد گرد ٻيا بہ مسئلا افساني يا ڪھاڻي ۾ زير قلم ايندا آھن. ليڪن اھي سڀ ان مکيہ واقعي کي نکارڻ ۽ اجاگر ڪرڻ لاءِ استعمال ٿيندا آھن. سنڌ لفظ اچارڻ ۽ سوچڻ سان من ڀڪي پوي ٿو پر جڏھن ان سنڌ ۾ وڌندڙ مسئلا جيڪي سنڌ جي سونھن کي ميرو ڪن ٿا پيا ۽ ان جي پويان جيڪي ھٿ ھجن ٿا اھي بہ سرداري ۽ وڏيرڪي نظام ھجڻ ڪري لڪيو وجن تہ روح روئندو آھي ۽ ان اٿل پٿل کي محسوس ڪري پنھنجو مسئلو سمجھي جڏھن ڪھاڻيڪار صاف ۽ شفاف من سان سرجي ٿو تہ ڪنھن حد تائين ان آھ زاري جو آواز ڪھاڻين وسيلن حل لاءِ آلاپن ۽ سڏڪن جو سُور ڦوڪڻ ۾ مدد ڪن ٿيون. ائين ئي سنڌ جي اترانھين پٽي تي واقع باڊھ شھر سان تعلق رکندڙ نوجوان ڪھاڻيڪار "ھوش محمد ڀٽي" بہ سنڌ جي پيتل سُرڪ جو مان رکندي ساڻس قلم ذريعي ساٿي رھيو آھي . ھوش ڀٽي سھڻو شاعر، ڪھاڻيڪار، ناول نگار ۽ تنقيد نگار آھي. جنھن جو قلم سان عشق ھجڻ ڪري ھر وقت سچائي جي ٻڪ مان حق جا ڍڪ پري لکي ٿو، حق ۽ سچ جو علمبردار نھايت ئي سادي ۽ سلوڻي اسلوب سان ڪھاڻيون چٽي ٿو، جيڪي پڙھندڙن جي دل جا تاڪ

ڪولي ڇڏين ٿا. افسانا يا ڪهاڻين جو لکڻ بي حد فائدي مند ثابت ٿيو آهي ڇو ته ٽيڪنالاجيڪل زماني ۽ تيز رفتاري واري زماني ۾ ڪجھ شيون پڙهڻ کان قاصر هجن ٿيون سا ڪتابي شڪل ۾ هجڻ ڪري من جا موتي ڪهاڻين جي شڪل ۾ هميشه چمڪندا رهن ٿا سي ڪڏهن به ڪهڙي وقت به پڙهي سگهجن ٿا.

هوش ڀٽي جو ڪهاڻين جو ڪتاب ”ڪوءِ ڳنڍيندڙ هوءِ“ به انهن مڙني ڪتابن مان آهي جنهن جي سنهري ورقن تي لکيل ڪهاڻيون آئيندي جو آئينو هجڻ جو ثبوت آهن. هوش ڀٽي جو ڪتاب ڪوءِ ڳنڍيندڙ هوءِ سترنهن ڪهاڻين تي آڏاريل مرڪ پبليڪيشن ڪراچي مان 2018 ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. جنهن جو ملھ 200 روپيه آهي. ان ڪتاب ۾ ڪهاڻيڪار جون چونڊيل سموريون ڪهاڻيون پڙهن وٽان آهن ڇو ته تخليقڪار مسلسل لکندو رهي ٿو ۽ ذهن مان اپرندڙ هر خيال پاڪ هجي ٿو جنهن جو اثر دير يا سوير پڙهندڙن کي موهي سگهي ٿو. هوش ڀٽي جي ڪتاب ۾ ڪجھ ڪهاڻيون معاشري جي حقيقي پس منظر جو ڏيک ڏين ٿيون.

جن ۾ ٽائيٽل ڪهاڻي ڪوءِ ڳنڍيندڙ هوءِ ۽ امن جو خواب، ڪامريڊ 11، ڪامريڊ111 ، افطاري، شوق ۽ گاريون شامل آهن. ” امن جي خواب “ ڪهاڻي ڪتاب جي پيج نمبر 35 کان 39 جي وچ ۾ ان سوچ جو سنيهو آهي جيڪا اميدن تي قائم آهي. جنهن جي مستقبل ۾ نويد ملڻ ڏاڍي ڏکي آهي. امن جو خواب ڪهاڻي امن جو واقعي خواب آهي جيڪو پورو ٿيڻ ناممڪن ئي آهي ۽ اهو خواب صدين جو گهايل خواب آهي. اڃو ته اڻ پوري خواب جي ساڀيان ٿيڻ جو سپنو ڏسون. ”ليفٽيننٽ پريات سوچن ۾ غرق هڪ ٽڪريءَ تي ڪنهن سامان جيان پيل هو ۽ پڪين کي پنهنجي گهرڙن ڏانهن ويندو ڏسي پنهنجي گهر ۽ ٻارن جي ياد اچڻ تي انهن جي باري ۾ سوچي رهيو هو. پکين جي لاءِ سرحدون ڇو نه آهن؟ ۽ هي هوا؟ هي هوا به نه سرحد پار دشمن ڏانهن هتي آئي هوندي، هن هوا کي سرحد تي ڇو نه روڪيو ويو؟ ۽ ڪيس ڇيو وجي ها ته تون اسان جي سرحد نه ٽپي سگهين، ڇو جو تون دشمن ملڪ جي آهين، هي بادل اهي به ٽڪندا پڄندا سرحد اورانگهي ايندا هوندا. يا وري اها معصوم ياد جيڪا معصوميت جي ڪري موت جي وادي ۾ مسمار ٿي وڃي ٿي.

پريات کي ياد ٿي اچي پنهنجي معصوم ننڍڙي ڌي دُعا جيڪا سندس جي حياتي ۽ سلامتي سان گڏ سڄي جهان جي سک شانتي ۽ سلامتي جو دعائون گهرندي رهندي

آهي. هن کي ياد ٿو اچي تہ گذريل ڀيري سرحد تي ايندي دعا ڪائنس سوال ڪيو هو،

بابا دشمن ڪيئن هوندا آهن؟

ليفٽننٽ پرياٽ ايڏو وڏو آفيسر هوندي ان ننڍڙي سوال تي منجهي سوچ ۾ پئجي ويو هو

پٽ دشمن اسان جهڙو انسان ئي هوندو آهي. پر لباس رڱو ٻيو پائيندو آهي ۽ سرحد جي ٻي پار هوندو آهي.

امن جو خواب ڪهاڻي جو هي حصو معصومانا فلسفي تي مشتمل آهي جنهن جو ڳچ حصو پاڪيزگي سان پاند ۾ امن لاءِ ڪهاڻيڪار پاڻ پتوڙي ٿو. ڪهاڻيڪار هوش روح ۾ سندر ۽ سچي خيالن جا موتي سانڍي وينو آهي ۽ ان آبهوا جي انتظار ۾ آهي جتي بنا ڪنهن سرحد جي ميلا ملاکڙا قائم هجن گهرجن. ڪاش تہ اهڙو جهان جتي اديبن، شاعرن، ڪهاڻيڪارن ۽ دانشورن جي پيار ۽ محبت جي هٽي ونرايل ادب ۾ ڪيل محنت رنگ لائي ۽ بنا ڪنهن رنگ ۽ نسل جو انسان تي ڪري هڪ ٻي جو پرجهلو بڻجون. هوش ڀٽي جو هي ڪهاڻين جو ڪتاب مقدس سوچن تي گهڙيل صحيفو آهي. ڪتاب جي دل اندر امن جا آلاپ سڏجن ٿا ۽ اهي آلاپ معاشري جي بنيادي ضرورت آهي. هوش ڀٽي جو هي ڪتاب ”ڪوءِ ڳنڍيندڙ هوءِ“ سنڌي ادب ۾ پنهنجي جاءِ مضبوطي سان جوڙي چڪو آهي. جيڪو مستقبل جي معمارن جي خيالي اوسر ۾ مثبت اثر ڪندو مالڪ ٻاجهاري کان دعا آهي تہ هوش ڀٽي جي قلم کي عشق جي لَوءُ لڳائي ۽ ائين ئي معاشري جي مورت ڪهاڻين جي شڪل ۾ هر عمر جي ساجانهہ وندن تائين پهچائيندو رهي.

# سنڌ جي سرهاڻ صنم چانڊيو

هي ڪائنات (Universe) جڏهن پنهنجي هجڻ جو هجائتو ويس اوڍي رهي هئي ته تنهن مهل به ان ويس جو واس وٺڻ لاءِ انساني اک جو اوچو واءُ درڪار هو. سموري گونا گون ڪائنات جي ڪُوڪ ٻڌڻ لاءِ اڄ به انسانن جو ڪَن ڪاڪ ۾ ڪڏندو نظر ايندو آهي. اڳهم ڪائنات جي مورت مختلف عڪسن جو مجموعو آهي ذرو ذرو پنهنجي محور ۾ رقصان آهي تڏهن ته صوفي مصري شاهه چواڻي موجب ته:”جز مان ڪل ۾ اهو داخل ٿيندو آهي جيڪو ٻين لاءِ جيئندو آهي“. جز ۽ ڪل جو پاڻ ۾ گهرو ۽ حقيقت تي مبني ڳانڍاپو آهي جز آهي ته ڪل ڪي به ڪُنڊ جو حق ملندو چو ته انساني جان به پاڻي جي قطرن جو ميلاپ آهي.

ڪائنات ( Universe) ۾ سڀ وجود حقيقتون، عشق، محبتون، پرچڻ، رسڻ، ميلا، اڪيلايون، رُڃ، سُڃ، راز و نياز سڀ جو سڀ هڪ ٻي جي ٻڪ ۾ رهڻ جا عادي آهن. ان سڀنن ڪيفيتن مان خدا جو خلقيل انسان ئي گذرندو. جنهن ڪي شعور جي شهه رڳ جو شاهڪار بڻايو ويو. اهي سڀ جز انسان جي دامن ۾ مستقل مزاج جي ماپي ۾ تورڻ لاءِ رکيا ويا آهن. هاڻ ڳالهه وڃي جيڪا باقي بچي ٿي سا اها ته ان ڪي عملي جامو ڪيتري حد تائين پارايو وڃي ٿو. اڄ تائين خدا جي خلقيل گهمبير ڳُپا (Universe) ۾ ڪهڙا انسان پنهنجي عملي روشني سان نروار رهندا يا وري انهيَ غار ۾ پنهنجي سستي سان اڻ ڄاڻ مدي تائين گم ۽ غرق ٿي ويندا رهن ٿا.

سنڌ ڌرتي ڪائنات جي چمڪندڙ موتين مان دُر ناياب موتي جي مِثل آهي. جنهن جو هڪ هڪ جُز جو جادو ڪل ۾ فنا ٿيڻ لاءِ اُڀرو آهي. ان دنياوي جز ڪي سوچڻ، لوچڻ ۽ عملي پيڙاهجڻ جو پاڪ پيش نامو انسانن جي حرڪت سان هموار ڪيو ويو. سنڌ جي سونهن جو سچو اهڃاڻ ۽ ان جي بي مثل خوبصورتي ڪي خاڪ ۾ ملڻ کان بچائڻ لاءِ ڪجهه خاڪسار به جنميا ويا جن سنڌ جي سينڌ ڪي سرهو ڪرڻ ۾ هميشه ڪوشان رهيا. انهن پاڪ وجودن منجهان صنم چانڊيو به پنهنجي ذهني آنڊ مانڊ ڪي لوچي ۽ سوچي عملي عشق ۾ عالمگير هجڻ جو ثبوت ڏنو آهي. صنم چانڊيو سنڌ جي ان ڪردارن مان آهي جن ڏينهن رات جي فرق بنهه سنڌ جي سينڌ ڪي سرهو ڪرڻ جي

سرهاڻ سموئي آهي. صنم چانڊيو سنڌ جي ضلعي دادو جي ننڍي تعلقي خيرپور ناٿن شاهه ۾ حسين خان چانڊيو جي گهر ۾ اک کولي. پنهنجي بنيادي تعليم ڪي اين شاهه (K-N-Shah)جي پرائمري اسڪول مان حاصل ڪئي ۽ اتان جي ئي گرلس هاءِ اسڪول مان ڏهون(Matriculation) جو درجو پاس ڪري ساڳي ئي شهر مان ڪاليج مان ٻارهون درجو(Intermediation) جي سند ماڻي وڌيڪ پڙهائي لاءِ سنڌ جي هوائن جي شهر ڄامشوري مان سنڌ يونيورسٽي مان بيچلر(Bachelor) ۽ ماسٽر (Master) جي سند حاصل ڪئي.

صنم چانڊيو طبعيتن نهايت ئي شفيق ۽ ادب جي مالا سان جڙيل در ثمين موتي، ناپيد موتي جيان روشن ڪردار سان ڪوشان هجي ٿي. صنم چانڊيو هڪ ئي وقت شاعر ، ڪالم نگار، نثر نويس ۽ عورتن سان سنڌ ۾ ٿيندڙ انيائن جي اُسرڻ کي روڪڻ لاءِ عُقابي اک رکي ٿي. شاعري ۾ هن مختلف صنفن جهڙوڪ نظم ۽ واين تي عبور حاصل اٿم. نظمن ۾ عورتن جي عڪاسي ڪندڙ ملي ٿي. صنم عورت هجڻ ناتي عورتن جي گم ٿيل ساک جو سور سيني ۾ سانڍين جي ڪري اندر جو سڪون وڃائي ڇڏيو اٿم اڃو ته ان سور کي پاڻ به سيني ۾ سمايون.

مان لوڪ ڪان لڪڻ ٿي چاهيان،
ڪائنات جي ڪنهن ڪنڊ ۾،
وحشي ماڻهن جي دنيا ڪان پري،
جتي عورت مرد جي متپيد بنا،
مان انسان ٿي جي سگهان،
جانورن جو جهنگ به بهتر آ،
جيڪي رڳو انسان سمجهي،
منهنجو ماس پٽيندا،
پر هتي ته مون کي صرف،
عورت ئي سمجهيو وڃي ٿو.

مٿين نثراڻي نظم ۾ پرپور حقيقت جو عڪس ملي ٿو. جتي سنڌ ۾ خاص ڪري روز مره ٿيندڙ مظالم ۽ ان جو دائرائي مرڪز عورت ئي هجڻ ڪري هن سماج جون اهي

عورتون جيڪو پنهنجي هٿا وٺان ڪري مظلوم عورتن جو آواز ٻڌجن ٿيون اهي پنهنجي لکڻين جي لاڪيٽي عشق ۾ اڀوجهه، مسڪين ۽ لاچار عورتن جو پرجهلو ٿين ٿيون. صنم جي لکڻين ۾ خيال سنڌ جي هر عورت جو خاموش فضا ۾ ڪٺل آواز ڪي پورو ڪري معاشري ڪي جنجهوڙڻ جو اثر سمويل ملي ٿو. اسان جي معاشري ۾ عورتن کي صرف ماس پٽڻ جي ملڪيت سمجهيو وڃي ٿو. جيڪا سراسر ناانصافي آهي ڇو ته عورت پنهنجي هڪ مڪمل ۽ الڳ ڪائنات جوڙڻ جو هنر رکي ٿي. مردن جي وجود کي جنم ڏيڻ کان وٺي تربيتن جي بيت جو رسالو به سندن جي ئي وجود مان پڙهن ڪاڻ ملي ٿو.

عورتن کي صرف ڪارو ڪري مارڻ جو مثال سنڌ ۾ ئي جهجي تعداد ۾ ملي ٿو هن معاشري ۾ وڏي تعداد ۾ مرد ڪيترن ئي معاشقن ۾ محو ملندا پر هنن جو ڏاڍ ۽ جبر جي جهنگ مان عورتن کي جانورن جيان شڪار ڪندي ملندا. عورت کي ڪمزوري جي قيچ جو بيڪار مسافر سمجهي سندن خوابن ۾ خلل وڌو وڃي ٿو. ڇا عورت صرف گهر جي چار ديواري تائين قيد ٿيل هوندي؟ عورت ئي هڪ انمول خزانو آهي جنهن جي چمڪ سان ئي هڪ مڪمل انسان پنهنجي زندگي ۾ روشن ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو.

صنم چانڊيو پنهنجي زندگي ۾ تڪليفن جي آوي مان پچي ڪري سنڌ جي حاضر حالتن کي پنهنجي دل ۾ جڳهه ڏئي ان جي سڌاري لاء ڳچي ۾ تعويز پاتو آهي پنهنجي معصوم ۽ خوبصورت عورتن جي سينڌ کي سرهو ڪرڻ لاءِ اڳي کان اڳيري رهي ٿي خاص ڪري ڪارو ڪاري جي ڪڌي رسم کي ختم ڪرڻ لاء هن پنهنجي لکڻين جهڙوڪ نظمن ۾ غمگين آلاپ ورجايا آهن اڇو ته ان آلاپن جي اولڙي جي اوچائي جو منظر ڏسون.

جي ڪچان ٿي ته ڪاري ٿيندس،
۽ ريتن رسمن تي واري ويندس،
مان پوري اڃي ڪاري ناهيان!
هن ڌرتيءَ جي مان ناري آهيان،
توڙي ڇپن کي سبي هو ڇڏيو!

پر پوءِ به موت پئي لامارا ڏنا،
هر گس هر واٽ نهاري مون!
رب کان دعا گهرڻ لئه دل ڏس ڏنو،
پر پوءِ به ڪو مسيحا نظر نه آيو!
رت جا ڳوڙها روئندڙ جيجل ماءُ،
سڏي پنهنجي هنج ۾ سمهاريو،
صورتون پڙهي پئي شوڪاريائين.
هر هر رب کي پئي پڪاريائين.
ستر پيرا مونکان وڌ توکي پياري،
منهنجي نياڻي ناهي ڪاري،
هي جيڪو آهي ماري،
سوچ انهيءَ جي آهي ڪاري!
پرعزرائيل ڪنهنجي ڪانه ٻڌي!
مون چيومانس ڏوهاري آهيان
پر مان ڪاري ناهيان،
پر پوءِ به ڪاريءَ جو داغ لڳائي،
ڌرتيءَ ماءُ کي ويو آڳ لڳائي!

مٿين نظم ۾ گهٽيل ۽ گهايل گهنگهور گهٽائن جي ديوي جو ذهن ۾ سمايل خوف جي خلوت جو رج پيل اڳڻ جو منظر اکين آڏو ماتم ڪندي نظر اچي ٿو. اڄ تائين صرف عورتن سان ئي ڏاڍ مڙسي ڪئي وڃي ٿي. گوناڻي نظام ۾ وڏيرا شاهي هلچل هڪ يهودي هنگامو هجي ٿو جنهن جو وجود سچائي جي ثمر سان نبيرجي سگهجي ٿو. سنڌ سموري سڄي زندگي ڇا ائين سورن سان سرتاج رهندي؟ مان جڏهن ڪان شعور جي رستي تي نڪتل آهيان تڏهن ڪان عملي وک جو ولر ته نهيو پر اڄا وڏيڪ ڳالهين ۽ خالي نوٽيسن ۾ معاملن کي نِنديو وڃي ٿو. جتي ڪيترا ئي معاملا رولڙي جو شڪار آهن. جن ۾ جبري زنا هجي يا ننڍي عمر ۾ شادي جي بندڃڻ ۾ باندي بڻايو وڃڻ جو معاملو هجي يا بنيادي ضرورتن جو آڻ لپ سر فهرست ملندو. تازو ئي بدين ۾ پاڻي جي هٽرادو ڪوٽ کي پيدا ڪري سنڌ کي وڌيڪ معاملن ۾ ڏڪيو وڃي ٿو ۽ وري

تعليم سان گڏ صحت جي ٻيڙي ٻه ٻڏڻ جي مرحلي ۾ آهي. سنڌ جا سڀ معاملا صنم چانڊيو پنهنجي ڪالمن ۽ نظمن ۾ اوڇنگارون ڏئي معاشري جي مظلوم انسانن جا ڏک پنهنجي پلئي پاند ۾ پروڙيا آهن.

مان ڪير آهيان، مان ڇا آهيان ،سوال سنو آ پر جواب جو محتاج ڪونهي!
گهر گهر وچي مان عورتن ۽ حالاتن سان ملي آئي آهيان!
مان ڪير آهيان، مان ڇا آهيان، بس اهو ٻڌايان ٿي،
مان ڪجهه نه سنو اها ئي آگ آهيان،
پراڻين بوتلن ۾ نئون مان شراب آهيان،
عمر جي ڪجهه نندي آهيان،
پر نندي ٻار ناهيان مان،
ڏنو آ مون رمشا ۽ زينب کي،
هاڻي گهڻي مان چڱي ناهيان،
مان ڪير آهيان،
مان اها ناهيان جيڪا ڏسو ٿا،
مان ذهنن تي قتل آواز آهيان جو ٻڌو ٿا،
هتي اڄ ڪجهه مان چئي وڃهان ته،
مونکي ڏوهه نه ڏجو،
مان ملڪ جو مان آهيان،
مان ڪشمير جي دلربا وادي ئي ناهيان،
مان ٿر جو ريگستان ٻه آهيان،
مان اها ناهيان جيڪا پاڻ ۾ شرمنده آهيان،
مان ڪلندڙ ڪڏندڙ آزاد ڪو پکي آهيان،
هي سڀ مولوي، پنڊت ڪوڙ آهن، ڊوهه آهن،
هي مذهب سڀ مون ۾ ئي جذب ٿيڻا آهن،
پنهنجي خوابن جي مان اول اڏام آهيان،
مان ڪير آهيان،
مان پايل جو من موهيندڙ ساز ئي ناهيان،

مان انهن راتين جي رڙ آهيان،
جن جي هٿن ۾ پلي آهيان، جن جي نيڻن جو نئون خواب آهيان،
مان لٽن مان لڏندڙ جسم ئي ناهيان،
مان پنهنجي آرام جو لباس به آهيان،
مان پراڻي روايتن جي سانجهه ناهيان،
هڪ نئين نڪور سوچ جو آغاز آهيان،
مان سيني ناجائز ارادن جو جائز پڙلاءُ آهيان،
مونکي محسوس ڪر ،مان هڪ جذبو ۽ جذبات آهيان،

صنم جي هن نظم ۾ ملوڪ انداز ۾ معاشري سان همڪلام آهي" مان انهن راتين جي رڙ آهيان " لفظن جي جوڙجڪ سهڻي ۽ سلوڻي انداز سان پنهنجي نظمن ۾ سرجي ٿي ڪمال جو خيال جيڪو جمود کي جهاد ڪرڻ تي مجبور ڪري ٿو ڇڏي ۽ هن سٽ ته منهنجي من کي مروڙي موت جو واس ڏنو:

"مان سيني ناجائز ارادن جو جائز پڙلاءُ آهيان،
مونکي محسوس ڪر، مان هڪ جذبو ۽ جذبات آهيان،".
عورت هڪ تعليم ۽ تربيت جي مڪمل درسگاهه آهي ۽ ڳڏوڳڏ املهه انسان به، هن ايڪويهين صدي ۾ جتي ٽيڪنالاجي جو اثر بي بها ملي ٿو. اتي ان ڪٽڙي سوچ کي ختم ڪرڻو پوندو، ڪجهه پلو ڪرڻ لاءِ پلي سوچ کي خوش آمديد ڪرڻو پوندو ته جئين ايندڙ نسلن کي ساڳي ريت تحريڪن جي عمل کان بچڻو پوي نه ته ٻي صورت ۾ ساڳي ريت سڀ معاملا ڳچي جي ٻاٽ ۾ اوچا ڏسڻ کان ملندا.

صنم چانديو ادبي کيتر ۾ پنهنجو نالو سنهري لفظن سان لکڻ جي دڳ تي دلاوراڻي جوش سان ڪوشان آهي ۽ سندن سماجي ڪم به معاشري جي ڀلائي جي پئنور ۾ لاپائتو ثابت ٿيندو. صنم پنهنجي نظمن ۾ اٿاهه گهرائي رکي ٿي جنهن جو اثر ايندڙ نسل کي بنيادي وک کڻڻ ۾ مدد ڏيندا ڏٺي در دعا آهي ته سدا سند سان عشق ۽ ماروئڙن جا ڏک پنهنجي دل ۾ سانڍي انهن کي لفظن جو گيڙو ويس پارائڻ جي منزل جي ساپيان ماڻي.
مالڪ سائين آباد ۽ شاد ڪري.

# ماڻهو مَسّت قَلندر سيما عباسي

سنڌ جو وجود ڌرتي تي ڪنهن انمول نگيني کان گهٽ ڪونهي، سنڌ جون ريتون ۽ رسمون پنهنجي اسلوب اندر سهڻيون ۽ ساديون سرس هجن ٿيون جنهن جو واس لڳڻ کان پوءِ من ڀهڪي ۽ روح رقص ڪرڻ تي مجبور ٿي وڃي ٿو. اندر جي مستي ۽ ماحول ۾ مچندڙ ميلن ۾ فرق هجڻ ڪري حقيقتن کان پاسيرو ڪري ٿو پيو جيڪڏهن ماڻهو ماڻهو رند ٿي اندر ۾ پيار جو ميخانو هٽي ان سان برداشت جي مي جا ڍڪ پري ته ماڻهو مست قلندر ٿي پوي. سميا عباسي هن زمين جي خطي تي قلندري ريتن جو خوبصورت بيت آهي. جنهن کي پڙهڻ سان روح جي رج تي تڏاڻ پوي ٿي ۽ من موهجي پوي ٿو. سيما عباسي 18 اپريل 1973 تي لعل مُحَّمد عباسي جي گهر دنيا ۾ پير پاتو ابتدائي تعليم اتان جي مقامي اسڪول ۽ ڪاليج مان حاصل ڪئي، ۽ بي اي B-A ۽ ايم اي M-A پرائيويٽ جيڪا شاهه عبداللطيف يونيورسٽي سان لاڳاپيل گرلس ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي مان 1995 ۾ ماڻي ورتي. هن وقت ايم- فل M-Phill هلندڙ آهي. سيما عباسي لکڻ جي شروعات 1982 ۾ ڪئي پهرين ڪهاڻي اردو ڊائجسٽ سچي ڪهانيان ۾ ڇپي ۽ ائين ئي ٻين مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپيون.

جن ۾ نئين آس ميگزين ڪراچي، هزار داستان، آداب عرض، عوامي آواز، سورمي، سنڌ راڻي، نوائي وقت ۾ ڇپجنديون رهيون آهن. سيما عباسي بحيثيت شاعره پنهنجي فن ۽ فڪر جي فضا کي برقرار رکيو آهي پر ان سان گڏ پنهنجي نثراڻي بيهڪ جتان هن ادب جي شروعات بطور ڪهاڻيڪار ڪئي هئي سا به ساڳي ريت جاري و ساري آهي. سندس شاعري ۾ سڏڪن جا آلاپيل سَڏ ۽ اُڏمن جا ڳُم ٿيل اولڙا ڳوليندي نظر ايندي اٿم، مون پنهنجي زندگي ۾ اهڙا اديب جيڪي هڪ ئي وقت سيني صنفن تي آڙيڪاپ يا ماحول سان لاڳاپيل (Ecological) دسترس جا حامل هجن ٿا سان انهن مان هڪ سيما عباسي به آهي. جنهن مسلسل جدوجهد ڪري پنهنجي اندر جي جُوالا مُکي سندس جي ڪهاڻين ۽ شاعري ۾ پسي سگهجي ٿي. معاشري ۾ ٿيندڙ انيڪ برايون، اڻ برابري، تعليمي ادارن اندر ڪرپشن (Corruption) جي گُهٽ ۽ ٻُوسٽ ۽ گڏوگڏ صحت جي مرڪزن کان وٺي سنڌ جي هر معاملي تي پنهنجي قلم کي هٿيار جيان استعمال

ڪيو آهي. حالانڪ سيما جنهن محور ۾ پاڻ پنهنجي محنتن سان ماڳ ماڻيو آهي جنهن ڪجھ ماڻهن کي بد هاضمو ڏنو آهي. سنڌ اندر عورتن لاءِ اڄ ڏينهن تائين صاف شفاف ڪم ڪرڻ جو ذريعو نہ هوندي بہ سيما عباسي پنهنجي هٺان وٽان ڪري پنهنجي الڳ دنيا قائم ڪئي آهي. هن جون ڪهاڻيون جن ۾ وقت جو وهڪرو، قرباني جو ڪانڊپو، شادي ۽ آزادي، آئيډيل جو موت، ارمانن جي ارٿي جن سني پذيرائي ماڻي ۽ اهڙا ڪوڙ مضمون/ ڪهاڻيون جيڪي مختلف اخبارن ۽ رسالن جي زينت بڻيا سي بہ پنهنجي سهڻي/ سلوڻي انداز سان نهڪيل ملنديون.

مون جڏهن بہ سيما عباسي جي نثر کي من سان لاتو آهي تہ منهنجي من جو مور آئيندي جي نويد جا آلاپ اچاريندو آهي نثر ۾ اگهم علم جي ديوي پنهنجي معاشري کي هميشہ سک جو ساھ کڻڻ جي اميد سان لکندي لوچيندي رهي ٿي. سيما هن گهٽيل معاشري جو سور سيني ۾ سانديي بہ انهن جي ڀلائي جي ڳالھ ڪندي نظر ايندي اتم عورتن سان جتي ڪلور ڪيا وجن ۽ علم ۽ فهم جي دليلن کي ڇڏي ذاتيات تي حملو ڪن تڏهن بہ صبر جي سپني تي عمل پيڙاهجي، انهن کي محنتن سان مات ڏني آهي. سيما سنڌ جي ماڻهن سان پيار ڪندي آهي هن جو سنڌ ۾ امن ۽ چاھ برقرار رکڻ سندس جو ورد اول آهي.

هن ٿوري ئي عرصي ۾ پنهنجي فن ۽ فڪر جو فيڻو ماڻهن جي دل تي وظيفي جيان ورد ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي. چوندا آهن تہ محنت ڪڏهن رائيگان ناهي ويندي سيما شاعري سان گڏ هن دور جي هڪ گهڻ رخي ڪهاڻيڪار هجڻ جو پڻ ثبوت ڏنو آهي. سيما عباسي جو ڪالم پٽائي کي ڪلام ۾ خواتين ڪا مرتبا اور آج کي سندهي عورت نوائي وقت ۾ شايع ٿيل ڪالم عورتن جي جي مان ۾ لٽل صحيفي ڪان گهٽ ڪين آهي. سيما هر دائري محور ۾ پنهنجو پاڻ مڃرايو آهي. طبعيتن صاف ۽ شفاف روح رکندڙ آهي جنهن وٽ ٻيائي جو ٻور نہ ٿو ملي سچي ۽ کڙي لکڻين مان چٽو ظاهر آهي تہ وجود بہ پاڪ ۽ پوتر نرم مزاجي پوشاڪ سان اوڍيل آهي. درويش صفت هن سيما سنڌ جي هر ڏک ۾ گهايل فرد جي دانهن بڻجندي رهي آهي سندس جو وجود ۽ موجودگي من کي مرڪائي ۽ خيالن جي خوشبو دل اندر ديرو ڄمائي ڇڏيو آهي. سنڌ جي عورتن جي سرواڻ ليکڪا ماڻهن جي پيدا ڪيل دلدل ۽ روڪٽام لاءِ ڪندا پنهنجي

خوش اخلاقي سان پاسي ڪرڻ جو فن ڄاڻي ٿي ۽ ان جي برعڪس انهن لاء دل ۾ دعا ڪرڻ جو ڪلام پڻ آلاپي ٿي.

سيما عباسي جو هڪ چيپل ڪالم چوڪريون آپگهات ڇو ٿيون ڪن؟ ۾ هن سنڌ جي مظلوم نياڻين جي انصاف لاءِ حڪومتي ادارن لاء وانجهائي رهي آهي هر معاملي کي خوب همدردي سان نڀايو آهي. جيڪر سيما جي هٿ ۾ انصاف جون واڳون ڏجن ته هي عورت ادبي جدوجهد جيان سنڌ جي هر معاملي کي عملي جامو پارائي ٿي سگهي. سيما پنهنجي لکڻين ذريعي معاشري جي ظلم خلاف مهاڏو اٽڪائي ڪيترن ئي غريب گهرن جي ڏکن جو پرجهلو بڻي آهي. سيما وقت جي رهزنن کي مٿائڻ جي مهم جو مهراڃا بڻجڻ پسند ڪري ٿي معاشري جي طنز ۽ طعنا زني هن جي احساسن کي چاق ۽ چور ڪيو پر هن جي مستقل مزاج ۽ ذرا نوازي نمايان ڪردار ادا ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيا.

سيما عباسي جي ادبي سفر تي جيترو لکجي سو گهٽ هوندو ڇو ته ڪائنات جا هيرا پنهنجي خاموش چمڪ سان بقائيت جو جهان جوڙي چڪا هوندا آهن ۽ ايندڙ نسلن جي لاء رهنمائي جي راهه بڻجي چڪي هوندي آهي. سيما عباسي جو لکڻيون معاشري جي مٿان الهامي احسان آهي جا وقت جي واٽ تي هلندڙ زندگين کي خوبصورت زندگي گذارڻ جو سر چشمو ثابت ٿينديون. ڏٽي در دعا آهي ته سيما جي وجود جي مٽي مان احساسن جي خوشبو کي برقرار رکي ۽ خيالن جو خمير جديديت ۾ انقلاب برپا ڪري، پرودگار ازلي خوشيون نصيب ڪري ۽ قلم کي معاشري جي ناسور کي بي سور ڪرڻ ۾ مدد ڏئي. شال سدائين سچن جي صحبت ۾ رهي. شاد و آباد رهي.

# مٺي ماٽي لايان فرزانا شاهين

زندگي ۾ جنم وٺندڙ هر شي ڪهاڻي جو محرڪ هجن ٿا هر ڪهاڻي گهڻ رخي ۽ منفرد محور ۾ مانداڻ مچائڻ جو سنيهو آڻي ٿي سينن ۾ ڪيئي ڪهاڻين جا سر بستا راز دفن هجن ٿا. اهي راز ماحول ۾ لکڻين ذريعي نروار ٿيندا آهن يا وري ڪي گمنامين جي گهپ انڌيري ۾ غرق ٿي ويندا آهن. دنيا جي ذري ذري ۾ ۽ انساني روح ۾ ڪهاڻي سمويل ملي ٿي, افسانو يا ڪهاڻي جي بيهڪ هوندي اٿم ڪي طويل ڪهاڻي ته ڪي وري شارٽ اسٽوري سڏجن ٿيون افسانو يا شارٽ اسٽوري (ڪهاڻي) نثر جي اها صنف آهي جيڪا هڪ ئي نشست ۾ ختم ڪري سگهجي. ڪهاڻيون مختلف قصن تي آڌاريل هونديون آهن سنڌي افسانو سنڌي قصن جي ارتقائي شڪل آهي يا ٻين ٻولين تان ترجمي کان پوءِ ان جي اوسر ٿي سگهي.

جڏهن سنڌي الف، ب جڙي راس ٿي1915 ع کان1940 ع دوران تمام گهڻا افسانا ترجما ڪيا ويا اهي شارٽ اسٽوري گهڻو ڪري مقامي ٻولين يعني اردو هندي ۽ گجراتي وغيره تان ترجمو ٿيل هئا هن دور ۾ گوبند مالهي، هيرا نند عيدناڻي وغيره وارن ترجمي جو صحيح حق ادا ڪيو. ان کان علاوه چيخوف، گورڪي ۽ ٽالسٽاء وغيره جهڙن بين الاقوامي اديبن جا افسانا به سنڌي ۾ ترجمو ڪيا ويا 1940 ع کان 1947 ع جي دوران آزادي جي موضوع تي افسانا يا شارٽ اسٽوري لکيون ويون. جيڪي باغيانا خيالن سان ڀرپور هيون، ان کان علاوه اسانجي تاريخ لکندڙن خاص طور تي ادبي تاريخ لکندڙن ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي دور کي هميشه هڪ دور ڪري پيش ڪيو آهي. جنهن جي ڪري هنن دورن ۾ واقع ٿيندڙ واقعن کي الڳ ڪرڻ وڏو مسئلو رهيو آهي. ان سلسلي ۾ هڪ واقعو موکي ۽ متارن جو آهي جنهن جو ذڪر شاه لطيف جي شاعري ۾ جابجا ملي ٿو ان ڪهاڻي جو سڀ کان پهريون ذڪر شاه ڪريم جي شاعري ۾ ملي ٿو هي داستان هن دور ۾ گهڻو مشهور ٿيو شاه ڪريم چوي ٿو ته:

متارڪا ڦيرو ڳرٽ نه ٻڌن ڳوڏ
آيا اڳڻ هوڏ سر ڏئو سرو پين

اهڙي طرح بداماٽي پنري جو قصو بہ هنن دورن سان تعلق رکي ٿو بداماٽي پنرو ڪاڇي جو هڪ سورهيہ سردار هو سندس ڪوٽ تي ڪنهن حڪمراني فوج چڙهائي ڪئي جنهن مان اهو گمان ٿئي ٿو تہ اها چڙهائي ارغون ترخان يا مغلن واري دور ۾ ٿي سگهي ٿي بهرحال اهو قصو بہ هن دور ۾ مشهور ٿيو مثال طور:

بداماٽي پنرا اڄ گهرجين آء
ماٿيجي ۽ ماء ٻئي وڃن ٻان ۾

پنري جواب ڏنو تہ:

نڪي پنرو تو ڄائو نڪو تو وٺ هوء
پوء ماٿيجي ميهڻو ڇي لاء ڏنوء

اهڙي طرح هن دور جا شاعر سنڌ جي پراڻن لوڪ قصن کي سنڌي شاعري ۾ ڳائيندا آيا ۽ سندن عڪاسي ساڳي نموني تمثيلي انداز ۾ ڪئي آهي مثال طور شاهہ ڪريم "سسئي " جي اوٽ ۾ سمجهايو آهي تہ فقير اهي عاشق آهن جن خدا کي دنياوي وهنوار کان الڳ رکن ٿا:

پنيوارن بہ ٿوڪ ڪنهن نہ نيا پاڻ سين
سڪڻ سپرين سين ٻيو لاڳاپا سين لوڪ

مٿين لوڪ قصن/ ڪهاڻين جو عڪس ڏيڻ بہ سندر روپ آهي ماحول ۾ ٿيندڙ هر روز ڪيترا واقعا اڪثر ڪهاڻيون آهن انهن کي پروڙي، پرکي، لوچي ۽ سوچي ۽ گهڙڻ هڪ سهڻي ڪهاڻيڪار جو ڪم آهي. انهن ڪهاڻيڪارن مان سنڌ جي خوبصورت شاعره سائنڻ "فرزانا شاهين " بہ سگهاري ليکڪا طور ادبي ڪيتر ۾ پنهنجي فن ۽ فڪر سان ذات جي ملوڪڙي مومل طور ڄاتي ۽ سڃاتي وڃي ٿي فرزانا هڪ ئي وقت شاعرا

ليڪڪا تحقيق نگار ۽ ڪهاڻيڪار جي فنونيت سان وابستا آهي. معاشري ۾ وڌندڙ انيڪ نيائن جا نينهن ڏاڍ مڙسي جا موت جبر جا جبل تشدد جا تپيل لاوا ڏکن جي انبارن کي شارٽ اسٽوري يا افساني جو گيڙو ويس اوڍائي سيني جو برجهلو ٻٽيل هجي ٿي پنهنجي تازي آيل ڪتاب "مٽي ماٽي لايان" جيڪو مرڪ پبليڪيشن ڪراچي مان ڇپجي پڌرو ٿيو ۾ اتم ۽ اعليٰ اونهائي سان جڙيل ڪهاڻيون ملن ٿيون.

جن جي پرهڻ سان معاشرتي لچڪ جو ڪاتو لڳائي سگهجي ٿو جتي رت پاٽي ڪان ٻه سستي هجي ٿي ۽ احساسن جي اولري کي سنگين ڏوهدار سمجهيو وڃي ٿو اتي ميڊم جي ڪهاڻين ڪيترن ئي ابوجھ ارڏن جي دل جي ڳالھ ڪئي آهي سندن ڪهاڻين جي ڏنل پيٽا ظالم جي منهن تي موچري جو اثر رکن ٿيون. مرداڻي سماج ۾ عورتن سان ٿيندڙ ويساھ گهاتين جو ولر سندن سوچن کي ولوڙي ناڪارا بڻائي سگهن ٿيون اتي وري مٽي ماٽي لايان ڪهاڻين جو ڪتاب سندن نئون ساھ ڦوڪي ٿو. هي ڪتاب 22 ڪهاڻين تي آڌاريل رس چس سان پريل مجموعو آهي جنهن هر اڻ برابري، ظلم جي زنجير ۾ جڪڙيل غريب مرد/عورت ۽ انهن سان ٿيندڙ نا انصافين جي اور اوتيل ملي ٿي.

ڪجھ ڪهاڻيون منهنجي من جي گهنگهور ۽ وچڙيل اداسي جي انبارن جي سانجھ کي بيان ٿيل ملن ٿيون من کي ڇهندڙ ۽ ننڊ کان جاڳ ڏيندڙ ڪهاڻيون اتم جا منهنجي سوچن جي گمنام وادي جي ديوارن تي لکيل لفظ آهن. جن ۾ مت، سوال نظرياتي ماڻهو لبرل سوچ پرم پور پور ٿيا هڪ ازلي حقيقت کي اجاگر ڪن ٿيون مت ڪهاڻي ۾ زينت مفلسي جي موت جي سڪرات سان سڪڙجڻ جي عمل پيڙاهجي ٿي اتي وري مرشد پنهنجي ڏاڍ مڙسي سان زينت جي عصمت پٽي کي مروڙي مستي ۾ مست هجي ٿو مت ڪهاڻي ۾ ذڪر ڪان علاوه ٻه اهڙا الائي ڪيترا هاجا هرورز پنهنجي دونهين دکائي مليو وڃن. زينت مرشد جي هر حڪم جي هٿوري سان پنهنجي عزت جو فالودو ڪري رهڙجي وڃي ٿي.

"سائين حڪم، ٻانهي حاضر آهي زينت معصوم لهجي ۾ چئي سڌي ادب ۾ بيني رهي.

زينت ويجهي ٿي ويھ بيڊ تي مون سان سمھ!

اچ توکي جيءَ پري ڏسان جاويد تيز سهڪن سان... اهو چئي زينت ڏي وڌڻ لڳي ٿو

زينت تون مون کي ڏاڍي وڻندي آهي ... تنهنجا چپ جڻ تہ هنداڻي جون قارون آهن تنهنجي چيلهہ صفا سنهڙي سندري تنهنجي ڇاتي ناريل جا ٻہ داڻا آهن.

مرشد جيڪو غريبن جي آخري اميد ۽ آسرو هجي ٿو جتان جو فيض دل کي سڪون رسائي ٿو اتي وري جاويد جهڙا معاشري ۾ مرشد حق جي حقيقت کي گندو ڪري خدا جي خوبصورتي سان دوکو ڪري ٿو. ڪهاڻيون حقيقتن جو حقير نامو اوتين ٿيون زينت پنهنجي بيمار پٽ جي تعويز ۽ ڦيڻي جي چڪر ۾ پنهنجي عزت سان گڏ پنهنجي جگر جي ٽڪري کي بہ وڃائي ويهي ٿي اهڙا ڪڏا ڪردار دنيا جي نگري کي ڪاراڻ سان رڱي ڇڏين ٿا.
جتي زينت جي مجبوري جي ماڪ سان ڌوتل مرشد جي اندر جي ميراڻ تہ ختم ٿئي ٿي پر تاريخ اهڙن دلالن کي ڌوڙ جي دونهي سان مسمار ڪري ڇڏيندي اٿم. سموري مجموعي جو آڪاڻيون پنهنجي پنهنجي فني ارتقا ۾ گلابي ويس اوڍيل نظر اچن ٿيون جن ۾ منيون ڳالهيون، يادن جا وکريل پنا، عشق پڇي نہ ذات، سسئي ۽ سور، روح جا زخم پڻ سهڻي انداز سان سلهاڙيل آهن. سسئي ۽ سور گهاريتي ۾ گهنگهور پيار جي پيچرن تي اماڻيل اداسي سان اوريل روح بہ پنهنجي پرين جي وجود کي سڏ جي آلاپن سان لوچي ٿو :

سسئي جا سڏ!
ٽڪيا ڪون آهن نيٺ پل جو پهي سسئي جو پنهل ڏورانهين ڏيهہ نئي ٿو
۽ ان کان علاوا روح جا زخم ڪهاڻي ۾ روح جي سرد پيل جذبن جو آند ماند جي مورت باهہ جي مچ ۾ موعطر نظري ٿي.

هاڻي اسان جي وچ ۾ عجيب اوپرائپ هئي آهستي آهستي هن جو اتاولو پن ۽ ديوانگي ختم ٿي وئي هن جا جذبا برف جيان ٿڌا ٿي ويا روح جو رشتو جسم جي بک جو ڪاچ ٻڃي ويو پهريان هو ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڳالهائيندو هو. پوءِ ڳالهہ هفتن ۽ پوءِ مهينن تي پهتي پوءِ ائين لڳو جڻ رشتو زبردستي گهلجي رهيا آهيون ۽ پنڌ ڪري روح جا پير زخمي ٿي پيا آهن ۽ هاڻي اسان اجنبي آهيون جڻ ڪڏهن بہ مليا ئي ناهيون!

ميڊم جي ڪهاڻين ۾ ڪلائميڪس ڀرپور ملي ٿو جيڪو مڪمل هڪ سٽ ۾ الڳ خيال هجي ٿو جا ڪنهن غار مان نڪرندڙ اونهي آواز جي عڪاسي ڪري ٿو جيڪو پڙهڻ ڪان پوءِ پنهنجي من جو آواز لڳي ٿو. هي ڪتاب ادبي ڪيتر ۾ پنهنجي نمايان جاءِ والاري چڪو آهي ۽ ايندڙ ڪهاڻين جي ڪوي ليکڪن جي حوصلا افزائي سان گڏ لاياٿو فيض پڻ دامن سان ڀري سگهجي ٿو. ڏٽي در دعا آهي ته ميڊم فرزانا جو هي پنجون ڪتاب سندن ڪاميابي جي ساموندي ڪپ تي بيهي جلد سموند اندر سمائجڻ جي سرڪ سان همڪنار نظر ايندي مولا پنهنجي حضور آباد ۽ شاد رکي.

# رنگين روحن جو رهبر ڪلاڪار آصف نظاماڻي

هي دنيا جڏهن وجود ۾ اچي رهي هئي ته پالڻهار جي پاڪ فرمان جي انتظار ۾ هر هڪ شيءِ سر بسجود هُئي ڪُن جي ڪَوي ڪاڄَ ۾ هر ذرو زير کان زبر ٿيڻ جي خوشي ۾ ماپي ڪو نه پئي سگهيو، هر رنگ پنهنجي ڍهنگ سان اچڻ لاءِ اتاولو هو، هر خوشي پنهنجي غم جي ڊال ڍڪڻ جي سکيا وٺي رهي هئي، هر مسڪراهٽ پنهنجي مسڪين ماءُ کي مايوس ڪرڻ کان ڊڄي رهي هئي. پيار پنهنجي پاپوهه کي دل مان پار ڪرائڻ لاءِ پئي ۽ لالچ جي زيورن کي ڦٽي ڪري رهيو هو، محبت پنهنجي محبوب کي سيني ۾ سانڍي رکڻ جو ڪارگر نسخو دريافت ڪري رهي هئي، عشق پنهنجي عاشق کي باهه جي پڙڪيل آڙاهه مان برداشت ڪرڻ جو هنر سيکاري رهيو هو، ڪوڙ پنهنجي ڪاڪ مان وڏا واڪا ڪري وس مان نڪري رهيو هو، سچ پنهنجي سچائي جي سونهن ۾ سمائجڻ لاءِ سپنا ڏسي رهيو هو.
زندگي پنهنجي زنده رهڻ جو بندوبست ڪري رهي هُئي، موت پنهنجي پاڻ کي مات ڏيڻ ۾ مشغولي جو مچ ٻاري رهيو هو، مطلب ته هر تخليق ٿيندڙ شي مالڪ جي حڪم سان عمل ڪرڻ لاءِ عملي ميدان جو مزو ماڻڻ لاءِ مسرور هو. اهي سڀ دنيا ۾ پنهنجي پنهنجي رنگ ۾ رڇيل چادر جي چار ديواري ۾ موجودگي جي مجتا ماڻڻ لاءِ موتين جي مالا ٻُڇي ۾ پائڻ پوپٽ وانگر پساهه پسڻ لاءِ پاند ۾ اڳي کان اڳيرا ٿي رهيا هُئا ته زندگي ڪيتري نه انمول آهي جنهن ۾ هر رنگ پنهنجي سونهن جو روشن سچ جنهن جي چوڏاري ٻين منفرد چنڊن جي چانڊوڪي جي چاهه جي چڪور جيان ڇهڪاڻن جو ڇهڇٽو لڳيل نظر اچي رهيو آهي.
زندگي هر زنده دل لاءِ منفرد رنگن جو مجموعي محفل لڳائي رهي آهي. جتي هر ڏيک پنهنجي ڏيکاءُ جي خاطر ڏُڪار ۾ ڏکي رهيو آهي. هر ڪم پنهنجي جُڙيل جهوپري ۾ هڪ اڻ ڪُٽ وقت گذارڻ لاءِ ڪوشان آهي. زندگي ۾ ٿيندڙ هر محنت جي مزدوري جي قيمت جي ڪنهن کي به سُڌ ڪونهي ته اتي وري دنيا جي نقشي ۾ نقش ٿيل سنڌ به صدين تائين پنهنجي اُتاهه سمنڊ ۾ رقص جو من اندر مانداڻ مچايو ويٺي آهي سنڌ جي من ۾ هيرن جهڙا ڪاهوڙي پٽ به پنهنجي منفرد جڳهه والاري ويٺا آهن جنهن پنهنجي دنيا کي اندلٺ جي رنگن جيان رقص ڪرائي راز جا هم راز ٻڌيا بيٺا آهن. انهن ڪائنات جي رنگن ۾ رنگيل روحن جو رهبر به فنا واري زندگي کي بقا واري رنگن

سان رنگي رهيو آهي خدا جي پاڪ نالن مان هڪ نالو مصور بہ آهي ۽ ان صفت جي ٿوري سانت آصف نظاماڻي جي سوچن کي ساڪن سان سرهاڻ ڪيو آهي، ساڪن اهڙو ڪيو ويو جو خاموشي جي خيمي ۾ ان اُڏمن کي رَنگي ٿو جنهن جو شُور شَعور جي شَهہ رَڳ کي حيرت جي حُسناڪين جو حَبيب بڻائي ٿو ڇڏي.

آصف نظاماڻي سان منهنجي ملاقات سندس شاهڪار ڪَمَ وسيلي ٿي، هي طبعيت ۾ طُور سِينا جبل جيتري چاهہ رکي ٿو، اخلاق ۾ اعليٰ درجي جي سندَ رکي ٿو مزاج سندن مهڪندڙ مُور جي مُورت سان مُوهي ٿو. هن جو تعلق سنڌ جي ضلعي خيرپور سان آهي جتان هن پنهنجي بنيادي تعليم سان گڏ شاهہ عبداللطيف درسگاهہ مان سَند حاصل ڪيائين. هن حاضر زماني جي ٽيڪنيڪي دور ۾ مُصوري سان گڏ گرافڪس، پنجن ٻولين (سنڌي اردو، انگريزي، عربي، فارسي) ۾ تيز ترين ٽائيپنگ جو ورلڊ رڪارڊ ناهڻ ۽ گنيز بُڪ آف دي ورلڊ رڪارڊس ۾ پنهنجو نالو لکرائڻ، فوٽوگرافي، السٽريشن ۽ ويب سائيٽ ناهڻ جو ڄاڻوگر روح آهي. هن جو ذهن تخليقي تَند کي تَنبُورِي سان ترقي ڏيڻ لاءِ تاسارو آهي.

هن منفرد پينٽنگس منفرد ماڻهن کي اَرپيون آهن. هن جو پنهنجي فن سان فني سفر تہ فنا ٿيڻ جي وادي مان گذري ڪري بقا جي باڪ ۾ برف وانگر مضبوط ٿي چڪو آهي، جنهن جي تخليق ٿيل فن زندگي ۾ زنده رهڻ لاءِ جڳهہ والاري چڪو آهي. آصف نظاماڻي هن وقتَ تائين حامي، بيدل، ايم يحيٰ ۽ ٻيا ڪيترائي يادگار ايوارڊ پڻ ماڻي چُڪو آهي. ساڳي ئي وقت آصف نظاماڻي سنڌي ائسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا (سانا) جو آفيشل گرافڪ ڊزائنر رهيو آهي جڏهن تہ سچل سرمست يادگار ڪاميٽي، حامي يادگار ڪاميٽي، بيدل يادگار ڪاميٽي ۽ ٻين ڪيترين ئي قومي توڙي بين الاقوامي ادارن سان پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي چُڪو آهي.

پاڻ هڪ سٺي شاعر سان گڏ سهٺو ليکڪ بہ آهي. زندگي جي رونقن کي فوٽوگرافي جي اک ۾ بہ سانديي رکڻ جو سليقو اٿم. سونهن ۽ خوبصورتي کي خوبرو بڻائڻ جي خواب کي حقيقت جو بہ هنر اٿم. پنهنجي چوڏاري زندگي ۾ سامهون ايندڙ وجود جي روحن کي پنهنجي مُصوري سان مَست بڻائي ٿو ڇڏي. آصف هر تخليق دل سان چٽي ٿو، سا رابيل جي گل جيان خوشبو وکيرڻ جو اثر رکي ٿي. آصف پنهنجي زندگي کي مسلسل جدوجهد جي جاري جنگ ۾ جوين کي جُوت ڏياريندو رهي ٿو، جنهن هن جي باقي زندگي کي تاريخ جي سنهري ورقن ۾ چٽي چڪو آهي. آصف کي مالڪ اهڙي

فن سان نوازيو آهي جنهن جو ڪو بہ انت ڪونهي جنهن جي ڪا موسم ناهي هر موسم ۾ هر رنگ پنهنجي پنهنجي ڇٽاڻ ڇڏيندو آهي.
آصف هن وقت سچل چيئر شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي ۾ پنهنجي فني مهارت جا جوهر ڏيکاري رهيو آهي جڏهن تہ آصف نظاماڻي هن وقتَ تائين) 1009 (هڪ هزار نوَ) ڪِتابَ ڪمپوز ڪرڻ سان گڏوگڏ ڪيترين ئي ڪتابن جا آرٽسٽڪ ٽائيٽل بہ ٺاهي چُڪو آهي هن پنهنجي روح کي رنگن جي روحاني چوڏس جو عادي بڻائي ڇڏيو آهي. هن جو ڪم ڪاريگري جو ڪارگر نسخو آهي جنهن ايندڙ نوجوانن لاءِ ان ڪم ۾ مهارت رکڻ لاء بي بها قيمتي موتين جي مالها جڙيل آهي هن مختلف وقتن ۾ نوجوانن لاء مفت سکيا جو سفر شروع ڪري هڪ بهترين ڪم بہ ڪيو آهي. جتان نون تخليقڪارن سان تعارف سان گڏ انهن جي تخليق جي بہ خبر پوندي. مصري شاهہ چواٽي: تہ جز مان ڪل اهو ٿيندو آهي جيڪو ٻين لاءِ جيئندو آهي. موجب سنڌ جي هر فرد سان سهڪار ڪندو رهي ٿو.
آصف نظاماڻي جديد دور جي دانهن کي سيني ۾ سانڍي ان کي سڪون جو ساهہ کڻائي رهيو آهي. هن سنڌ جي سين رنگن کي رنگيو آهي هن رنگن سان عشق ڪيو آهي آصف رنگن جي ميلي جي مورت آهي جنهن جي شخصيت ماڻهن جي ميڙ ۾ مرڪوز رهي آهي. هن سان سنڌ جا شاعر، اديب، فڪر مند نينهن جو ناتو نڀائيندا آهن. مالڪ در دعا آهي تہ رنگن سان عشق ۽ جذبي سان سمايل سوچن کي عروج ملي ۽ ايندڙ وقت ۾ ڪاميابيون هر وک تي شخصيت کي سرخرو ڪري. مالڪ دو جهان خوش ۽ آباد ڪري.

# روح جي رڻ تي رم جهم گلبدن جاويد مرزا

بي رنگ رڪندڙ مَست، الَست، منَچلي ڪائنات جو ڦوي عڪس هر رنگ ۾ پنهنجي ڍنگ سان مَحوِ نظر ايندو اٿم. رنگن ڪان پاڪ رَحيم هن وسيع ميلي ۾ مختلف رنگن جي مئخاني ۾ مست نظر اچي ٿو. روح , رنگ ڪان پاڪ رت جي ڳاڙهاڻ ۾ ڳتيل ۽ سُتيل سپنن جي سانجهه ۾ سپرين آهي. روح وسيع ۽ ڍڳ ڪائنات جي مندر ڪي ڇڏي انساني قيد ۾ رهڻ پسند ڪيو پر جڏهن مِي رقصم جي رِم جِهم جو واس لڳس ته من اندر ئي ڪائنات وسائي وينو. عقابي اڏام رڪندڙ روح اڄ به صدمن، اڌمن، جي ڦُر ڦُر روح جي رڻ تي پون ٿيون ته روح جو رڻ ڀڪي پوي ٿو. اهي صدما شعرن جي ڇڙنگ مان لاٽ ٻاري پنهنجي من ڪي مڇائيندي اٿم. شاعري لفظن جي ماڻڪ موتين جي مالا ٻڌجي جسم ۾ روح ڪي رقص ڪرڻ تي مجبور ڪندي آهي.

اها شاعري قاضي قادن جي دور ڪان وني ڪري اڄ جي دور جي پرياڻڪ ۽ پلوڙ شاعره گلبدن مرزا ادبي اوسر ۾ اتم درجي تي فائز آهي. سائنڻ گلبدن مرزا سفيد ۽ سچا موتي اوتڻ جو مهان فن رکي ٿي. شاعري جي ڇم ڇِم سان روح ڪي ڇِنڪار ڪري ڇڏيندي اٿم اها ڇِنڪار مان اسرندڙ سرهاڻ ساهه ڪي سرويچ ٻڻائيندي اٿم. ساهه جو سرويچپڻو ڪومايل گلاب جي اسرڻ جي ياد ۾ گم ٿي ڪري ڦوي ان ياد ڪي اهڙي ريت ساري ٿو.

هن ڌرتي جي هڪ حصي ۾
هن ديس جي هڪڙي خطي ۾
هڪ منهنجو منو ڳوٺ به هو
جنهن کي ٽالهين سندو ڪوٽ هيو
هن ڳوٺ ۾ گهر هيو
جو فڪر و فن جو محور هيو
منهنجي گهر ۾ گهاٽو وڻ هيو
هڪ مال جو وڏو ڌڻ هيو
هت سائي سائي ٻني هئي
جڻ ست رنگي ڪا چُني هئي
هت سُڳداسي سُرهاڻ هئي

۽ ڏيلهن جي لالاڻ هئي
هت ترِندا ڪيت گُلاب هئا.

هن چند سٽن ۾ پوري ياد جو نقشو شفاف چٽيل نظر اچي ٿو ياد ۾ جيون جو فلسفو لڪيل آهي اهي موهيندڙ يادو سائنڻ جي هن نظم ۾ سُڀگداسي سرهاڻ جي سرڪ چڪڻ لاء ملي ٿي قديم دور جي اوائلي ادب کان وٺي ڪري جديد ادب ۾ هن وقت تائين نظمن جو اسرڻ هڪ معنىٰ خيز مرحلو آهي. گلبدن جاويد جي هن نظم "ڳوٺ جي ياد" ۾ چوڏس جا رنگ ته ڪٿي وري ڏيلهن جي لالاڻ جو ذڪر ڪري اندر ۾ هلچل مچائي ڇڏي اٿم انگريزن جي دور ۾ شيڪسپئر ۽ ٽالسٽاءِ جي نظمن جي پس منظر جو ذڪر ڪجي ته اها پختگي ۽ معيار جيجل جي نظمن ۾ پسي سگهجي ٿي.
گلبدن جي شاعري جي سين صنفن تي گهري فلسفي سان گڏ سهٽا غزل، بيت، وايون، نثري ٽڪرا جن ۾ چوسٽا ٽيرو ۽ نظم سرجيا آهن. جن جي پڙهڻ سان من اندر مانداڻ مچيو وڃي . پاڻ اچو ته هڪ نظر غزل جي گهنگهور گهٽائن تي وجهون.

اي تان ستارا آٽي رستا سجائي ڇڏجن
هڪوار پرين جي مهمان تي پوي.

هن شعر جو مڪمل ڍانچو سنڌي ادب جي شروعات ۾ رزميا شاعري جو عڪس پسي سگهجي ٿو " هڪوار " لفظ اوتي هن سٽن ۾ آئيندي جي ادبي اولري جو پاڇو ماضي جي ياد سان نهڪي ٿو. سسئي جو پنهنجي پرين ۾ نڪتل ڳولا به ان ئي ياد ۽ ان هڪوار جو ئي تسلسل آهي. جنهن جو پنڌ رستي ۾ ئي ڪٿي پوي ٿو جيجل گلبدن مرزا جي ٻين سٽن کي ڏسون.
واري ڇڏيان مان هن تان پنهنجي زندگاني
جي هڪ نگاه هن جي مهربان تي پوي.

جيجل طبعيتن نهايت ئي فقير منش ۽ نرم مزاج جي مالڪ آهي ساڳي ريت هن غزل جي سٽن ۾ خيال جي اوسر ۾ ئي وفا جي واس سان خَم نظر اچن ٿيون خيالن جي

سندرتا ۾ گلبدن جي اوتيل هر صنف منفرد نظر ايندي آهي. جيڪڏهن ٿي سٽا/ ٽيڙو تي نظر وجهون ته اهي بي باڪ ۽ بلندي تي سمايل نظر ايندا.

بس هڪڙي نهار ڏي
تو تائين پهچان
اهڙي اڏار ڏي

يا وري

جي ونجن ڪجهه پل
ملڻ جي بهاني
پريت جا ٽڙن گل.

لفظ لفظ ماڻڪ موتي جو مرتبو رکن ٿا جيجل جي ٽي سٽي ۾ پريت جي گل ٽڙڻ جي مانداڻ جو مچ ٻاري هڪ تاريخ رقم ڪئي آهي. جتي ٽيڙو جي نزاڪت لفظ لفظ سان گڏ پنهنجي نشيب و فراز پڙهندڙن جي ذوق جي اکين تي منڪشف ٿيو وڃي ملڻ جي بهاني وقت جي پنيور ۾ ڪجهه ساعتن جو گذارڻ ڪان پوءِ يادن جو مقبرو ٺهيو وڃي. مٿين ٽيڙو ۾ ڪيف ۽ سرور، مستي ۽ شعور، رنگ ۽ رعنائي، حسن ۽ زيب نادر و شاهڪار ٽيڙو اوتيل آهي.
جيجل گلبدن جي شاعري ۾ انيڪ روپ ملن ٿا اهي سندر روپ هن ادبي سفر ۾ پنهنجي منزل ماڻي چڪا آهن گلبدن جي شاعري جديد دور سان گڏ قديم دور جي بخيتي ويس جي ڪٽي اوڍيل آهي. لفظن جي مالا ڪي اهڙي نموني ڳُتي ۽ سُتي محور ۾ منظم ڪري پيش ڪيو اٿم جو سريلي ساس جو سپائٽو سپرين سندن سونهن ۾ جڙيل نظر ٿو اچي هن جندا پٽ واري ماحول ۾ عورتن جو فن ۽ فڪر هڪ مڪمل درسگاه جو ڏيک ڏئي ٿي جتي عورتن کي صرف چار ديواري ۾ بند ڪري ڪين بورچي خاني سنڀالڻ جي ڪمن سان وابسطا هيون اتي هن ظالم سماج ۾ گلبدن جهڙيون ڪوڙ ساتريون عورتون پنهنجي پنهنجي ڪمن ۾ مگن نظر ٿيون اچن جيجل شاعره ۽ ليکڪا سان گڏ سرتيون ميگزين ۾ ايڊيٽر طور ادبي ڪمن کي هٿي ونرائڻ ۾ مصروف آهن.

هن نظام ۾ عورتن جي مٿان طعنا ٺٺوليون جا تير تار ڪرڻ باوجود به گلبدن مرزا ڪيترن ئي عورتن جي فن ڪي سرتيون ميگزين ۾ تعارفي مان بخشيو آهي. گلبدن جاويد مرزا جو وجود ويساهه جو انمول نگينو آهي. ويساهه گهاتن سان نفرت ڪندڙ هن سچي ۽ خوبصورت شاعرا عشق جي چاشني جو مزو هن ريت پسيو آهي.

نه ڳولهه مون ڪي شرابخانن
مئخانن ۾
نه ڳولهه مون ڪي صراحين
لبريز پيمانن ۾
جي محسوس ڪرين سگهين
ته پنهنجي ساهن جي سرهاڻ ۾
ڪر محسوس مون ڪي
جي ڳولهي سگهين ته پنهنجي
نيڻن جي ڏندين ۾ ڳولهه مون ڪي
چو ته شرابخانا ڇڏي
صراحيون لبريز پيمانا ٽوڙي
سمائجي ويو آهيان
تنهنجي چاهه ۾
تنهنجي ساهه ۾
۽ ويساهه ۾
مان تون ۾ ئي آهيان
تون ويساهه رک.

پوري نظم ۾ ويساهه سان عشق ۽ ويساهه سان وچن جو الڳ باب ملي ٿو مڪمل وجود جي ڳولا من اندر موجن جي طلاطم خيز اڌمن ۾ رنگيل روپ ۾ رڙي ٿي. نيڻن جي ڏندين لفظن جو ميلاپ ۽ وسيع خيال جو سرجڻ جي منفرد مهارت سان ملهاريل آهي سوين سچ، سور پلئه پاند پوڻ کان پوءِ به پنهنجي اندر ۾ ڳولڻ جي ويساهه جي وائي ڳاتي اٿم هن نظم ۾ ساهه سان ويساهه جو سپيتا اهڃاڻ ملي ٿو. گلبدن جي شاعري جو

رقص اينڊڙ نسل جي دلين ۾ مستو مست جي پر پيارِي چڪي آهي. ادبي ڪيتر ۾ پنهنجو پاڻ مڃرايو آهي جيجل جي محنتن ۽ ڪاوشن جو ڪاٿو ڪون ٿو لڳائي سگهجي.

جيجل سان منهنجو ناتو ڪجھ عرصي کان سوشل ميڊيا جي ڪري ٿيو پر اهو ناتو هڪ فيملي ميمبر کان گهٽ ڪونهي جنهن جو بنياد شاهه مراد شيرازي جي هن دعائيا فقري سان لڳائي سگهجي ٿو.

"او ياتي، ڏيئي وڏي ڄمارا" .

(اي گهر جا ياتي ! الله تو کي وڏي ڄمار ڏي) .

# ڪَلجُڳ جي ڦَوي شاعره ماهين هيسباڻي

سنڌ ڇهه هزار سالن کان وٺي ڪري ڏرتي جي وايو منڊل تي سندر سپيتا جو اهڃاڻ رهي آهي. سنڌ ازلي خوبصورتي سان پنهنجي خاموش مرڪ سان پنهنجي محور ۾ رقص ڪندي نظر ايندي اٿم جتان جو هر شخص پنهنجي ڪَلجُڳ جو مَهراجا هجي ٿو هر شخص پنهنجي عشق جي پڙلاءُ جا سَڏ سُرڪي ٿو اندر جي سونهن سان ٿمتار وجودَ ماحول ۾ امن جو سنديسو ارپين ٿا اهي امن جا اولڙا روشن مستقبل جي نويد آڻن ٿا، جتي ماڻهون، ماڻهو رند ۽ شاعراڻن خيالن سان سونهن جي سرهاڻ ڪي پنهنجي سِراڻي رکي ڪري پر سڪون هُڳاءُ سان مسرور رهن ٿا. اها مسروريت جي ڪيفيت شاعر جي سجاڳپ ڪرائن ٿا. جيڪي پنهنجي محنتن سان ۽ جفاڪشن سان سنڌ جي سونهن کي مان بخشن ٿا.

شاعري سنڌي ادب ۾ بنيادي طور سان عربن جي دور ۾ شروع ٿي پر ان بابت ڪجهه عالمن جا اختلاف ملن ٿا پر اڪثر عالم هن راءِ تي به متفق آهن ته سنڌي شاعري جي شروعات سومرن جي دور ۾ ٿي. عربن جي دور وارو مفروضو هڪ جملي تي ٻڌل آهي جيڪو ابو حاتم مُحمَّد جي ڪتاب "روضة العقلاءِ ونرهہ الفضلاءِ " ۾ آيو آهي اهو جملو هي آهي.

"اره بره ڪنڪره ڪراڪري منده"

يا ڪن روايتن مطابق اهو جملو هيئن آهي:

اره اصره ڪڪرا ڪي ڪره منده ."

هن جملي بابت به چيو وڃي ٿو ته ڪو سنڌي ماڻهون بغداد ويو ۽ اتي يحيٰي بن برمڪيءَ جي روبرو اهو جملو پڙهيائين انهيَ جملي جي معنىٰ هن ريت ٻڌائي وڃي ٿي " جڏهن اسان وٽ نيڪين جو بيان ٿئي ٿو ته ان وقت تنهنجو ئي نالو ورتو ويندو آهي" هن جملي بابت ڪيترن ئي ماهرن جا تحقيقي مقالا ڇپجي چڪا آهن ۽ اڪثر ماڻهن جي اها راءِ آهي ته اهو جملو ڪنهن آفريڪي ٻولي جو آهي جيڪو حضرت بلال رسول ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي شان ۾ چيو هو.

بهرحال جيڪڏهن هن جملي کي سنڌي ڪري ٻه مڃجي تڏهن ٻه هن دور کي سنڌي ادب جو دور قرار نه ٿو ڏئي سگهجي سنڌي ادب جي باقاعده شروعات سومرن جي دور ۾ ٿي جنهن کي "سنڌي ادب جو اوائلي دور" ٻه سڏجي ٿو. سومرن جي دور ۾ رزميه شاعري جي شروعات ٿي هن دور جي جنگن ۾ اتساهه ڏيارڻ لاءِ رزميه شاعري جو استعمال ڪيو ويو جنهن جو هڪ نمونو هن ريت آهي.

جَرُ نه ڪٿي ڪَنگرِين راؤُ نه ڳِنيڻ وِيڻ
ڳولي وڃين ڳُجرين ته چِنُدا دودي ڀيڻ.

رزميه شاعري کان علاوه رومانوي داستان جيڪي اڳتي هلي تمثيل طور استعمال ٿيڻ لڳا ۽ بيت يا ڳاهه هندي چند وديا جي صنف " دوها چند" ۽ " سورٺا چند" ٻه ملن ٿيون بهرحال سومرن جي دور کان وٺي سمن جي آخري دور ۽ ارغونن جي شروعاتي دور ۾ مخدوم احمد ڀٽي، شيخ حماد درويش، نوح هوٽياڻي، اسحاق آهنگر ۽ قاضي قاضن پنهنجي فن ۾ نمايان ڪردار ڪيو. هن ايڪويهين صدي ۾ ٻه ماهين هيسباڻي جي شاعري جو اعليٰ نمونو ملي ٿو.
سنڌ جي شاعرا ماهين هيسباڻي ٻه پنهنجي رنگ ۽ ڍنگ سان پرنور ستارن جيان نروار رهي آهي جنهن جي شاعري جي روشني ايندڙ وقت جي نوجوان ذهنن کي ڪِرڻن سان روشن ڪرڻ جو اثر رکن ٿا. ماهين هيسباڻي شاعره سان گڏ باڪمال ڪمپيئرر ٻه آهي سڄي سنڌ ۾ اڄ تائين روح جي آواز جي مدد سان ڪنهن ٻه ڪمپيرنگ ناهي ڪئي ماهين پنهنجي آواز ۾ هڪ اڳهم ڪائنات سمويل رکي ٿي، جنهن جو آواز خاموشين کي ٻه واهه واهه ڪرڻ تي مجبور ڪري ٿو ڇڏي. ماهين شاعري جي شروعات 1998ع ۾ ڪئي جنهن ادب جي مختلف صنفن تي ڪم ڪيو آهي ان ۾ غزل، گيت، نظم، وائي ۽ چؤسٽا شامل آهن. پنهنجي شاعري جي ڪتاب" تون "جي مالڪا هر رنگ ۾ رڱيل نظر ايندي اٿم، ماهين طبعيتن نهايت ئي فقير منش، همدرد، نرم مزاجيت جي مالا سان اوتيل هجي ٿي ۽ اها مالا شاعري جي ڪَلجُڳ ۾ ٻه اعليٰ ۽ اتم ملندي. اچو ته پنهنجي من کي سندس جي شاعري جو واس ونرايون.

ڏياتيون ڏياتيون ٻري ٿي پئي

چنڊيون چاهتن جون, پري تي پئي

وساٽا وساٽا ستارا سيئي
ٻري ميڻ وانگي ,ڳري تي پئي

پڳل انتظارن جي ٻيڙي ۾ ويهي
سڪين ڪي چڙهي تي تري تي پئي.

هن چنڊا پٽ واري ماحول ۾ جتي عورتن کي گهر جي ٻورچيخاني تائين محدود رکيو ٿو وڃي ۽ ذهنن کي دوکن جي طوق سان تار تار ڪيو ٿو وڃي ان جي باوجود ٻه اهڙا انيڪ موتي، در ثمين موتي، در ناياب موتي شاعري جي ويس ۾ جڏهن نظرن اڳيان گذرن ٿا ته من موهجي ٿو پوي ڏياتيون ڏياتيون ٻري تي پئي هن سموري سٽ ۾ ازل کان وني ابد جي اپ ڏاريندڙ دانهن جو دوُر ٿو ملي جتي ساڙ، بغض ۽ طنز جا طعنا برداشت ڪرڻ کان بعد ۾ چاهتن جو چنڊيون پرجڻ جو عمل رڪجي نه ٿو ڪيڏا نه نفيس احساس ۽ ڪومل من جي ڪويتا ڪوس قضا جو ڏيک ڏي ٿي ان سان گڏ مسلسل سندر احساس جيڪو مون پڙهڻ کان پوءِ رقت طاري جي ڪيفيت ۾ نمناڪ ٿيڻ جو سرور ڏنو ته" پڳل انتظارن جي ٻيڙي ۾ ويهي"هن سڄي زندگي ۾ هڪ هڪ شي جو انتظار ڪرڻ ٻه اڌ موت هوندو آهي ۽ وري ٻه "سڪين ڪي چڙهي تي تري تي پئي" سائنڻ ماهين جي شاعري ۾ صدما اڌما سڪ چاهه لوچون سوچون وڏي گهرائي سان ملوڪ انداز سان سرجيل ملن ٿيون. سندس سادا سلوٽا استعارا تشبيهون نهڪيل ملنديون. جنهن کي پنهنجي من جي غار مان صدين جي گم ٿيل سپنن کي جڻ پوري ٿيڻ جي خوشخبري ملندي هجي. ماهين هيسباٽي غزل گو شاعرا هر فن ۾ عقابي اک رکي ٿي جيڪا نيڪ نيتي ۽ سچائي سان ڪم ڪرڻ ڄاڻي ٿي . پيار ۽ پاٻوهه جي پري آزاد نظمن جي ٻه سهٽي سرجڻهار آهي اڃو ته ڪجهه نظمن جا احساس ٻه من اندر سمايون.

ها مان توکان ڏور رهي
سو سالن جي جدائي ته

برداشت ڪري سگهان ٿي.
پر!
تنهنجي سامهون رهي,
توکي ڪنهن ٻئي جي
دسترس ۾ رهندي ڏسڻ
منهنجي مذهب ۾ ڪفر آهي.

۽ هي ڏسو

صحيفو ڪو لٿو آهي
پرين تنهنجي صورت ۾

ڀلي تون ڀانئين نہ ڀانئين
پر منهنجو ساهہ تون آهين

وائي جو واء ڏسو

روح پتنگ پروان آ منهنجو
نينهن ڪيو نروار
مان تنهنجو هان سنڌيار
الا مان تنهنجو هان سنڌيار.

هڪ هڪ گهاريٽو پنهنجو مٿ پاڻ آهي اهڙو پاڪ ۽ پوتر خيال ۽ ان جي بيهڪ ۽ معيار شاعري کي الڳ تلڳ گيڙو ويس پارايو اٿم ماهين شاعري جي سفر ۾ پنهنجو نالو تاريخ جي سنهري ورقن ۾ لکرائي ڇڏيو آهي. شاعري جي معطر خوشبو ڪائنات جي ذري ذري ۾ پسي سگهجي ٿي. مٿين وائي جو واچوڙو من کي جنجهوڙي بنجر زمين کي ترو تازا ڪري ٿو پيو. " روح پتنگ پروان آ منهنجو نينهن ڪيو نروار " پرين کي پڪ ڏيارڻ جو سهڻو نمونو اهڙو اڳ ۾ ڪٿي نہ ٿو ملي . ۽ وري ڏسو " صحيفو ڪو

لتو آهي پرين تنهنجي صورت ۾ " لفظن جي جوڙ جڪ ۽ خيالن جو خبصورت جمال ۽ ڪمال ۾ مڪمل مهارت رکي ٿي صورت ۾ صحيفو پيار جي آخري سرحد تي ساماري ٿيڻ جي سرڪ جو مزو چکڻ سندن اتم خوبصورتي آهي.
پاڻ جيڪڏهن نظم تي نظر وجهون تہ نظم جي قيمت جو ڪاٿو ئي ڪونہ ٿا لڳائي سگهون مذهب سان سهٽي حد اندر پيار جي جمود کي جهٽ ڪرڻ کان بچائي ڪري بقايت واري حال مان گذرڻ بہ سهٽو ڏيک ڏئي ٿو. ماهين سنڌ جي ڪيترن ئي اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجي چکي آهي ۽ سندن شاعري ايندڙ وقت ۾ شاعري راڻي جي نرار تي تاج جيان ثابت ٿيندي.
آخر ۾ ڏٽي در دعاگو آهيان تہ ماهين جا ڪومل احساس اڃا بہ وڌيڪ پڙهڻ کان ملندا ۽ ادب جي سفر جي سفير شاعرا امن ۽ پيار جو پيغام شاعري جي صورت ۾ وستي وستي ۽ واهڻ واهڻ پيغام رسائڻ جي فن ۽ فڪر ۾ پالڻهار همٿ ۽ حوصلي سان نوازي.

# علي صفدر جو ناول ماڻهو هڪ جهنگل آ تي هڪ نظر

خلقڻهار جي هي رنگ برنگي دنيا جا عڪس دل مست ڪرڻ جو اثر رکن ٿا، خدا جيتوڻيڪ پاڻ تمام وڏو تخليقڪار آهي. خالقِ ڪائنات هر منظر کي سندر روپ ڏنو آهي، ۽ انسان کي ان جي مختلف پهلوئن سندس موجودگي جو چٽو ثبوت ڏنو آهي. هر انسان پنهنجي رخ سان عمل پيڙاهه هجي ٿو ۽ وري اُهي رخ هن دنيا ۾ هر انسان جي لهه وچڙ سان ڄاتا ۽ پرکيا وڃن ٿا.

علي صفدر جو پهريون ناول ”ماڻهو هڪ جنگل آ“ به منفرد رخن جي محور ۾ رقصان آهي، ناول انگريزي زبان جو لفظ آهي، جنهن جي معنىٰ آهي ڪا ”نئين شيءِ“ ناول هڪ ڪان وڏيڪ رُخن تي لکيل هوندو آهي، جيڪي سماج جي اڪيچار مسئلن ، انساني جذبن ۽ خيالن جو عڪس هوندا آهن، سنڌي ناول جي شروعات 1870 ع ۾ ترجمي سان ٿي. ديوان اڌارام ۽ ساڌو نولراءِ گڏجي انگريزي ناول ”راسيلاس“ جو ترجمو ڪيو. اصلوڪو ناول مرزا قليچ بيگ 1888 ع ۾ ” دُلارام“ جي نالي سان لکي ان وقت هڪ وڏو ڪارنامو سرانجام ڏنو هو .

1923ع ۾ ۽ 1947 جي وچ وارو سياسي ڪشمڪش جو دور هو، جنهن جو اثر ناول تي به پيو، هن دور ۾ صاحب سنگهه شاهاڻي جو ”بلو کوکر“ ۽ عبدالرزاق ميمڻ جو ”جهان آرا“ ناول ڪافي مشهور ٿيا. ان کان علاوه محمد عثمان ڏيپلائي گهڻي ڪان گهڻا ناول به هن ئي دور ۾ لکيا. سندس ناولن جو موضوع گهڻو ڪري سماجي ۽ سياسي انقلاب هو. ان کان علاوه ترجما به ڪافي تعداد ۾ ڪيا ويا، ديوان اڌارامجي دور کان اڄ تائين سنڌي ادب ۾ ناول جي کمي محسوس ٿي اٿم، ايئن به ڪونهي ته ڪو سنڌي ۾ ناول نہ ڇپيا آهن، هوريان هوريان ڪم ٿي رهيو آهي، پر ڪجهه آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ناول اهڙا به ڇپيا آهن، جن جي پڙهڻ سان چڱ ته ماڻهو ڪنهن نئين جو سير ڪري ٿو.

اهڙن تخليقي ناولن منجهان علي صفدر جو ”ماڻهو هڪ جنگل آ“ ناول به هڪ آهي، هن ناول هڪ جاڳرتا مهم جي عڪاسي ڪري وري هڪ رڪيل تسلسل کي جنم ڏنو آهي، علي صفدر جي هن ناول ۾ ڪيترائي انيڪ سماجي رخ پسي سگهجن ٿا. علي صفدر جي من ۾ متل مچ سدا سروچ ٻڌايو اٿم، سندس اندر جي چنتا ڪيس سياڻ ناهڻ تي زور پري ٿي.

چنتا ئي چنتا!
ڪجهہ ٽيڻ جي چنتا.
اڄ ڊهي سياٽي نهڻ جي چنتا.
ماٽهپي جي ساک بچائڻ جي چنتا.
ابهرا خيال...خيال ئي خيال...رڻ ئي رڻ...ماٽهو ئي ماٽهو.

علي صفدر هن ديس جو دلير نوجوان هڪ ئي وقت شاعر، ڪهاڻيڪار، بهترين ناول نگار، مضمون نگار، نقاد ۽ سگهارو مقرر تہ آهي ئي ان سان گڏ سچ جو ساٿ ڏيندڙ الستي انسان آهي، علي صفدر سان گهاريل ساعتون يادگار آهن، مان سنڌي ادب جو ننڍڙو شاگرد آهيان، علي صفدر سان ملڻ بعد محسوس ٿيو جڻ تہ آئون اديب، اڪابر ۽ جاٽوگر وٽ پهتو هجان. موجوده دور جي ادب ۾ جديديت هڪ سهٽو منظر پيش ڪيو آهي، جنهن ذريعي سنڌي ادب کي عالمي مقام تي سرخرو آهي. علي صفدر ناول جي حقيقي مفهوم جا دڳ ڏسيا آهن، هن عشق جي نگري کي ناروا سلوڪ ٽيڻ کان بچايو آهي، علي صفدر پنهنجي ڪردارن سان بہ هڪ سچي ۽ ڪڙي تنقيد ڪري ٻڌايو آهي تہ معاشري جا دشمن ئي توهان آهيو.
برائي جي جڙ اشرف المخلوق آهي، ان مخلوق جي اندر سمايل جماليات ڏسڻ سان من موهي تہ وجهي ٿي پر پاڻ تي بي اعتمادي جي عنصرن کي فهلاءُ ڏئي ٿي. اي منهنجا بي ساڪت ڪردارو
.اوهين ڪير آهيو...مان ڪير آهيان...اوهين جبر جي عنصرن کي فهلاءُ ڏيندڙ فرد آهيو. اوهين ڌرتي تي رهي...مٽي جي مهانتا کي بہ نہ ڄاڻي سگهيا آهيو. علي صفدر جي ناول سماج جي جنم ڏيندڙ عنصرن کي مجموعي طور تي پسي ان جي عڪاسي ڪئي آهي، 1980 ع جي ڏهاڪي وارن ناولن ۾ پرپور رومانس جو رچاءُ ملي ٿو، اڄ سماج ۾ انا، حوس پرستي، بت برستي جي باھ پڙڪي پئي آهي، علي صفدر اهڙي عمل جي نشاندهي ڪئي آهي، هي نوجوان شاعر ناول ۽ ڪويتا جي اگهم علم کان علاوه شاعري پراثر خيالن سان اوتي مهان انقلاب جي هاڪار ٿو بلند ڪري، علي صفدر جي هن ناول جي ٽائيٽل تي جبر ۽ ڏاڍ جو پس منظر آهي، يقينن اهي ماٽهو

جيڪي سماج جي سونهن کي بگاڙڻ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪن ٿا. سي سماج کي سک جي ساعت مان ڪڍي ڏک ۽ ڏوجرن ۾ وجهي ڇڏين ٿا.
علي صفدر هن ناول ۾ عشق جي داستان کي الڳ ٿلڳ نوعيت جو رخ ڏنو آهي، ليڪڪ اندر جي اڄ وسائيندڙ ماڻهو کي ذهني معذور ٿو پيش ڪري ٿو.

زندگي حيف ٿئي!
حيف ٿئي زندگي!
سوچ کان مٿيري
سمجهه کان اوپري
جي نه سمجهي سگهي
تن لاءِ راحت ڪيئي
جي سڄاڻ هيئي
تن کي آڇيئي تتي
زندگي حيف ٿئي
حيف ٿئي زندگي.

علي صفدر 2010 ع واري ٻوڏ جي منظر نگاري ڪري ۽ اُن آهه زاري جي عڪاسي ڪري ٿو. سندس ناول جا سڀ ڪردار هڪ ئي ديس جا دلگير مجنون آهن، جيڪي ليلا ئي اُن جي لالي ۾ مگن نظر اچن ٿا، ۽ هر وقت رولڙي جو شڪار آهن. اُهي ڪردار لکي ۽ لڪي وڃي محبوبن جي محبت ۾ ويرانا وسائي مڌ جا مچ ٻارن ٿا، سندن ملڪيت اُها ئي آهي جتي خيما کوڙي ۽ زندگي جي گاڏي کي وري نئون رستو ڏيکارين ٿا، ڪجهه وقت لاءِ هو سڀ ڪجهه وساري ويهن ٿا، هنن کي هستي، مستي، حال ۽ آخر اُهو ئي آهي جتي زندگي بصر ڪن ٿا. ان ناول جا ڪردار انوکي تسلسل کي شروع ٿيڻ ڪرڻ کان اڳ گمنام ديس موڪلي ڇڏين ٿا. سچل چوي ٿو. انت ٻهر دي خبر نه ڪائي رنگي رنگ ٻڻايم الا آدمي ٻڻايم.
ڪتاب جو مجموعي حصو سماجي برائي تان پردو کڻي ٿو ۽ انسان کي آئيندو سنوارڻ لاءِ هڪ راهه هموار ڪري ٿو، ليڪڪ هوئن ئي سماجي عڪاسي ڪندو آهي، علي صفدر سماج جون نڪيل ڪوتاهيون ۽ برايون ظاهر ڪري انسان کي پنهنجي زندگي

جو مقصد سمجهائي ٿو، ناول "ماڻهو هڪ جهنگل آ" ۾ هڪڙو پيغام پڻ آهي. هي ناول سنڌي ادب منفرد سجاڳپ رکي ٿو. ن جي باوجود دل سنڌي ادب ۾ نت نوان ناول پڙهڻ لاءِ اتاولي آهي، اميد ته علي صفدر وري جلد هڪ نئون ناول پڙهائيندو.

# خوبصورت احساسن جي شاعره نِشاءَ ڪنول

ادب جڏهن عربن جي ڌرتي تي اسريو ته هِن لفظ (Word)کي مختلف معنيٰ جي عڪاسي سان سرجيو ويو. يورپين ادب کي انلائٽن لٽريچر (Enlighten Literature) يا پولائٽلي لٽريچر ( Polite Li -Literature) جي محور ۾ محو بڻايو, جنهن جو مطلب هو ته اهو علم يا تحرير جيڪا ادب ، لطافت، علمي زيب ۽ زينت ڏانهن اشارو ڪري ۽ انهن جي حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڪري يا اڃا وڌيڪ پس منظر ۾ پاڻ وٽس ائين ڪٽي چئون ته اها تحرير يا تخليق جيڪا انساني طبعيت ۾ مزو، سڪون يا سرور پيدا ڪري ان کي ادبي رچاءُ يا ادبي عڪس چئبو آهي. اها ته اسان کي ادب جي پس منظر جي ڄاڻ ملي جڏهن اسان ان ادب جي ڄاٽوگر جي جمال ۽ ڪمال کان واقف ٿينداسين ته ان جي اندر جي تخيل ۽ جذبي جي رقص مان به لطف ماڻي سگهجي ٿو.

ادب مختلف عڪسن سان نروار ٿيو آهي وقت جي واٽ تي منفرد منظر پيش ٿيا آهن اهي منظر ۽ جذبا صنفن ۾ پنهنجي بيهڪ ۽ لچڪ سان لامڪان نظر آيا ادب جو سرور گيتن ،غزلن، واين، ٽيڙن، بيتن، نظمن ۽ ٻين ڪيترن ئي رنگن ۾ نمايان نظر آيو آهي. اها سچي ڪاريگري جي پسنظر ۾ شاهڪار ڪاريگر جو رَتُ ۽ سَتُ ساڻس سمايل ملي ٿو ادب جو شاهڪار ڪاريگر اديب انهن جذبن جي جلون جو جاندار عڪس هجي ٿو ادب کي ادبي رنگ ڏيڻ وارو ئي اصل عشق جي آس جو اولرو سندس روح ۾ رقصان هوندو اٿم.

سنڌ ڌرتي سدا پنهنجي پوتر ۽ پاڪ ڌرتي تي اهڙا ماڻهون جنميا آهن جيڪي پنهنجي صورت توڙي سيرت ۾ پوري دنيا ۾ منفرد آهن. انهن ۾ نشاءَ ڪنول به هڪ آهي جنهن پنهنجي تخيل ۽ جذبي جي اظهارڻ لاءِ ادب ۾ پير رکيو. نشاءِ ڪنول جو پورو نالو نصرت شاهين آهي سنڌ جي ضلعي خيرپور تعلقي ڪنگري جي ڳوٺ خير محمد جيهو ۾ 3 جنوري نصير محمد جي گهر ۾ اک کولي. نشاءَ هن سماج جي ذري ذري جي عڪاسي جو عڪس کولي بيان ڪرڻ جو هنر رکي ٿي. وٽس فن جي بيش بها موتين جو چمڪاٽ شاعري ۽ نثر ۾ پسي سگهجي ٿو ماحول ۾ پيل ماند جي پيڙاهن کي عڪابي اک سان تنقيدي اصلاح جي شاهڪار ڪڙي کي به ملائڻ جي جست رکي ٿي. نشا ڪنول ۾ محقق واريون خوبيون به اتم درجي جون آهن هن منصوري دان سان پنهنجي جهول کي پرجهلو ڪيو اٿم

عشق جو چولو
جو پاتو سين
ها گيڙو ۾
رڱجي وياسين
عشق امام تي آيو

نشاء ڪنول عشق جو گيڙو پلئه پاند ڪرڻ پيار جو درس ڏنو آهي. گيڙو رتل گوڏڙي ڪي گود ۾ غش ڪري پاڻ خالي هٿين قرباني جي قيچ ۾ ڪامياب ٿي آهي.

خالي هٿين
اسان هياسين
منصوري دان مليو
جهولي ڀري ورتوسين
هيڪر جو سچوءَ
سڪ منجهان سڏايو
ٻيچي ٻارو
پائي آياسين
سوين ڦول پاند ۾ پيا
منصوري راڳ
جو ڳاتوسين
مذهب ڪان
وڏو آهي انسان
رمز انهيَ ڪي
پوءِ ڄاتوسين
الا گيڙو جو پاتوسين.

مٿين سٽن ۾ انسانيت جي اصل ڪي ڀرپور عڪاسي ڏني آهي ازلي حقيقتن ڪي

همڪنار ڪيو آهي. سندس زندگي جي حسين پلن مان گذرڻ ڪي مختلف صنفن ۾ اظهاري ادب جي اوسر ڪئي آهي ايم فل (M-Phill)جي هن شاگردياڻي پر اثر آواز جو آلاپ بہ روح ۾ مي رقصم رقصان آهي. ريڊيو اسٽيشن خيرپور تي هن وقت ڪمپيئرر جا جوهر جلوا نما پنهنجي آواز سان رنگي تي. نشا ڪنول طبعيتن خوبرو، فقير منش ۽ خوش سياء مالڪ جي سهڻي تخليق آهي. نشاءِ ڪنول شاعري ڪان علاوه ڪهاڻيون بہ لکيون آهن ۽ مقالا پڻ سرجيا آهن. پڙهڻ ۽ پڙجهڻ سان هڪار هن دلڪش ۽ صاحب ڪتاب شاعره نرم ۽ نفيس جذبن جي مالڪ پڻ آهي. سندس شاعري ۾ رچاءُ ڪمال جو اٿس.

هجر جي اس
صفا ساڙي وجهندي آهي
وڇوڙي جي ڪاتي
پئي وڍيندي آهي
۽
ماڻهو جيئري ئي
مري ويندو آهي.

سندس نظم ڪي پڙهڻ سان ساهہ ٿو اچي نڙي ۾ قاسي محبت جي ماڳ ۾ ۽ من جي مندر ۾ مورتي جي مصور شاعرا حسن جي اسلوب ڪي سهڻو ويس اوڍايو آهي عشق جي آس ڪان اتم هجر جي اس سان عشق ڪي ترجيح ڏئي ڪري پيڙاهن جي پاتال ۾ پير رکڻ جو حوصلو ڏئي تي. وڇوڙي جي ڪات جي معيار موت جي دامن ۾ مس تي وڃي تي.
نشاءِ ڪنول ادب جي جدت مان چڱي ريت واقف آهي. وٽس نظمن سان گڏ غزلن جي به خوبصورت مالها آهي شاعري مان محبت حسن زندگي عشق جو اعليٰ نمونو ملي ٿو. اچو تہ سندس غزل جي حسناڪي ڪي ڏسون

هيڪلائي جي اس تي ساڙي
رج جي سفر ٿڪائي وڌو آ

ٻري ٿي باھ ڪائي من ۾
جدائي صفا ٿھڪائي وڌو آ

غزل جي ھن چار سٽن جو درد دل ۾ لھي وڃي ٿو ۽ ان عشق ۾ انسانيت جي حقيقي معنيٰ ملي ٿي.

توکي وسارڻ ممڪن نہ ھو
ناءُ دل تي ھڪ لڪير ھو

جڻ تہ ڪو نقش چٽيل ھو
ھا! اُڃارڻ ممڪن نہ ھو

نشاءَ ڪنول شاعري کي پنھنجي مزاج جو ڪٿو پارايو آھي. نشاءَ ڪنول جي شاعري ايندڙ وقت ۾ شاعري راڻي جي نراڙ تي تاج جيان ثابت ٿيندي. ڏٽي در دعا آھي تہ ھن ديس جي دلاري شاعره جيڪا ادب جي اسرڻ جي محنت ۾ مشغول آھي سان ايندڙ نسل لاءِ سرخرو ۽ نروار ثابت ٿئي.

# شبانا نواز عِلم ۽ اِحساس جو اڻ کُٽ سَمنڊ

عدم کان وجود جو سفر ڪُن کان شروع ٿيو ان وجود کي ڪائنات (Universe) جي ذري ذري جو علم ڏنو ويو ۽ بيان ڪرڻ لاءِ لفظن جي ڪاڻ جو بادشاه بڻايو ويو، فطرت جو ازل کان وٺي انسان کي مٿاهين مرتبي تي پهچائڻ لاءِ سبب ناهيا ته انسان پنهنجي زندگي کي ڪاڳر بنائڻ لاءِ پنهنجي ڏنل سگهه کي ڪاريگري ۾ استعمال ڪري، پنهنجي زندگي کي معيار جي موتين سان روشن ڪري. انسان جي خيال کي وسعت ڏني وئي ۽ وجود کي پاڪ ۽ پوتر قطرن جيان پرنور ڪيو ويو، جيڪي رت جي صورت ۾ شعور ۽ احساس جي خوراڪ جو عمل ڪن ٿا. انسان کي ڪائنات ۾ پنهنجي ڪائنات ناهڻ لاءِ رهنما ۽ گس ڏنا ويا ۽ ان جي زندگي کي خوشحالي سان گذارڻ لاء مختلف نعمتن سان نوازيو ويو. نعمتن ۾ وڏي نعمت احساس جي شعور جي شهه رڳ کي شاه بڻايو ويو ۽ ان احساس جي علم کي دنيا ۾ ايندڙ انسانن لاءِ شاهڪار علم جو رتبو مليو جنهن سان انسان حقيقي انسان جي معارفت تي پهچي ٿو.

جيڪڏهن انسان وٽ احساس ڪونهي ته انسانيت ڪونهي ۽ انسانيت ئي اصل عشق جو داستان آهي. زندگي ۾ ٿيندڙ ڪيترائي عشق عاشقن جي پلئہ پاند پيا. جن جي داستانن کي بہ احساسن جي دستار ٻڌل هئي ۽ اڄ بہ ان جو عڪس پنهنجي دل ۾ روشن نظر ايندو. سمنڊ ۾ رهندڙ مڇي جڏهن سمنڊ کي ڏسڻ چاهيندي تہ ان کي پنهنجي زندگي کي وڃائڻو پوندو ڇو تہ پاڻي کان نڪرڻ کان پوءِ هو پنهنجي عشق سان فراق ۽ وصال واري ڪيفيت سان سرشار ٿيندي ائين ئي انسان بہ هڪ قطري جيان دنيا جي ميدان ۾ مامور ڪيو ويو وصال کان پوءِ قطرو وڃي سمنڊ سان هڪ ٿيندو جيڪو هن جو اصل مقدر آهي.

زندگي ۾ رهڻ لاءِ مالڪ جي طرفان مڪمل تعاون ملندو اچي ٿو ۽ ان جي فضل جو فيرو هميشہ وانگر دنيا جي مڙني ملڪن مان سونهن سان شاهڪار ملڪ پاڪستان جي پاڪيزگي جو سندر پار سنڌ ڌرتي جي مٿان بہ رهيو آهي جو وجود جي شڪل ۾ خالق جا امر خالق جي حڪم سان پاڻ کي روشن ۽ وري پنهنجي روشني کي صدين جي سج وانگر سرشار ڪيون ٿا اچن. سنڌ صوبو ازل کان وٺي ڪري مٽيا دار ماڻهن جي شڪل ۾ موتي ڏنا آهن جن جي ڪرٽن جو اثر ٻين ماڻهن تي پوڻ ڪري اهي قيمتي گوهر ٿيو وڃن. احساس پاڻ هڪ آفاقي علم آهي ۽ علم هڪ پاڪ ڪيفيت آهي جيڪو

احساس جي ايشور کي ملندو آهي ۽ علم ان وهندڙ دريا جيان آهي جنهن جو مسلسل وهڪرو اکين ۾ عڪس جي صورت ۾ سمايل هوندو آهي.
سنڌ جيڪا ڇهه هزار سال ڌرتي جي وايو منڊل تي پنهنجائپ جو واس ڏنو آهي ۽ علم جا ڪيترا بي بها گوهر دامن ۾ پيش ڪيا آهن جن جو ذڪر اسان ڪتابن ۾ پڙهندا آهيون ۽ تاريخ ۾ تنبوري جي تار جيان روح کي رسيلو ڪندا رهن ٿا. ان سونهاري سنڌ ۾ جيڪر سونهن آهي تہ انهن موتين جي ڪري آهي جن جو وجود انسانيت لاءِ آقا جي مِثل هوندو آهي ان علم جي اڪابرن ۾ پنهنجائپ جي پنچائپ ۾ پڳدار جو ڪردار ادا ڪن ٿا انهن ۾ سنڌ جي ضلعي دادو سان تعلق رکندڙ ميڊم شبانا نواز جو نالو بہ سر فهرست آهي. پاڻ بي باڪ شخصيت، روح جي رهبر علم جي عالم، سيرت ۾ ساگر، صورت ۾ مصوري جي انتها ۽ ان سان گڏ سنڌ سان عشق جو الستي آلاپ سندس روح ۾ رچيل آهي.
سنڌ سون جهڙي ۾ جڙيل سونهن جي مالا ۾ شبانا نالي روشن موتي بہ سنڌ جي سونهن جو حصو آهي. پاڻ هڪ ئي وقت محقق، شاعر، ليکڪ، صحافي ۽ انسان دوست پرنور شخصيت آهن جن وٽ انسانيت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ هر وک حوصلي سان همڪنار رهن ٿيون ميڊم جي اسم مبارڪ جو مطلب رات جو پهر آهي ۽ ان جو اثر هن جي سنڌ سان عشق ۽ انسانن کي علم جي شعور ڏيڻ واري اڻ ٿڪ محنتن ۾ نظر ايندو، شبانا ان نوجوان عورت مان آهي جيڪا پلائي جي پنيور ۾ پنهنجي ماروئڙن جي سسئي جهڙو ڪردار ادا ڪري ٿي جيڪا سهڻي جي روپ ۾ سنڌ جي ميهارن لاءِ ڏکيا پيچرا اورانگهي ٿي جيڪا هر موسم ۽ هر وقت بنا ڪنهن لالچ ۽ لوڀ سان پنهنجي سنڌ ڌرتي ۽ ماڻهن سان خدمتن جي خلا جي خال کي پرڻ ۾ ڪوشان نظر ايندي آهي.
جيڪا" مصري شاهہ چواڻي موجب تہ جُز مان ڪُل اهو ٿيندو آهي جيڪو ٻين لاءِ جيئندو آهي " جي چوٽي جي چاڙهہ ۾ رنگيل آهي. سنڌ جو سور سيني ۾ سانڍي ساهہ سان نہ سمهڻ جو پور پنهنجي اندر ۾ اجاري ويٺل هن ديس جي دلاور شاعرا بہ پنهنجي اندر ۾ ٻرندڙ لاوو سندس هن ريت ترپي ٿو.

ڳٽتي ڪرڻ آ لازم دلدار ! ديس جي
گڏجي لهون ٿا سائين ! اٿ سار ديس جي

مون کي سمهڻ شبانا سک سان نہ ٿي ڏيئي
ڪلهہ رات مون ڀڳي جا ڀاڪار ديس جي

شبانا علم جي سچ جي ايرڻ جي انتظار ۾ هر وقت اتاولي نظر ايندي آهي. ميڊم ان جلوي جي انتظار ۾ آهي جنهن جو عڪس نوجوانن ۾ سندن تربيت ۽ تهذيب جي اهڃاڻ ڪي بلند مقام تي طور سينا جي چمڪاٽ وانگر ايندڙ نسلن جي دل تي اثر ڪري جنهن سان هر طرف احساس ۽ محبتن جو قافلو روان دوان نظر اچي ٿو.

شبانا نهايت ئي مخلص فقير مَنش ۽ ڪومل جذبن جي مالڪ آهي. سائنڻ سان منهنجي ملاقات تہ سوشل سائيٽ جي ڪري ٿي جنهن جي گفتگو مان نڪرندڙ موتي مهان ڪوي جي قول جيان ايندڙ نوجوانن لاءِ ڪنهن بي بها موتي کان گهٽ ڪين هوندا. ميڊم علم جي اڪابر ۽ احساس جي ايشورۍ ان وهندڙ ندي جيان آهي جتان هر ڪوئي فيضياب ٿئي ٿو. ان گنگا جي جَل جيان آهي جنهن جي سُرڪ چَکڻ سان اندر جي ميڙاڻ ختم ٿيو وڃي.
تازو ئي شايع ٿيل ڪتاب" وفائون ماٺ تي ويون آهن" جيڪو مرڪ پبليڪيشن ڪراچي طرفان ڇپجي پڌرو ٿيو. هن دور ۾ جنهن شي جي ڪمي آهي اها احساس جي آهي علم جي اڻ ڪٿ عالم ۾ هر هڪ ماڻهون ڏاڍو آهي پر جڏهن ڳالهہ احساس جي ايندي تہ اهو اڻ لڀ ملندو. شبانا نواز ان ڪمي کي پورو ڪيو آهي پنهنجي هن ڪتاب جي صورت ۾ هن ورق ورق تي چٽيل عشق جي احساس کي سنڀالڻ سيڪاريو آهي اچو تہ سندس خيالن مان لطف ماڻيون.

موت سولو زندگي اوکي ملي
سور سوکو پر خوشي اوکي ملي

پاڻ نڪتاسون سفر سهنجو هئو
واٽ ويندي بيوسي اوکي ملي

اسان لڙڪ آندي چپن تي چا هي
سچي ڪٿ خوشي ڪانہ پاتي شبانا

هن جُندا پَٽ ماحول ۾ هر سچي ۽ شعور رکندڙ ماڻهن لاءِ رڪاوٽون در رڪاوٽون پيدا ڪيون ويندڀون آهن ۽ ميڊم بہ انهن رڪاوٽن ۽ مشڪل گسن تان علم ۽ احساس جي اعليٰ ظرفي جي مدد سان منهن ڏنو جنهن جو هن وقت وجود ان جبل جيان مضبوط آهي جو زمين ۾ لڳل ميخن جي صورت ۾ نظر ٿا اچن جي اهي مضبوط روح مايوس ٿي وڃن تہ تاريخ ۾ انڊيرنگري جي اوندھ وري ولر ڪري سگهي ٿي. شبانا سندر جذبن جي مالڪ هئڻ ناتي سندن هڪ احساسن سان پريل " وفائون ماٺ ٿي ويون آهن " نالي ڪتاب ڇپجي ڪري علمي ۽ ادبي پورهيو علمي ڪيتر ۾ پنهنجي جڳهہ ولاري چڪو آهي. ميڊم ان انڊلٺ جي رنگن جيان سدا بهار رنگين روح آهي جنهن ڪي ڏسڻ سان ئي دل ۾ دعا ڪرڻ لاء خاموش آواز ۾ دعا ڪرڻ لاءِ صدا بلند ٿي ٿئي.
پاڻ مختلف سوشل ۽ سماجي ڪانفرنسز(Conferences) سان گڏ ميڊيا (Media) سان لاڳاپيل ڪيترن ئي پروگرامن ۾ شامل ٿي چڪي آهي. ميڊم شبانا هر وقت سنڌ جي تعليم کان محروم ٿيل نوجوانن جو سور سيني ۾ سانڍي پيڙاهن مان پار ٿيو وڃن ۽ ان وچن سان ان پاتال ڪي پوتر پورپ ٿيڻ جي سپني ڪي سانپيان ڪرڻ جي حقيقت ڪي پوري ٿيڻ لاء بہ اتاولي آهي. ڏٽي در دعا آهي تہ هن سندر روح جيجل شبانا نواز جن ڪي سدا شاد و آباد رکي ۽ صحت واري مڪمل زندگي عطا ڪري تہ جيئن سنڌ جي ڪاميابي لاءِ هر قدم اڳي کان اڳيري ٿين جنهن سان علم جي روشن ڏيئن جي فيض سان لاٽ ٻرندي رهي ۽ وجود جي خوشبو ۽ علم سان عشق دنيا جي مڙني ملڪن ۾ مامور نظر اچي مالڪ کان دعا آهي ادب سان لاڳاپيل ادبي عشق شاعري جي صورت ۾ ملندو رهي جنهن ايندڙ نسل لاءَ فائديمند ثابت ٿي.

# ڊاڪٽر انتساب حسين علم ۽ ماڻھپي جي درسگاھ

علم انسانيت ۽ عشق جو ڏيئو ڪو ڪو ٻاري ٿو ازل ڪان وٺي ڪري اڄ تائين ڪائنات ۾ ڪيترائي نندا وڏا انقلاب (Revolutions) اچي چڪا آهن. جيڪي ثراثر علم تي مبني آهن علم پاڻ هڪ اٽل حق آهي جنهن ٻه صدي ۾ حقيقتن جي تحقيق (Research ) تي آهي تہ اتي علم جي تحقيق ڪئي وئي آهي جيڪا اڳتي هلي ڪري فيصلن ڪان پوء ان ۾ واڌ ويجھ (Growth) ڪري ڪتابن جي شڪل ۾ معاشري جي اڳيان پيش ڪيو ويو آهي. انهن تحقيقن ۽ انقلابن ۾ اڪثر ڪائنات جي رازن کي ظاهر ڪرڻ يا وري ستارن جي چمڪات ۽ ان تي زندگي ملڻ جي دائري محور ۾ جاڪوڙ ڪئي وئي آهي. جنهن جا مختلف آثار ملڻ ڪان پوء ان کي ڊائڪومينٽري (Documentry) جي شڪل ۾ رڪارڊ(Record) تي رکيو ويو آهي.

اهي سڀ علم جي ميدان ۾ جاڪوڙي نندا وڏا انقلاب اچي چڪا آهن ۽ ڪجھ وري اڄ تائين جاري آهن. انهن جاري انقلابن ۾ پاڻ علم سان گڏ انسانيت (Humanity) جو بہ ذڪر ڪندا هلون تہ انسانيت علم سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي نروار رهي آهي. مختلف صدين جي انقلابن جي پس منظر (Background) ۾ هميشہ انهن ماڻهن ئي تحقيق ڪئي آهي جن وٽ انسانيت کي زنده رکڻ لاء پاڪ خيال ذهن ۾ سمايل رهي ٿو اها ئي علم سان گڏ ماڻھپي جي نشاني آهي تہ علم هميشہ ادب ۽ اخلاق جي رڳ (Vein) مضبوط ڪئي آهي جيڪا هر ماڻهون کي معاشري ۾ رهندڙن سان نياء ڪرڻ جو درس ڏئي ٿو، پاڻ جنهن سوسائٽي (Society ) ۾ رهون ٿا اها ڇھ هزار سال پراڻي مهذب ثقافت رهي آهي جتان هميشہ تهذيب، تمدن ۽ اخلاق جو بنياد پيو آهي.

جتان جنهن نڪتي جو بنياد پيو هجي تہ اتي ڪيترا دانشور , علم جا اڪابر عالم ۽ فاضل ٿي خدمتون سرانجام ڏنيون آهن ۽ اڄ تائين انهن کي ڪتابن ۾ پڙهيو وڃي ٿو سنڌ صوبو هر دور ۾ مختلف شعبن ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيو آهي سنڌي نوجوان پنهنجي صلاحيتن جي محور ۾ ڪاميابين سان هم ڪنار رهيا آهن انهن نوجوانن ۾ اتر سنڌ جي ضلعي لاڙڪاڻي سان تعلق رکندڙ استاد انتساب حسين سدهايي جي شخصيت بہ علم ۽ انسانيت جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ ۾ اڳيرو رهيو آهي. هن هميشہ علم ۽ انسانيت کي بلند ڪرڻ لاء هر ممڪن ڪوشش ڪئي آهي. ڊاڪٽر انتساب حسين 13 آگسٽ 1980 ۾ فدا حسين سدهايي جي گهر لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو شروعاتي

تعليم مئٽرڪ علامہ اقبال اسڪول ڪراچي ۽ انٽرميڊيئيٽ شاھ لطيف ڪاليج قمبر مان حاصل ڪيائين جنھن کان پوءِ قائد عوام يونيورسٽي نواب شاھ مان ڪمپيوٽر سسٽم انجنيئرنگ ۾ گريجوئيشن جي سند 2003 حاصل ڪيائين. سر ڊاڪٽر انتساب حسين زندگي جا مشڪل پيچرا اورانگھي عِلم جي عَلم کي اڄ بہ مضبوطي سان مٿانھون ڪري بيٺو رھيو آھي. جنھن ھن جي زندگي کي ڏيئي جيان روشن ڪردار ڪري معاشري جي اڳيان پيش ڪيو آھي ڊاڪٽر انتساب پاڻ ھڪ نھايت ئي شفيق بااخلاق، خوبرو، نرم مزاج، فقيراڻي طبعيت جو مالڪ آھي.

ھو چمڪندڙ موتي آھي جنھن جا ڪرتا علم جي اڻ کٽ سمنڊ تي خاموش راز جيان رازدار ھوندا آھن ۽ جنھن جي روشني ۾ سرور ۽ سڪون پلجندو رھي ٿو . سائين سان منھنجي ملاقات 2013 ۾ ٿي جڏھن مان قائد عوام يونيورسٽي جي ڪمپيوٽر سسٽم جي شعبي جي ٽئين سال ۾ پڙھي رھيو ھئس ۽ سر ان سال جي ٻئي سيمسٽر ۾ پڙھائي رھيو ھو. سر انتساب ان ذھين شاگردن مان آھي جنھن سند حاصل ڪرڻ کان ڪجھ ئي عرصي ۾ ساڳئي يونيورسٽي 2004 ۾ ليڪچرار طور خدمتون سرانجام ڏنيون ڪجھ عرصو پڙھائڻ کان پوءِ 2006 ۾ ٻاھرين ملڪ فرانس جي شھر پئرس جي ڊسڪارٽس درسگاھ مان ڪميونيڪيشن سيڪزيورٽي ۾ ماسٽر ۽ پي، ايچ، ڊي ڪئي. پڙھائي جي دوران ان ۾ يونيورسٽي ۾ عارضي طور ارڙنھن مھينا پروفيسر طور فرض نڀايو. سر انتساب پي، ايچ، ڊي 2013 ۾ مڪمل ڪئي جنھن جي بنسبت اڄ تائين ڪيترائي شاگرد سر جي زيرنگراني ۾ علم جي شعبي مان پاس ٿيا آھن. ڊاڪٽر انتساب ساڳئي ريت علمي ڪيتر ۾ مختلف قومي۽ بين الاقوامي ڪتاب شايع ڪندڙ ادارن سان بہ وابسطہ آھن جن جي نسبت سان سر ھميشہ سوانح حيات ۽ تاريخ جي ڪتابن جو بہ وڏي چاھ سان مطالعو ڪندو رھي ٿو. ان سان گڏوگڏ قائد عوام يونيورسٽي 2011 ۾ ٿيندڙ چٽا ڀيٽي جو مقابلو(Quiz Competition) ۽ زراعت يونيورسٽي فيصل آباد ۾سندن فاتح قرار ٿيا. ھن وقت قائد عوام يونيورسٽي نوابشاھ جي تار ۽ ٽيليفون جي شعبي(Department Telecommunication) جا چيئرمين (Chairman) ۽ ايسوسيئيٽ پروفيسر(Associate Professor) طور علم جي ڏيئي کي روشن ڪرڻ ۾ ڏينھن رات اڃاگر آھن.

سر انتساب يونيورسٽي جي ساليانِي(Yearly) ٿيندڙ داخلا ٽيسٽ ( Entry Test) جي ڪميٽي (Committee) جا ميمبر(Member) پڻ آھن. علم سان وابستہ رھڻ جي ڪري

يونيورسٽي ۾ نوجوانن لاءِ ڪيترائي ئي مستقبل سڌارڻ جي رهنمائي لاءِ ٽريننگس پڻ ڏنيون آهن. علمي ڪيتر سان گڏ سنڌ صوبي ۽ قائد عوام يونيورسٽي جي ڪيترين ئي سماجي تنظيمن ( Social Organizations) جو ميمبر (Member)۽ صلاحڪار ( Advisor) طور پنهنجو فرض ادا ڪيو آهي جنهن سان سنڌ جي نوجوانن ۾ علم کي اجاگر ڪرڻ ۾ حوصلو پيدا ٿيو آهي. سماجي تنظيمن ۾ ميف,(MEIF) ايس -ايس- ايف ,(SSF) يوٿ پارليامينٽ چيپٽر(Youth Parliament Chapter ) ,۽ نواب شاهه ٽيسٽنگ سروس جو چيف پئٽرون( Cheif Patron) طور خدمت سرانجام ڏئي رهيو آهي.

سر انتساب دنيا جي مڙني ملڪن مان ڪيترائي ملڪ پڻ پهنجي اکين جي عڪس ۾ سانڍي رکيا آهن جن ۾ فرانس، جرمني، انگلينڊ، سويڊن، ڊينمارڪ، سوئزرلينڊ، آسٽريا هالينڊ، بيلجم، اٽلي، ڪينيڊا، سلوواڪيا، زيڪ، هنگري، بحرين، لگزمبرگ، لچٽينسٽائن ۽ ترڪي شامل آهن. ڊاڪٽر انتساب سان جڏهن به منهنجي فون تي يا روبرو گفتگو ٿي آهي ته هميشه علم ماڻهپي ۽ پهنجائپ جي اندلٽ جي رنگن جيان ڀڪنڊڙ گفتگو ٿيندي آهي جتان مون هميشه سکڻ لاء ڪجهه نه ڪجهه سوالن ۽ جوابن جو سلسلو جاري هوندو آهي. ان جي وچ ۾ اڪثر سر سنڌ جي نوجوانن جي بي روزگاري ۽ جهالت جو سيني ۾ سانڍيل سور سليندو آهي جيڪي دل ۽ دماغ ۾ طبعيت بدلائڻ جو اثر رکن ٿا سر انتساب هميشه سنڌ جي نوجوانن مان تعليم جي انقلاب جي اميد رکي ٿو ۽ سندن چوڻ آهي ته سنڌ جا نوجوان تعليم ڏانهن ڌيان ڏئي ڪري سنڌ ۽ سنڌي ٻولي جو مان مٿانهون ڪن ۽ هر عمر ۾ ڪامياب رهڻ لاء نوجوانن کي اصول اپنائڻ جي تلقين ڪندو رهي ٿو سندن چوڻ آهي ته پنهنجو ظاهر ۽ باطن ساڳيو رکو ۽ دلين مان حسد جي بدارن محبت جي موتين کي روشن ڪيو ۽ سادگي واري زندگي بسر ڪريو جيڪا هميشه مون سان گڏ ٻين لاء به هڪ درس ۽ زندگي کي ڪامياب ڪرڻ جو ڪارگر نسخو آهي. آخر ۾ ڏٽي در دعا آهي ته سنڌ جي اهڙي انمول انسان کي سدا سکيو رکي ۽ زندگي ۾ ڪوڙ ساڙيون ڪاميابيون سندن قدم چمن ۽ هر منزل تي سرخرو ٿين.

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊيجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو ڪيو آهي ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ مشاهدن کي ڪي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن جن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي پر اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو پورو ساٿ نڀائيندا.

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book